# شاهه لطف الله قادري

# جو

# ڪلام

تحقيق ۽ تصحيح

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# شاه لطف الله قادريءَ رحمة الله عليه

# جو ڪلام

تحقيق ۽ تصحيح

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

كتاب جو نالو: شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام

تحقيق ۽ تصحيح : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڇاپو: ٽيون 2010

تعداد : 1000 ڪاپيون

قيمت : سؤ روپيا

ڪمپوزنگ : لعل محمد قريشي

ڇپيندڙ : عريبه پبليڪيشنس ڪراچي5210909

ڇپائيندڙ: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ



هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وٽ محفوظ آهن


قيمت : 100 روپيا


Title of Book : Shah Lutf Allah Qadri Jo Kalam
Research By: Dr. Nabi Buksh Khan Baloch
Edition : Third 2010
Quantity : One Thousand
Composing : Lal Mohammad
Printer : Areeba Publications Karachi
Publisher : Culture Department, Govt. of Sindh


Price : Rs: 100

نوٽ: هي ڪتاب ڪلچر ڪتاب گهر، ويجهو ايم پي اي هاسٽل،
سر غلام حسين هدايت الله روڊ تي دستياب آهي.
فون نمبر: 021-9206073-9206144

# فهرست


| | |
|---|---|
| ناشر طرفان | 5 |
| مهاڳ | 7 |
| مقدمو | 8 |
| متن رسالي جو | 51 |
| قسم اول: وحدت | 54 |
| قسم ٻيو: سالڪن جو سلوڪ | 62 |
| قسم ٽيون: چئن ڪلمن جي صفت | 68 |
| قسم چوٿون: توحيد ۽ موحد | 76 |
| قسم پنجون: عشق ۽ عاشقن جو حال | 89 |
| قسم ڇهون: فقر ۽ فقير | 99 |
| قسم ستون: پير، مرشد ۽ جوڳي | 131 |
| منهاج المعرفت مان سنڌي بيت | 136 |

# ناشر طرفان

شاهه لطف الله قادري (1020-1090هه ) سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعري جي حوالي سان تمام وڏو نالو آهي. سندس ٻه ڪتاب "سنڌي رسالي" ۽ "منهاج المعرفت" تي سنڌ جي وڏي عالم، اديب ۽ پارکو، تحقيق ڪري ترتيب ڏنو ۽ ان کي شاهه لطف الله قادري جو ڪلام جي عنوان سان سپ ڪان پهريان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1968ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 2004ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، لطف الله قادري جي ان ڪلام کي ميين شاهه عنات جي ڪلام ۽ حضرت شاهه عبدالڪريم جي ڪلام جي بيتن جي ڪڙي قرار ڏنو آهي. ڪتاب ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جو لکيل مقدمو به وڏي اهميت جو حامل آهي، جو ان ۾ لطف الله قادري جي سوانح حيات ۽ شاعري تي عالمانه گفتگو ڪئي ويئي آهي.

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ جي اها ڪوشش رهي آهي ته سنڌ جي تاريخ ، آڳاٽي ادب ، آثار قديمه ۽ ٻين اهم موضوعن تي ڪتاب شايع ڪري. ان کان علاوه اهي ڪتاب به ٻيهر ڇپرايا وڃن، جيڪي هن وقت مارڪيٽ ۾ موجود نه آهن. ثقافت کاتي طرفان گذريل ٻن سالن ۾ کاتي جي وزير، محترمه سسئي پليجو جي هدايتن تي شاهه جو رسالو، سچل سرمست جو رسالو، شاهه

عبدالڪريم بلڙي واري جو ڪلامُ ڪلام گرهوڙي ۽ پيهر شايع ڪيا ويا آهن. ان رٿا تحت لطف الله قادري جو ڪلام شايع ڪيو پيو وڃي.. اميد آهي ته پڙهندڙ اسان جي هن ڪوشش کي ساراهيندا.

شمس جعفراڻي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# مهاڳ

شاهہ لطف الله قادري (1020-1090هہ) جي "سنڌي رسالي" جو دستياب ٿيڻ ۽ پڻ سندس بيءِ ڪتاب "منهاج المعرفت" جو ملڻ سنڌي علم ادب لاءِ هڪ نيڪ فال آهي. انهن ٻن ڪتابن مان هٿ ڪيل ساڍن ٽن سون ڪن بيتن جو هيءُ اڻاٽو ۽ ناياب ذخيرو، سنڌيءَ جي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جي تاريخ کي روشن ڪري ٿو. ميين شاهہ عنات جو ڪلام، حضرت شاهہ عبداللطيف کان فوري اڳ واري دور جو سرمايو آهي. لطف الله قادري جو رسالو ۽ بيت وري ميين شاهہ عنات جي ڪلام ۽ شاهہ عبدالڪريم جي مثالي بيتن جي وچ واري ڪڙي آهن. شاهہ لطف الله قادري جي بيتن جي اشاعت سان شاهہ عبدالڪريم بلڪ قاضي قادن کان وٺي شاهہ عبداللطيف جي دور تائين سنڌي اساسي شاعري جي ارتقاء ۽ عروج جي تاريخ روشن ٿئي ٿي.

سنڌ يونيورسٽي کي جس جڳائي جنهن جي اشاعتي پروگرام هيٺ هيءُ اهم ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. محترم شيخ محمد سومار (ساڪن بدين) جا وڏا احسان جو شاهہ لطف الله جو "سنڌي رسالو" هٿ ڪري ڏنائين. حافظ احمد لاڪي (ساڪن لڳ ميرپور بٺورو) جا قرب جو "منهاج المعرف" وارو قلمي مجموعو بنده جي حوالي ڪيائين. محترم محمد طالب لوهار، ممتاز مرزا ۽ شيخ محمد اسماعيل پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۽ پروفن پڙهڻ جو بار پنهنجي ذمي ڪيو، مسٽر غلام علي الانا ان جي ڇپائي جو انتظام ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽي پريس جي مئنيجر مسٽر اعجاز محمد صديقي ۽ محمد حسن بلوچ ۽ سندس ساٿي ڪمپازيٽرن، ڪتاب جي سهڻي ڇپائي ڏانهن توجهہ ڏنو. بنده انهن سيني صاحبن جو شڪر گذار آهي.

سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد
25 ذوالحج 1387هہ
25 مارچ 1968ع

خادم العلم
نبي بخش

## باسمه تعاليٰ

# مقدمو

### بيتن جا سرچشما

شيخ المشائخ شاهہ لطف الله قادري جا هي ناياب بيت، سنڌس ٻن مکيہ ڪتابن "منهاج المعرفت" ۽ "سنڌي رسالي" مان مليا آهن. جن جو احوال هيٺينءَ ريت آهي:

**منهاج المعرفت:** سنہ 1955ع ڌاري ڊاڪٽر پروفيسر نبي بخش قاضي ڪان مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ڪي ٻڙ هي ڪتاب مليو جنهن جي آڌار تي ماهنامہ "نئين زندگي" سيپٽمبر 1958ع ۾ ڊاڪٽر صاحب مرحوم "سنڌي قديم شاعري (شاهہ ڀٽائي ڪان اڳ)" جي عنوان سان هڪ مضمون لکيو جنهن جو مهاڳ هن طرح آهي:

"ٿيو سال اتفاق سان عزيزم پروفيسر قاضي نبي بخش جي معرفت "بيان العارفين" جو هڪ نسخو مليم، جنهن سان گڏ لطف الله قادريءَ جو هڪ نادر فارسي ڪتاب "منهاج المعرفت" بہ شامل هو، جو هن سنہ 1078 هجري ڌاري لکڻ شروع ڪيو يعني شاهہ لطيف جي ولادت کان 34 ورهيہ اڳي. منجهس قادري طريقي موجب 13 باب سلوڪ جا ڏنل آهن. هر هڪ باب جي آخر ۾ هڪ يا بہ بيت سنڌيءَ ۾ ڏنل اٿس. اهڙا بيت ڪل 15 آهن جن مان هڪ ٽن سٽن وارو، ڏهہ چئن سٽن وارا، بہ پنج سٽا، هڪ ڇهہ سٽو ۽ هڪ ست سٽو بيت آهي. انهن مان خبر پوي ٿي تہ شاهہ ڪريم جي وفات کان ٿورو پوءِ سنڌي بيت ۾ ڪيتري نہ قدر ترقي ٿي ويئي هئي."

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مضمون ۾ فقط پنج بيت نموني طور ڏنا هئا، پر جيئن تہ "منهاج المعرفت" هڪ اڳاٽو ڪتاب هو، بنده ڪي بيحد

اشتياق رهيو تہ باقي بيت پڻ پڙهي شايع ڪجي، اتفاق سان ڊاڪٽر داؤد پوٽو صاحب سگهوئي پوءِ اسان کان جدا ٿي ويو ۽ راقم کي هن ڪتاب ڏسڻ جو موقعو نہ مليو. جڏهن محترم ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب کان پڇيا ڪيم تہ ٻڌايائين تہ:" اهو قلمي ڪتاب ڊي. جي ڪاليج، حيدرآباد جي لئبرري جو هو ۽ مون ڊاڪٽر صاحب جن جي حوالي ڪيو هو جو پوءِ وٽن ئي رهجي ويو."

انهيءَ اُميد تي تہ من هي ڪتاب ڪٿان ملي وڃي، مسلسل ڳولا جاري رکي وئي. پنجن سالن بعد سنہ 1963ع ۾ حافظ احمد لاڪي جي ڳوٺ (تعلقو ميرپور بٺورو) وڃڻ ٿيو، جتي سندس وڏن جي ڪتبخاني جا باقي بچيل ڪتاب ڏٺا ويا. حافظ احمد صاحب مهرباني ڪري هڪ قلمي جلد تحفي طور ڏنو، جنهن ۾ هيٺيان ڪتاب شامل هئا: 1- منهاج المعرفت، 2- نظم سنڌي (قافيہ الف اشباع)، 3- "رسالہ ميان سلامت رحمت الله عليہ يعني شاهہ عبدالڪريم صاحب بلري قدس سره" يعني بيان العارفين (فارسي)، 4- فقہ جو هڪ رسالو (فارسي)، 5- هڪ فارسي نظم. هن جلد جي هڪ ورق تي "فدائي نام محمد مدام ابراهيم" جي سجع سان مالڪ "حافظ ابراهيم ولد مرحوم مغفور عبدالوا......." جي مهر لڳل آهي ۽ پڻ هڪ آخري ورق تي "بتاريخ سيزدهم روز دوشنبہ ماه مبارڪ ذوالحج سنہ 1202" لکيل آهي.

هن مجموعي ۾ "منهاج المعرفت" جملي 107 ورقن تي شامل آهي ۽ آخر ۾ ڪتابت جي تاريخ هن طرح ڄاڻايل آهي:

"تمت تمام شد نسخہ منهاج المعرفت از تصانيف
شيخ لطف الله مرحوم قادري
و از تحرير فارغ شد بتاريخ 14 ماه ربيع الاول سنہ1208 هجري

"رسالي ڪريمي" جي آخر ۾ ڪتابن جي تاريخ ڄاڻايل ڪانهي، پر ٻئي ڪتاب لڳ ڀڳ ساڳئي وقت جا لکيل ٿا ڀانئجن. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم کي قاضي نبي بخش وٽان جيڪو قلمي نسخو مليو هو، تنهن ۾ پڻ "منهاج المعرفت" ۽ "رسالو ڪريمي" ٻئي شامل هئا، مگر "منهاج المعرفت" وارو متن غالباً ناقص هو ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر صاحب جي لکڻ موجب ان ۾

جملي "13 باب سلوڪ جا" ۽ "سنڌي بيت ڪل 15" هئا. اسان جي آڏو جيڪو قلمي نسخو آهي، تنهن جي مقدمي مان ظاهر آهي تہ مصنف هي ڪتاب ايڪيهن بابن ۾ جوڙيو ۽ ان ۾ ڪم از ڪم ويهہ سنڌي بيت موجود آهن. [1] جي اسان "سنڌي رسالي" جي پويان ضميمي طور ڏنا آهن. [2]

**سنڌي رسالو:** "منهاج المعرفت" جي ملڻ بعد وڏيڪ آسرو ٿيو تہ شايد هن بلند پايي عالم ۽ عارف جا ڪي ٻيا ڪتاب پڻ دستياب ٿين، انهيءَ ڪري وڏيڪ ڳولا جاري رکي وئي. سنہ 1964ع ۾ اسان جي ساٿي ۽ سڄڻ شيخ محمد سومار صاحب (ساڪن بدين) هڪ سنڌي قلمي جلد مطالعي لاءِ موڪليو جو ظاهر ۾ فقه جو ڪتاب ٿي لڳو، ڇاڪاڻ تہ ان جي شروع ڪان وٺي ڳچ حصي تائين سرسري نظر ڪندي فقهي مسئلن ۽ ٻين ديني حڪمن ۽ هدايتن جوئي ذڪر نظر ٿي آيو. ان ڪانسواءِ غلام محمد مزين (حجام) جنهن جي مطالعي هيٺ هيءُ ڪتاب رهيو، تنهن پڻ مٿئين ورق تي نيري مس سان هيٺين عبارت لکي ڇڏي آهي:

"تذڪرة الطالبين سنڌي فقہ قلمي آهي
جوڙيل مخدوم مولوي عبدالله مقتدي مولوي
مرحوم محمد هاشم صاحب رحمت الله عليه ٺٽي يعني نگرواري جو
غلام محمد مزين"

هن جلد جي منڍ وارا اصلوڪا سيئي ورق سلامت نہ هئا، مگر باقي بچيل ورقن تي شروع ڪان آخر تائين ميان غلام محمد مزين نيريءَ مس سان هڪ ڪان وٺي 227 تائين صفحا هٽي ڇڏيا هئا.

فراغت ۾ بنده جڏهن تفصيل سان هن قلمي جلد جو مطالعو ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ هيءُ فقط هڪ ڪتاب ناهي مگر هيٺين منظوم سنڌي ڪتابن

---

1- باب نمبر 1، 2، 3، 4، 5، 6، 9، 10، 11، 12، 13، 14، 15، 16، 17، 18، ان هر هڪ جي آخر ۾ هڪ سنڌي بيت ڏنل آهي. بابت نمبر 19 ۾ ٻہ بيت (وچ ۽ آخر ۾) آهن. باب نمبر 20 ۾ ڪوبہ بيت ڪونهي ۽ وري باب 21 جي آخر ۾ ٻہ بيت ڏنل آهن. موجوده نسخي ۾ باب نمبر 7 ۽ 8 غالباً ناقص آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ٻئي ڪنهن بہ نسخي ۾ انهن بابن هيٺ ۽ پڻ باب نمبر 20 هيٺ ڪي بيت موجود هجن.

2- ڏسو هيٺ صفحو 136



’منهاج المعرفت‘ جي خاتمي وارو صفحو



'سنڌي رسالي' جي شروع وارو صفحو



’سنڌي رسالي‘ جي خاتمي وارو صفحو

۾ رسالن تي مشتمل هڪ مجموعو آهي. 1- متفرقہ عبارتون (پهريان چار صفحا)، 2 تذڪرة الطالبين مخدوم عبدالله جو (ص5-134) 3- ”چهل حديث“ (ص ص 135-155) 4- عقيقه باب سمجهاڻي (ص156-163) 5- بدعتن خلاف هدايت نامو (ص ص 163-194) 6- درود حاضري پڙهڻ جي تربيت (ص 194-200) 7- نبي ﷺ جن جي شان ۾ شيخ عبدالنبي جي عربي قصيدي جو منظوم سنڌي شرح جوڙيل محمد صلاح جو. 8- بيتن ۾ سنڌي رسالو. هن ”مجموعي“ وارو. اهو آخري ڪتاب ئي شاهہ لطف الله قادري جو رسالو هو. جنهن جو دستياب ٿيڻ نهايت نيڪ فال هو.

هيءُ ”سنڌي رسالو“ هن قلمي مجموعي ۾ (غلام محمد مزين طرفان لڳايل صفحن مطابق) صفحي 241 کان شروع ٿي صفحي 327 تي ختم ٿئي ٿو. يعني تہ جملي 87 صفحن ۾ سمايل آهي. مگر غور سان مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ صفحي 318 بعد ڪي ورق نڪري ويا آهن. صفحي 318 جي پڇاڙي ۾، نشان طور ٻئي لاڳيتي (صفحي 319) جو پهريون لفظ ”تيلاه“ ڄاڻايل آهي، مگر صفحي 319 تي اهو لفظ موجود نہ آهي. رسالي جي بابن مان ”قسم ڇهين“ هيٺ اهي ورق ڪتل آهن. ”قسم ڇهين“ جي شروع ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن جملي ۾ هڪ سؤ ڀاهٺ بيت، مگر موجوده متن ۾ فقط 115 بيت آهن: يعني تہ 47 بيت ڪتل آهن. ڪاتب جي لکڻي موجب هر صفحي تي 3 يا 4 بيت لکيل آهن ۽ انهيءَ حساب سان غالباً 12 صفحا يا 6 ورق ڪتل آهن.

”سنڌي رسالي“ جو هيءَ متن ڪنهن ٻئي قلمي نسخي تان ”الهڏني بن ابراهيم“ نالي ڪاتب، سيد قادر ڏني شاهہ لاءِ اُتاريو. رسالي جي ستن ”قسمن“ (بابن) مان هر هڪ ”قسم“ جي شروع ۾ مصنف طرفان بيتن جو تعداد ڄاڻايل آهي. پر سواءِ پهرئين ”قسم“ جي ٻين ڇهن ئي ”قسمن“ هيٺ بيتن جي ڄاڻايل تعداد ۽ هن قلمي نسخي ۾ موجود بيتن جي تعداد ۾ فرق آهي.[1]

ان مان ظاهر آهي تہ نسخن جي نقل در نقل ۾ پڻ شايد ورقن جي

1- تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ مقدمو ص (26)

هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تي مٽ سٽ يا ضايع ٿيڻ سببان اهو فرق واقع ٿيو آهي.

رسالي جي ڪاتب جيڪا صورتخطي استعمال ڪئي آهي، تنهن ۾ حرفن ۽ ڪن لفظن جون صورتون ائين آهن جيئن هيٺ ڏنگين ۾ ڏنل آهن:

**حرف:** ٻ (ب)، ڀ (ٻ)، ٺ (ٽ، ٺ)، ٽ (ٽ)، ٿ (ت، ٿ)، ڄ ۽ ڃ (ڄ)، ڇ (ڇ)، جهہ (ج)، ڏ (ڏ)، ڊ ۽ ڍ (ڊ)، ڌ (ڎ ڌ)، ڙ (ڙ)، ڦ (ڦ)، ڪ، گ، ڳ، ڱ، (ک)، ڻ (ن)

**لفظ:** "هن"، "هين" ۽ "هون" جي اچار ڪي (هم) لکڻ سان ادا ڪيو ويو آهي. مثلاً ھڏهن (هڏهم)، اتاهين (اتاهم)، ڇهون (ڇهُم)، جيها، تيها، ڪيها، ڪي ڪاتب (جها، تها، ڪها) ڪري لکيو آهي. ويو، رهيو، آيونِ. وغيره الفاظ "ي" جي بدران "ع" سان لکيا اٿس. (وئو رهئو، آئونِ = ڪين آيو وٽن آيو). "امڙ" ڪي (امن) ۽ "ماڙهو" ڪي (مارو) ڪري لکيو اٿس.

ڪاتب طرفان رسالي جي آخر ۾ ڪابت جي تاريخ ڏنل ڪانهي، مگر هن نسخي جي انهيءَ صورتخطي جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ ڪاتب الهڏني اهو نسخو موجوده صورتخطيءَ جي رائج ٿيڻ (اندازاً 1860) کان اڳ لکيو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هي نسخو اڄ کان ڏيڍ يا پونا ٻہ سؤ سال کن اڳ جو لکيل هجي.

## سوانح حيات

شاهہ لطف الله قادري جي سوانح بابت هن وقت تائين ڪا خاص تفصيلي معلومات حاصل نہ ٿي سگهي آهي، مگر خوش بختي سان سندس ٻہ ڪتاب "سنڌي رسالو" ۽ "منهاج المعرفت" موجود آهن، جن مان ظاهر آهي تہ هو هڪ اهل دل عالم ۽ صوفي، پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ۽ سنڌي زبان جو خادم هو.

"سنڌي رسالي" جي خاتمي تي، ڪاتب ڪيس "شيخ المشائخ شاهہ لطف الله قادري رحمت الله عليه ساڪن اگام" ڪري لکيو آهي[1] اهو اهڃاڻ سندس سوانح جي سلسلي ۾ نهايت قيمتي آهي. "اگام" مان مراد يقيني طور

1- ڏسو صفحو 135

”اڳهم“ آهي: ان نالي سان سنڌ ۾ هڪ ”اڳهم“ جو ڳوٺ هو جو ٺٽي شهر کان ٿي ڪوهہ پري هو ۽ سنہ 1153ھ ۾ موجوده هو.[1] ٻيو سنڌ جو تاريخي ۽ قديم شهر ”اڳهم ڪوٽ“ يا ”اڳهاماٿو“ آهي، جنهن جا آثار حيدرآباد کان 20-25 ميل ڪن ڏکڻ اوڀر طرف تعلقي ماتلي ۾ واقع آهن.

”منهاج المعرفت“ سان لاڳيتو شامل شاهہ ڪريم جي رسالي (بيان العارفين) جي قلمي نسخي جي حاشيي تي ڪنهن لکندڙ ٽن جدا جاين تي ”منهاج المعرفت“ مان عبارتون نقل ڪيون آهن ۽ هرجاءِ تي مصنف جو نالو ”شيخ لطف الله تتئي“ يعني ”ٺٽوي“ ڪري لکيو آهي. ٻئي هڪ پوئين ورق تي ”منهاج المعرفت“ مان عبارت نقل ڪندي مصنف جو نالو شيخ لطف الله قادري“ پڻ لکيو اٿس. انهن عبارتن مان هڪ گمان اٿي ٿو تہ شايد شاهہ لطف الله قادري ٺٽي جي پرواري ڳوٺ ”اڳهم“ جو هجي، ٺٽي واري انهيءَ قريبي نسبت سببان ڪيس ”ٺٽوي“ پڻ سڏيو ويو هجي. مگر اهڙي گمان جي خلاف ٻيا دليل اٿن ٿا جي ان کي رد ڪن ٿا: اول تہ فقط مير علي شير قانع تحفت الڪرام ۾ انهيءَ ”اڳهم ڳوٺ“ جو نالو ضمناً ڪنيو آهي، مگر ان جي ٻي ڪا مشهوري بيان ٿيل ڪانهي. جيڪڏهن شاهہ لطف قادري ”اڳهم ڳوٺ“ يا ”ٺٽي“ جو هجي ها تہ مير علي شير قانع کان ڳجهو نہ رهي ها. قانع جي تصنيفن ۾ ”لطف الله“ نالي جن بہ بزرگن جو ذڪر آيو آهي، سي شاه لطف الله قادري کان مختلف معلوم ٿين ٿا. مير علي شيرقانع، تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو ص 558) ۾ ”ميان لطف الله مدرس“ (ٺٽوي) جو ذڪر ڪيو آهي، جو ”هڪ مرد ڪامل، پنهنجي وقت جو مشهور جامع العلوم ۽ زماني جو وڏي ۾ وڏو عالم هو. ”مقالات الشعراء“ ۾ ”لطف الله ڪتابي“ جو مختصر ذڪر آهي (ص 838) جو سال 1150ھ کان پوءِ بہ زنده هو. ٻي جاءِ (ص 694) تي ”لطف الله نالي فارسي شاعر جو نالو ملي ٿو. مگر اهي مڙيئي بزرگ شاهہ لطف الله قادري کان سواءِ ڪي ٻيا هئا.

زياده قرين قياس ائين ٿي معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطف الله قادري، سنڌ جي مشهور ۽ قديم تاريخي شهر ”اڳهم ڪوٽ“ جو هو جو ڏهين صدي

1- ڏسو تحفت الڪرام (سنڌي ترجمو. سنڌي ادبي بورڊ 1957ع) ص 268

هجري ۾. بلڪ ان ڪان اڳ عالمن . صوفين ۽ درويشن جو مرڪز بڻجي چڪو هو. خصوصاً ڏهين صدي جي پوئين اڌ ۾ مشهور ولي مخدوم اسماعيل سومري (وفات 996 ھ) ۽ سندس همعصر عالمن ۽ بزرگن پنهنجي علمي ۽ روحاني فيض سان اگهمر ڪوٽ کي نوازيو. جنهن ڪري هتي وڏا مدرسا قائم ٿيا، جن ۾ مشهور عالمن پڙهايو. اهي درسگاهون ۽ بزرگن جون درگاهون 12 صدي هجري تائين وڏي اوج تي رهيون. "شاهه لطف الله" جي تعليم ۽ تربيت اگهمر ڪوٽ جي انهن ئي اعليٰ درسگاهن ۾ لائق استادن جي زير نظر ٿي.

ساڳئي وقت اگهمر ڪوٽ "سهروردي" توڙي "قادري" طريقن جي بزرگن جي فيض ۽ هدايت جو پڻ مرڪز هو. جن پنهنجي زندگي کي عوام جي اخلاقي تربيت ۽ روحاني خوشيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. حضرت غوث الثقلين عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان ابو المناقب شيخ جمال الدين عبدالله جي مريدن مان حضرت شيخ اسحاق بن سلطان بن بهلول قادري، اگهمر ڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪري اتي قادري طريقي جي دائري کي وسيع ڪيو هو. سندس وفات پڻ اگهمر ڪوٽ ۾ ئي ٿي[1] قادري طريقي جي فيض جا اهي سرچشما جاري هئا. جو شاهه لطف الله پڻ انهن مان سيراب ٿي "قادري مشرب" اختيار ڪيوءَ "قادري" نسبت سان مشهور ٿيو.

شاهه لطف الله پنهنجي تعليم جي تڪميل بعد راهه طريقت ڏانهن مائل ٿيو ۽ قادري طريقي سان وابسته ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي علمي فضيلت ۽ ذاتي بزرگي جي ڪري هو قادري طريقي جي "مرشد" ۽ "شيخ" واري منزل تي پهتو. اهو جواني بعد سندس حياتيءَ جو پويون دور هو ۽ ان وقت هين کي سمجهائڻ خاطر عملي طور سلوڪ ۽ طريقت جي راهه روشن ڪرڻ شروع ڪيائين. انهيءَ سلسلي ۾ اول ڪتاب "تحفة السالڪين" لکيائين. ڪجهه عرصي بعد ٻيو ڪتاب "منهاج المعرفت" سنه 1078ھ ۾ لکڻ شروع ڪيائين، جنهن جي مضمون ۽ معيار مان توڙي خود مصنف جي مقدمي مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته هن اهو ڪتاب ورهين جي وسيع مطالعي ۽ راهه سلوڪ جي گهري ڄاڻ بعد لکيو. گمان غالب آهي ته اهو ڪتاب هن پنهنجي زندگيءَ

1- تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو صفحو 406

جي پنجاهہ سٺ سالن جي پختي تجربي ۽ علم تصوف جي تجزيي بعد تصنيف ڪيو. انهيءَ گمان موجب سندس ولادت اندازاً 1020 هہ (1611ع) ڌاري قرار ڏيئي سگهجي ٿي. ٽيون ڪتاب "سنڌي رسالو" جو غالباً پنهنجي فارسي ڪتاب "منهاج المعرفت" کان پوءِ خاص طرح سنڌي خواندن جي سهوليت خاطر لکيائين. انهيءَ جي معنيٰ تہ شاهہ لطف الله قادري 1075هہ کان پوءِ پڻ ڳچ عرصو زنده رهيو ۽ سندس رشد و هدايت سببان کيس "شيخ المشائخ" تسليم ڪيو ويو جيئن تہ "سنڌي رسالي" جي ڪاتب پڻ کيس "شيخ المشائخ" جي انهيءَ اعليٰ لقب سان ئي ياد ڪيو آهي. جيڪڏهن سنہ 1078هہ بعد ڏهہ ٻارهن سال وڌيڪ جيئرو رهيو هجي تہ سندس وفات اندازاً 1090 (1679ع) ڌاري ٿي هوندي.

**تصنيفون:**

سلوڪ ۽ راهہ طريقت جي اشارن ۽ اهڃاڻن، منزلن ۽ مشاهدن جي وضاحت ۽ سمجهائڻ خاطر شاهہ لطف الله قادري جيڪي ڪتاب تصنيف ڪيا، تن مان ٽن جا نالا معلوم آهن جن مان ٻہ موجود آهن:

**تحفة السالڪين:**

هيءَ غالباً پهريون ڪتاب هو جو علم سلوڪ ۽ راهہ طريقت بابت تصنيف ڪيائين. هيءَ ڪتاب في الحال دستياب نہ ٿي سگهيو آهي، مگر ان بعد جو ٻيو ڪتاب "منهاج المعرفت" لکيائين تنهن ۾ "تحفة السالڪين" جو ذڪر موجود آهي. مصنف پاڻ "منهاج المعرفت" جي مقدمي ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: علم سلوڪ ۾ ڪتاب "منهاج المعرفت" ائين آهي جيئن ڪتاب "ميزان" ۽ هن حقير جو (هن کان اڳ) تصنيف ڪيل ڪتاب "تحفة السالڪين" ائين آهي جيئن ڪتاب "ڪافيه"[1] علم صرف جي مطالعي لاءِ ڪتاب "ميزان" نسبتاً آسان آهي ۽ انهيءَ ڪري شروع ۾ پڙهايو ويندو آهي. ابن حاجب جو لکيل ڪتاب "ڪافيه" آخر ۾ نحو جي مطالعي لاءِ پڙهايو ويندو آهي. مگر ان ۾ نحو جا قاعدا بالڪل اختصار سان بيان ٿيل آهن جنهن ڪري ان کي سمجهڻ لاءِ شرحون لکيون ويون آهن.

---

1- ڏسو ڪتاب "منهاج المعرفت" جو "مقدمو"

"منهاج المعرفت" جي ويهين باب هيٺ سلوڪ ۽ طريقت جي هڪ سؤ چوراسي منزلن جي مختصر طور ذڪر ڪرڻ بعد پڻ مصنف لکي ٿو تہ:
"اي عزيزا! ڄاڻ تہ فقير (مصنف) هن رسالي (منهاج المعرفت) ۾ فقط راهہ جي منزلن جا نالا لکيا آهن. هن رسالي ۾ انهن جي حقيقت ۽ انهن جي تفصيل لکڻ مصلحت جي موافق نہ هو. انهيءَ ڪري ان ڪان پرهيز ڪيو ويو البتہ جيڪي ڪجهہ مصلحت جي موافق هو سو (هن ڪان اڳ) ڪتاب "تحفة السالڪين" ۾ لکيو ويو آهي."

مطلب تہ "تحفة السالڪين" سلوڪ بابت "منهاج المعرفت" کان وڌيڪ مختصر ۽ ڳوڙهو ڪتاب آهي.

**منهاج المعرفة:**

هيءَ ڪتاب "منهاج المعرفت" يعني "معرفت الاهي جو دستور" تصور جي سلسلي ۾ هڪ معياري ڪتاب آهي. وقت جي رواج موجب هيءُ خالص علمي ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيل آهي. منجهس جملي 21 باب آهن. اصل ڪتاب جو فارسي مقدمو هن طرح آهي:

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله الذي اشرف قلوب العارفين بنور معرفة و احترق صدور العاشقين بنار محبه والہ صلوة علىٰ نبيہ محمد و آله و اصحابه اجمعين. اما بعد اِعلموا اشرفكم الله تعالىٰ شرف لقائہ كه روزي در خاطر اين فقير حقير گذشت كه سالكان سابق در بيان طريق الهيه چند رسائل تدوين كردند و در اين دامن آخر الزمان كم كساني كه باين تفصيل عليا مي رسند - لهذا اين فقير اضعف العباد لطف الله قادري چند سخنان كشفيه را در اين مضمون بيان نموده بزير قلم آورد نسخه جديد در بيان طرق ازو بساخت از براي آنكه تا روند گان اين راه و طالبان خاص الہ از مطالع آن حظي و لذتي يا بند و راغب و مائل بخداي تعالىٰ شوند و اين رساله "منهاج المعرفت" نام نهاده شد و آغاز وي در سنه 1078 سال شد چنانچه اهل طبع مي گويد- قطعہ [1]

در فكر آن شدم كه مر اين نسخه را بود

---

1- اصل ۾ "رباعي"

تاريخ ابتداي که روشن چون خور شود
پر سيدم از خرد بدلم اين ندا بداد
منهاج معرفت که "رهي راست پُر" شود (1)

و اين رساله در علم سلوک مانند "ميزان" است و کتاب ديگر "تحفة السالکين" که تصنيف اين حقير است آن مانند "کافيه" است که فهميده بفهم عاقل را يک اشاره بس- اما طالب بايدکه اين رساله فقير بسيار مطالع کند و تدبر و تامل دور نمايد يا واقف بر حقائق واسرار گردد واز منازل و مقامات و معاملات رانيک آگاه بود و حقائق و دقائق سالکان وصوفيان بطريق اجمال و تفصيل بفهمد و واقف پر کنه آن شود- و الله الموفق والمعين و اليه المرجع والمعاد"

مقدمي ۾ ڪتاب جي لکڻ جو سبب يا مقصد مصنف هن طرح بيان ڪيو آهي تہ "فقير (مصنف) جي دل ۾ خيال آيو تہ اڳين سالڪن طريقه الهيہ (راهہ الاهي) بابت ڪيترائي رسالا لکيا آهن، مگر هن آخر زمان ۾ ڪي ٿورا آهن جي انهيءَ معياري تفصيل کي پهچي سگهن. انهيءَ ڪري هن فقير، ضعيف ترين ٻانهي، لطف الله قادري هن سلسلي ۾ ڪشفي اقوال قلمبند ڪري "طريقت" بابت هڪ نئون رسالو تيار ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ هن راهہ جا سالڪ ۽ الله جا خاص طالب ان جي مطالعي مان حظ ۽ سرور حاصل ڪن ۽ الله تعاليٰ ڏانهن راغب ٿين."

"شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت بابت ڪتاب جي چوٿين باب هيٺ لکي ٿو تہ: "اي عزيزا هن فقير (مصنف)، اهل الله جي لکيل ڪتابن جو سالن جا سال مطالعو ڪيو ۽ انهن تي گهڻو ڪي غور ۽ فڪر ڪيو: تمام گهڻي ڪوشش سان سندن قولن کي علم جي ترازو ۾ توريو ۽ انهن تي وڏو ويچار ڪيم، ۽ ظاهري توڙي باطن جي لحاظ سان جا نظر ممڪن هئي ان ۾ ڪوتاهي ڪانہ ڪيم، انهيءَ لاءِ تہ سندن ڪلام جو ماحصل معلوم ٿئي ۽

---

1- اصل ۾ بي توڙي چوٿين مصرع ۾ "شده" آهي. "رهي راست پر" ماده مان سنہ 1078هہ ملي ٿو اسان جي رفيق بزرگوار سنڌ يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان پنهنجي طرفان ""منهاج المعرفت با لطف الله" (1078) مادو تجويز ڪيو جو نهايت دلچسپ ۽ موزون آهي.

مول مقصد سمجهہ ۾ اچي."

انهن عبارتن مان ظاهر آهي تہ شاهہ لطف الله سالن جا سال علم طريقت جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ اڳين بزرگن جي ڪتابن ۽ قولن تي وڏو ويچار ڪيائين. "باب پنجين" جي آخر ۾ ڏنل سندن سنڌي بيت ۾ "دقيق" ۽ "طريق" جي اصطلاحن جي استعمال مان گمان نڪري ٿو تہ[1] علم سلوڪ جي سلسلي ۾ شايد احمد رومي جي معياري ڪتاب "دقائق الطريق" تائين سندس نظر هئي.[2]

ائين معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطف الله جي دور (11 صدي) ۾، سنڌ ۾ ڪن ڪم علم بلڪ جاهل شخصن پاڻ کي "صوفي" سڏائڻ شروع ڪيو ۽ بنا سوچئي سمجهئي اڳين بزرگن جا قول ۽ ڪلام پنهنجن مقصدن خاطر دليلن طور استعمال ڪرڻ لڳا. شاهہ لطف الله هڪ باعمل عالم ۽ صاف دل صوفي هو تنهن کي اهڙن دعويدارن جا افعال ۽ اعمال ڏسي ڪيس صدمو پهتو. "باب ڇهين" هيٺ اهڙن "جاهل صوفين" کي نِنديو اٿس تہ: "جاهل صوفي دين جا چور مسلمانن کي لٽيندڙ آهن." "منهاج المعرفت" انهيءَ لاءِ لکيائين تہ سلوڪ ۽ معرفت بابت صحيح شعور پيدا ٿئي ۽ اڳين ولين ۽ درويشن جي قولن کي صحيح طور سمجهيو وڃي. انهيءَ تصنيف مان سندس مقصد محض اصلاح هو، پر پنهنجي وسيع مطالعي، صاف ذهن، سنجيده فڪر، سهڻي استدلال ۽ اسلوب بيان ۾ ايجاز ۽ اختصار سان "سلوڪ ۽ طريقت" بابت هڪ اعليٰ ۽ معياري ڪتاب لکي ڇڏيائين. بيشڪ "منهاج المعرفت" سنڌ جي هن اهل دل عالم ۽ صوفي طرفان معنوي ۽ نظرياتي لحاظ سان تصوف ۽ طريقت بابت هڪ يادگار تصنيف آهي.

شاهہ لطف الله قادري پنهنجي هن معياري ۽ مفصل ڪتاب کي

---

1- ڏسو صفحو 137 بيت (5)

2- مولانا رومي جي مثنوي تورڙي سندس خليفي احمد رومي جو ڪتاب "دقائق الطريق" غالباً سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي عالمن ۽ بزرگن جي مطالعي هيٺ رهيا. اهوئي سبب آهي جي "دقائق الطريق" جا قلمي نسخا سنڌ ۾ محفوظ رهيا. بنده راقم وٽ هن ڪتاب جو هڪ اوائلي ۽ اعليٰ نسخو موجود آهي ۽ پڻ محترم ڊاڪٽر نبي بخش صاحب قاضي کي روهڙي مان هڪ نسخو دستياب ٿيو آهي.

وقت جي علمي مذاق مطابق فارسيءَ ۾ لکيو. مگر ان جي تصنيف وقت ڪيس اهو پڻ احساس ٿيو تہ جيڪر سلوڪ جي انهن معنوي نڪتن کي سنڌيءَ ۾ پڻ سمجهايو وڃي تہ هوند اهو فيض وڌيڪ عام ٿئي. انهيءَ احساس ۽ جذبي هيٺ گهڻو ڪري ڪتاب جي هر هڪ باب ۾ هڪ يا ٻہ سنڌي بيت ڏنائين، جن ۾ ان بابت هيٺ بيان ٿيل سلوڪ جي مرڪزي مفهوم کي جامع نموني ۾ ادا ڪيائين. ”منهاج المعرفت“ ۾ جملہ ايڪيهہ باب آهن ۽ اسان وٽ جيڪو قلمي نسخو آهي تنهن ۾ پهرئين کان وٺي ڇهين باب تائين ۽ وري نائين کان ارڙهين باب تائين هر هڪ جي آخر ۾ هڪ سنڌي بيت ڏنل آهي. اوڻويهين باب ۾ ٻہ بيت ڏنل آهن: يعني ”منهاج المعرفت“ جي هن قلمي نسخي ۾ جملي ويهہ سنڌي بيت موجود آهن. مگر هن قلمي نسخي ۾ ستين ۽ اٺين باب وارو متن سڄو سالم موجود ناهي ۽ گمان غالب آهي تہ وڌيڪ ڪنهن صحيح نسخي ۾ انهن بابن هيٺ پڻ سنڌي بيت ڏنل هجن. پر موجوده نسخي ۾ ويهون باب سڄو موجود آهي مگر ان ۾ سنڌي بيت ڏنل ڪونهي، ٿي سگهي ٿو تہ اصل نسخي ۾ هن باب هيٺ پڻ ڪو بيت موجود هجي. انهيءَ لحاظ سان ”منهاج المعرفت“ ۾ ايڪيهن کان وٺي ٽيويهن بيتن تائين هجڻ جو گمان نڪري ٿو. ”منهاج المعرفت“ 1078هہ ۾ لکيو ويو ۽ ايتري آڳاٽي تصنيف ۾ ايترن سنڌي بيتن جو موجود هجڻ ان کي سنڌي شعر و نظم جي تاريخ جو هڪ اهم ماخذ ثابت ڪري ٿو.

**سنڌي رسالو:** چئي نٿو سگهجي ٿو تہ شاهہ لطف الله قادريءَ هي رسالو ڪڏهن جوڙيو. پر گمان غالب آهي تہ ”منهاج المعرفت“ جي تصنيف بعد سگهوئي هي رسالو جوڙيائين. ”منهاج المعرفت“ جوڙڻ وقت ڪيس سنڌيءَ ۾ سلوڪ جي نڪتن سمجهائڻ جو پورو احساس هو، جو مختلف بابن هيٺ سنڌي بيت شامل ڪيائين. غالباً اهي بيت پڙهندڙن وٽ نهايت مقبول پيا ۽ شاهہ لطف الله ويتر وڌيڪ محسوس ڪيو تہ جيڪر سلوڪ جا جملي اهم نڪتا سنڌي بيتن ۾ بيان ڪيا وڃن تہ هوند پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ گهڻن کي سولائي سان سمجهہ ۾ اچي سگهن: انهيءَ ڪري عمداً ۽ ارادتاً ۽ وڏي چاهہ ۽ ڪوڏ مان ويهي سنڌي بيتن ۾ هيءُ رسالو جوڙيائين. رسالي جي

مقدمي ۾ ڏنيءَ جي ساراهہ بعد، رسالي جوڙڻ واري انهيءَ مقصد کي هن طرح کولي بيان ڪيو اٿس تہ:

ڪوڏا ڪئو رسالو ايءَ فقير جوڙي بيتن
تہ هوءِ سنڌيَ وائيَ سَهُلو ٻجهڻ اپوجهن
پاهنجيَ ٻوليَ ڪري سگهائين اِي سڪن
لطف الله چئي، لئي پيو ور سڪن ۽ پڙهن

"منهاج المعرفت" ۽ "سنڌي رسالي" جي ڀيٽ مان ظاهر آهي تہ "سنڌي رسالو" "منهاج المعرفت" جو لفظي يا معنوي ترجمو ڪونهي پر جدا طور هڪ مستقل تصنيف آهي. جيتوڻيڪ ٻنهي جو مکيہ مضمون توحيد ۽ طريقت آهي، مگر فڪر ۽ معنيٰ جي لحاظ سان "رسالو" وڌيڪ جامع آهي. "منهاج المعرفت" سلوڪ جي موضوعن بابت ڄڻ سلسليوار عالمانہ سمجهاڻي آهي: مرشد، مريد ۽ شريعت جي بيان سان شروع ٿئي ٿو ۽ الاهي صفات ۽ باري تعاليٰ جي وحدت تي ختم ٿئي ٿو ان جي برعڪس سنڌي رسالو "وحدت باري تعاليٰ "جي مرڪزي مضمون جي وضاحت سان شروع ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ فقر ۽ فقيرن ۽ پيرن مرشدن جي حال حقيقت جي بيان تي ختم ٿئي ٿو. "منهاج المعرفت" ۾ ايڪيهہ باب آهن پر سنڌي رسالي ۾ شاهہ لطف الله سلوڪ ۽ طريقت جا فقط ست موضوع ورجايا جي سندس نظر ۾ وڌيڪ جامع ۽ سنڌي ۾ عوام جي سمجهائڻ خاطر وڌيڪ موزون ۽ مناسب هئا.

"منهاج المعرفت" جي مختلف بابن هيٺ جيڪي ويهہ (يا وڌيڪ) سنڌي بيت ڏنائين تن مان فقط چار بيهر "رسالي" ۾ پڻ آندا اٿس، جن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي:

1- صفحي 137 تي بيت (4) اصل ۾ "منهاج المعرفت" جي چوٿين باب "دربيان شريعت و طريقت و حقيقت و معرفت" جي آخر ۾ ڏنل آهي. اهو ساڳيو بيت رسالي جي "قسم 1: وحدت جو درجو" هيٺ (صفحو 59) پڻ آندل آهي. "منهاج المعرفت" ۾ هن بيت جي هڪ سٽ جي پڙهڻي آهي "لئي لاهوتي نڳئا وحدت وصالون" جا مقصد جي لحاظ سان وڌيڪ موزون آهي: يعني انهيءَ لئي کي نڳڻ بعد ئي لاهوتي وحدت

جي وصال ڪي پهچن تا.

2- صفحي 138 تي بيت (9). اصل ۾ ”منهاج المعرفت“ جي ٻارهين باب ”در بيان ذڪر لساني و ترتيب گفتن آن“ جي آخر ۾ آيل آهي. اهو ساڳيو بيت، رسالي جي ”قسم 3: چئن علمن جي صفت“ هيٺ (صفحو 68) پڻ آندل آهي. ”منهاج المعرفت“ ۾ ان جي هڪ سٽ جي پڙهٽي آهي: ”ڪين ڪنيائون پاڻ سين، سڃ پهه پئون“. رسالي ۾ ساڳي سٽ جي پڙهٽي ”ڪين ڪنيائون ڪي ٻئو سجود پهه پئون“ آهي، ”لا“ يا ”نفي“ جي لحاظ سان ”سجود“ جو مفهوم (پاڻ وڃائي سجدو ڪرڻ) پڻ معنيٰ خيز آهي.

3- صفحي 138 تي بيت (10) ”منهاج المعرفت“ جي ٻارهين باب ”در بيان ذڪر نفسي و ترتيب تعلم آن“ جي آخر ۾ ڏنل آهي، اهو ساڳيو بيت رسالي جي ”قسم 3: چئن ڪلمن جي صفت“ هيٺ (صفحو 71) آندل آهي. ”منهاج المعرفت“ ۾ ان جي آخري سٽ جي پڙهٽي آهي: وئا تت وري، جتي خوف نه صوت ڪو“ رسالي ۾ اها سٽ مٽي بلڪل ٻئي مفهوم واري نئين سٽ آندي وئي آهي ته:

”ات پيريءَ پير نه نڪري، آهي ويڙ وسيع گهڻو“

4- صفحي 141 تي بيت (18)، اصل ۾ ”منهاج المعرفت“ جي اٺويهين باب ”در بيان وحدت باري تعاليٰ و اشارات سڪون آن“ جي آخر ۾ ڏنل آهي. رسالي ۾ اهو بيت ”قسم 1:- وحدت جو درجو“ هيٺ (صفحو 54) آندل آهي. ”منهاج المعرفت“ ۾ ان جي آخري سٽ آهي: ”وئو سيڪو رند، ري رب ناهہ ڪين“ رسالي ۾ انهيءَ سٽ جي پڙهٽي: وئو سيڪو رند، ري حيرت ناه ڪين“ آهي جا هن بيت ۾ بيان ڪيل حيرت واري حالت جي لحاظ سان وڌيڪ موزون آهي.

مٿئين پيٽ مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته ڪتاب ”منهاج المعرفت“ اڳ ۾ لکيو ويو ڇاڪاڻ ته اهي بيت جي ”منهاج المعرفت“ مان ٻيهر ”رسالي“ ۾ پڻ ڪنيا ويا آهن، تن جي ڪن سٽن جي اصلاح ڪئي وئي آهي. جا مقصد توڙي مناسبت جي لحاظ سان بهتر آهي. سلوڪ ۽ طريقت جي ساڳئي

مضمون سان گڏ انهن ساڳين چئن بيتن جو پنهي ڪتابن ۾ موجود هجڻ اهو پڻ قطعي طور ثابت ڪري ٿو تہ ٻئي ڪتاب ساڳئي مصنف (شاهہ لطف الله قادري) جا آهن.

منهاج المعرفت سنہ 1078ھ جي تصنيف آهي ۽ جيڪڏهن سنڌي رسالو ان بعد وڌ ۾ وڌ اندازاً پنجن سالن کن اندر لکيو ويو هجي تہ پوءِ رسالي جي تصنيف 1078-1083ھ واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي.

"سنڌي رسالي" جو اسان وٽ جيڪو قلمي نسخو آهي. ان جي مختلف بابن (قسمن) هيٺ مصنف طرفان ڄاڻايل بيتن جي تعداد ۽ خود نسخي جي متن ۾ موجود بيتن جي تعداد ۾ فرق آهي. جنهن ڏانهن هن کان اڳ اشارو ڪيو ويو آهي. هيٺين تفصيل مان معلوم ٿيندو تہ سواءِ پهرئين "قسم" جي باقي ٻين ڇهن ئي "قسمن" هيٺ اهو فرق موجود آهي:

| "قسم" يعني باب | شروع ۾ ڄاڻايل تعداد | متن ۾ موجود تعداد |
|---|---|---|
| قسم اول | 32 | 32 |
| قسم ٻيو | 25 | 24 |
| قسم ٽيون | 32 | 31 |
| قسم چوٿون | 50 | 51 |
| قسم پنجون | 53 | 61 |
| قسم ڇهون | 162 | 115 |
| قسم ستون | 16 | 14 |
| جملي | 370 | 328 |

ظاهر آهي تہ نقل در نقل، متن ۽ ورقن جي مٽ سٽ، يا ڪن ورقن جي ضايع ٿيڻ سببان اهو فرق واقع ٿيو آهي.

بهرحال مصنف جي پنهنجي لکڻ موجب، هن رسالي جي ستن "قسمن" هيٺ متن ۾ جملي ٽي سؤ ستر (370) بيت هئا. ان کانسواءِ ٻہ بيت "رسالي" جي شروع ۾ مهاڳ طور ڏنل آهن، ۽ پڻ ستن ئي قسمن مان هر هڪ "قسم" جي مٿان هڪ بيت عنوان طور منظوم ٿيل آهي- يعني تہ ڳاڻيٽي جي لحاظ سان نو بيت ٻيا پڻ موجود آهن، جن جي اضافي سان مصنف جي لکئي

موجب هن رسالي جي اصل نسخي ۾ جملي 379 بيت هجڻ گهرجن، جن مان اسان وٽ موجوده متن ۾ پڻ (9+328=) 337 بيت موجود آهن.

"منهاج المعرفت" ۽ "سنڌي رسالي" ٻنهي جي بيتن جي جوڙ ڪرڻ سان شاه لطف الله قادري جي جملي بيتن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ "منهاج المعرفت" جي اصل صحيح نسخي ۾ 21 کان وٺي 23 بيتن تائين هجڻ جو گمان نڪري ٿو. "رسالي" جي 379 بيتن جي تعداد سان، ٻنهي ڪتابن جي اصل متن موجب شاهہ لطف الله قادري جي چيل بيتن جو تعداد ڪم از ڪم چئن سون (400) تائين پهچي ٿو[1] جن مان ٽي سؤ ستونجاه 357 (20 منهاج+ 337 رسالو) اسان وٽ موجود آهن. بهرحال موجوده تحقيق جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ لطف الله قادري جو رسالو، سنڌي نظم جي تاريخ ۾ پهريون وڏو ڪتاب آهي، جو سڄي جو سڄو سنڌي بيتن تي مشتمل آهي.

## شاعري

غالباً نائين صدي هجري (15 صدي عيسوي) کان وٺي سنڌ جي ڀلارن بزرگن، عالمن ۽ عارفن انساني اخلاق ۽ معاشري جي اصلاح واسطي پنهنجي تلقين ۽ تبليغ کي سنڌي شعر ذريعي عام ڪرڻ شروع ڪيو. تزڪيه نفس ۽ اخلاقي تربيت خاطر خالق جي شناس، مخلوق سان همدردي، حق ۽ حقيقت جي تلاش وغيره سندن شاعريءَ جا اهم باب بنيا ۽ اهڙي طرح سنڌي شاعريءَ ۾ محض "ڳالهہ ۽ بيان" جي بدران " فڪر ۽ معنيٰ" جا پيوند لڳڻ شروع ٿيا. آسانيءَ خاطر قصن ۽ ڳالهين جي قالب کي تمثيل طور استعمال ڪري، حق ۽ حقيقت جي نڪتن کي نروار ڪيو ويو ۽ انساني اخلاق ۽ روحاني سربلندي جي راهہ کي روشن ڪيو ويو. فڪر ۽ خيال سان لبريز هن اخلاقي ۽ عارفانہ شاعري جي شروعات سان "سنڌي اساسي شاعري" جو سلسلو سائو ٿيو جو اسان کي قاضي قادن (870-958) جي ڪلام ۾ نڪرندو نظر اچي ٿو ۽ بالاخر حضرت شاهہ عبداللطيف جي شعر ۾ هڪ ميوي دار درخت

---

1- ٿي سگهي ٿو تہ انهن ڪتابن کانسواءِ هن بزرگ پنهنجي ڪن ٻين تصنيفن ۾ جداگانہ ٻيا بيت پڻ چيا هجن جن بابت اسان تائين معلومات نہ پهتي آهي.

جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام، قاضي قادن کان وٺي شاهہ عبداللطيف تائين "سنڌي اساسي شاعري" جي انهيءَ اوسر ۽ عروج واري سلسلي جي وچين ۽ اهم ڪڙي آهي.

قاضي قادن( 870-958ھ)۽ شاهہ ڪريم (943-1032) شاهہ لطف الله قادري جا پيش رو هئا. شاهہ ڪريم چوڏهن سالن جو هو جو قاضي قادن وفات ڪئي مگر سندن عارفانہ بيتن کان شاهہ ڪريم نہ فقط پوري طرح واقف هو پر گهڻي قدر متاثر ٿيو. شاهہ ڪريم ئي قاضي قادن جي بيتن جو اڪيلو راوي آهي. پنهنجي مجلسن ۾ قاضي قادن جا جيڪي بيت پڙهيائين تن مان ست بيت محفوظ رهجي ويا آهن.جن مان ٽن بيتن جي مضمون ۽ معنيٰ کان متاثر ٿي پاڻ پنهنجا بيت چيائين [1] شاهہ ڪريم نہ فقط ڪانئس اڳين سنڌي شاعرن جي ڪلام کان واقف هو مگر سندس مجلسن ۾ ڪن همعصر شاعرن جا بيت پڻ بيان ٿيندا رهيا. قاضي قادن کانسواءِ ٻين اڳين عارفن ۽ شاعرن مان جن جو شاهہ ڪريم ذڪر ڪيو آهي تن ۾ "اگهم ڪوٽ" جي مشهور بزرگ مخدوم اسماعيل سومري ۽ سندس همعصر درويش مخدوم عثمان جا نالا قابل ذڪر آهن. شاهہ ڪريم جي بيان موجب مخدوم عثمان اگهمي هڪ عارف شاعر هو جنهن مخدوم اسماعيل سومري جي نياڻي جي پڇيل سوال جي جواب ۾ هيءُ بيت چيو تہ:

چارئيءَ پَلءَ چڪ ۾، پڇي پاريَر وِٽ
ان اهڙي احتياط سين ڦٽ پڇاڻا ڦٽ.

انهيءَ بيت کان متاثر ٿي ميين شاهہ ڪريم بيت چيو تہ:

چارئي پلءَ چڪ ۾، اديون مون آهين
پائڻ جي پائين، سي ترڪن تڪڙي (2)

سندس انهيءَ بيان مان گمان نڪري ٿو تہ شاهہ ڪريم اگهم ڪوٽ

---

( 1) ڏسو "شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" (مرتب ڪيل مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جو ڇاپو 1356ھ/ 1937ع ) ص ص 25-26 ۽ 88 ۽ 93-94.

(2) ڏسو "شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" (مرتب ڪيل مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جو ڇاپو 1356ھ / 1937ع)، صفحو 112.

موجوده ڄاڻ موجب اڳ جي عارفن ۽ شاعرن فقط مورڙي ۽ مانگر مڇ جي قصي، ڪلاڙن جي مشغلي ۽ سسئي جي داستان کي پنهنجن بيتن ۾ تمثيل طور استعمال ڪيو.[1] سنڌ جي اساسي شاعري جي تاريخ ۾ شاهہ ڪريم غالباً پهريون شاعر هو جنهن عام داستانن، قصن ۽ مشغلن مان پنڌرهن کن کي پنهنجي معنوي بيتن لاءِ مثالي قالب بنايو.[2] شاه ڪريم جي عارفانہ مجلسن ۾ هر قسم جا موضوع ۽ مسئلا پئي پيش ٿيا، جن جي مناسبت سان مختلف مضمونن ۽ مشغلن مان مثالي بيت پئي پڙهيائين. مگر شاهہ لطف الله قادري جي آڏو فقط "سلوڪ ۽ طريقت" جو هڪ مکيہ مضمون هو، جنهن جي وضاحت ڪرڻ تي چاهيائين. انهيءَ سلسلي ۾، حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد کي تمثيل طور سامونڊي ناکئن جو منزل مقصود ڏانهن هاڪاري هلڻ ۽ جوڳين آديسين جو سنڌن ياترائن خاطر ڪشالن ڪڍڻ سان پيٽي تفصيلي سمجهاڻي ڏنائين. انهن تمثيلن ذريعي شاهہ لطف الله قادري سنڌي اساسي شاعري ۾ "سامونڊين ۽ ناکئن" ۽ "جوڳين ۽ آديسين" وارا نوان تمثيلي مضمون رائج ڪيا جي ڪانئس اڳ ٻئي ڪنهن بہ شاعر نہ آندا هئا. البتہ ڪانئس پوءِ اهي مضمون ۽ عنوان ميين شاهہ عنات توڙي شاهہ عبداللطيف ٻنهي لاءِ مثال بنيا ۽ انهن ٻنهي بزرگن انهن مضمونن کي (سر سامونڊي، سر سريراڳ، سر پورب ۽ سر رامڪلي جي عنوانن سان) وڏي ذوق سان ورجايو.

شاهہ لطف الله قادري پنهنجي رسالي جي "قسم ٻئي"[3] هيٺ سامونڊين ۽ ناکئن جي تمثيل سان راهِ طريقت ۾ سالڪن جي سفر کي

---

(1) سماع جي محفل ۾ سنڌي ذاڪرن جو "مورڙي ۽ مانگر مڇ" جي قصي مان ڳايل بيت، مخدوم احمد ڀٽي جي سماع جي مجلس ۾ هڪ سوناري ڇوڪري جو ڪلاڙن جي مضمون مان پڙهيل بيت ۽ ميين علي شيرازي جو سسئي جي سر مان چيل بيت (ڏسو راقم جي "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ص ص 117، 121 ۽ 124)

(2) مثلاً: سهڻي، مارئي، سسئي، ليلان ۽ مومل جي داستانن، توڙي گهاتوئن، موکي ۽ متارن، ڪيچ جي لوڙائن، ڪاهوڙين، ڏاتارن ۽ مڱڻن ۽ پڻ ٻين مختلف عنوانن ۽ مشغلن جهڙوڪ هنجهن جي وصفن، ڪرهي تي چڙهي محبوب سان ملاقاتين، لوهارن، پاٽيهارين ۽ سنڌن ورن، مورڪن جي موڪائي، چورن جي لِڪ وغيره کي پنهنجي بيتن لاءِ تمثيلي قالب بنايائين. (3) ڏسو متن ص 62-67

سمجھايو آھي ۽ انهن حق جي طالب ”سامونڊين“ جي بزرگي ۽ برتري کي کولي بيان ڪري ڇڏيو آھي. اھڙيءَ طرح قسم ڇھين [1] هيٺ جوڳين، آديسين، سامين ۽ ڪاپڙين جي عادتن ۽ اطوارن جو تفصيلي ذڪر ڪيو اٿس، ۽ قسم ستين [2] هيٺ طريقت جي پيرن ۽ مرشدن ۽ سندن منزلن کي تمثيل طور جوڳين فقيرن ۽ سندس تڪين ۽ تيرٿن سان ڀيٽيو اٿس. سندس انهيءَ تفصيلي سمجھاڻي سببان اهي تمثيلي مضمون بعد ۾ ڪائنس پوين شاعرن وٽ مقبول پيا: مثلاً ڀٽائي صاحب وٽ ”سامونڊي“ جي بزرگي ۽ برتري تسليم ٿيل آھي، ڇاڪاڻ ته ڪائنس اڳ شاهه لطف الله قادري تمثيل طور ان کي پوري تفصيل سان بيان ڪري ڇڏيو آھي.

شاهه لطف الله قادري پنهنجن بيتن ۾ ڪلمن جي صفت، وحدت ۽ موحدن، عشق ۽ عاشقن، فقر ۽ فقيرن جھڙن معنوي مضمونن کي ورجائڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، انهن مضمونن جو تعلق محض ”ڳالهه“ يا ”بيان“ سان ناهي مگر فڪر ۽ خيال، ارادي ۽ اعتقاد، بلڪ فلسفي ۽ نفسيات جي ڳوڙهن نڪتن سان آھي. شاه لطف الله قادري پھريون بلند پايي صوفي ۽ عارف هو، جنهن پنهنجن سنڌي بيتن ۾ تصوف ۽ معرفت جي انهن ڳوڙهن معنوي نڪات کي ورجايو ۽ سنڌي شاعري محض ”قصي جي اُپٽار“ يا ”ڳالهه جي ظاهري پچار“ بدران اعليٰ عارفانه فڪر، حقائق تي نظر، معنوي پس منظر واري راهه کي روشن ڪيو. ڪائنس پوءِ شاهه عبداللطيف بلڪل انهيءَ نهج ۽ نموني تي پنهنجن ”بيتن“ کي معنوي معيار جو مثال بنائي، انهن کي ”روايتن“ جي بدران ”آيتن“ جو آئينو بنايو.

”هيئت“ توڙي ”فني سٽاء“ جي لحاظ سان پڻ شاهه لطف الله قادري جي بيتن ۾ ڪي اهم ۽ نوان اضافا ملن ٿا جي اڳين شاعرن (جن جو ڪلام هن وقت تائين دستياب ٿيو آھي) جي بيتن ۾ ناپيد آهن. قاضي قادن جي ڪلام ۾ ”سنڌي دوهي“ کان وٺي ”سنڌي بيت“ تائين ارتقاء جون سڀئي صورتون ملن ٿيون. [3] مگر سندس بيت ٻن مصراعن تائين محدود آهن. ان

(1) ايضاً ص 99-130 (2) ايضاً ص 131-135 (3) ڏسو بنده راقم جي لکيل ”سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ“ (قديم دور کان سمن جي دور تائين) ص 133، حيدرآباد 1962ع.

دور جي "پراڻ" جي هڪ شاعر جو بيت ٽن مصراعن وارو مليو آهي ۽ ڪتاب جو مصنف مليو تہ مٿس سيد علي شيرازي جو هڪ بيت چئن مصراعن وارو مليو آهي ۽ "مصراعن" وارو مليو تہ جيئن ان بعد شاهہ ڪريم جي ڪلامہ ۾ سندس ٽيانوي بيتن ۾ دوهن مان پڻ نوي ٻن مصراعن وارا ۽ فقط ٽي ٽن مصراعن وارا آهن. ان مان ظاهر آهي تہ شاهہ لطف الله قادري کان اڳ واري دور ۾ جيتوڻيڪ ٽن يا چئن مصراعن وارن سنڌي بيتن جي شروعات ٿي چڪي هئي مگر مجموعي طور سان "سنڌي بيت" اجا ٻن مصراعن وارو هو. ان جي برعڪس، شاهہ لطف الله قادري جي ڪلامہ ۾ چئن پنجن مصراعن وارا بيت عام جام ملن ٿا، مگر ڪن بيتن ۾ مصراعن جو تعداد وڌي وڃي ڇهن ۽ ستن تائين پهچي ٿو جيئن تہ هن ذخيري ۾ پڻ ٽي بيت ڇهن مصراعن وارا [3] ۽ ٽي بيت ستن مصراعن وارا [4] موجود آهن.

شاعرانہ فن جي لحاظ سان "وراڻ" يا "تڪرار" واري سٽاء پهريون پيرو شاهہ لطف الله قادري جي بيتن ۾ پوري تسلسل ۽ تفصيل سان نظر اچي ٿي. هن سٽاء موجب، شاعر هڪ کان وڌيڪ بيتن ۾ ساڳئي مضمون کي ورجائڻ خاطر ڪي ساڳيا الفاظ، اصطلاح، يا فقرا ورائي ورائي آڻيندو آهي . انهيءَ "وراڻ" يا "تڪرار" مقصد ڪنهن خيال يا ڳالهہ جي تصديق، توثيق يا تاڪيد هوندو آهي يا وري دلي طلب ۽ تحسين جو پوري ذوق سان اظهار. لفظن جو تڪرار شاهہ لطف الله کان اڳ شاهہ ڪريم جي بيتن ۾ موجود آهي، مثلاً: مٿي صفحي (73) تي نقل ڪيل هڪ بيت ۾ لفظ "پاڻ" ۽ ٻئي بيت ۾ لفظ "سوئي" جو استعمال ڪيو آهي [5] مگر پورن فقرن يا جملن جي وراڻ جو استعمال پهريون پيرو شاهہ لطف الله جي بيتن ۾ ملي ٿو ۽ غالباً ڪيس ئي انهيءَ فني سٽاء جو موجد قرار ڏيئي سگهجي ٿو. "وراڻ" يا "تڪرار" جون ٻہ صورتون آهن. بيت جي بالڪل شروع واري "وارڻ" ۽ بيت جي بالڪل آخري سٽ واري وراڻ. شاهہ لطف الله جي بيتن ۾ اهي ٻئي صورتون موجود آهن. شروعات واري "وراڻ" جا سچا سارا يارهن مثال ملن ٿا جي هيٺ ڏجن ٿا:

ص 54 عقل ات اوچون ٿئو     ص 91 حسن حبين جو

(1) "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ" ص 135، حيدرآباد، 1962ع (2) ايضاً ص 124-125 (3) ڏسو متن ص 106-107، 108، ۽ 140 (4) ايضاً ص 82، 131 ۽ 140 (5) مثلاً، "سوئي" جو تڪرار صفحي 79 تي ۽ وري 81 صفحي کان 86 صفحي تائين.

| | |
|---|---|
| ص19 مئي متي مهراڻ ۾ | ص 95-96 واجهائندي وجهلندي |
| ص 89-90 جي پيهي سا پروڙيين | ص 96 سڪ تنهنجي سپرين |
| ص 103 آهي اکڙين ۾ | ص127-128 نہ ڪين هيٺ نہ بيٺ ڪين |
| ص 122 نانگانسورا ٽئا | ص 129-130 هٿ جن جاتامڙا |
| ص 126-127 نہ گدا نہ گبري | ص 130 جيجان جوگيڙن جو |

صفحن 131، 132 ۽ 133 5 تي آخر "وراڻ" "آءُ گهورئون متان تن" مسلسل طور سڄن سارن نون (9) بيتن جي پڇاڙي وارن سٽن ۾ موجود آهن.

شاهہ لطف الله "وراڻ" يا "تڪرار" واري انهيءَ شاعرانہ فني خصوصيت کي پوري طور استعمال ڪري پوين شاعرن لاءِ مثال قائم ڪيو. ڪائنس پوءِ فني خصوصيت ميين شاهہ عنات ۽ خاص طرح شاهہ عبداللطيف جي بيتن جو جز بني ۽ ان بعد عام طور استعمال ۾ آئي.

شاهہ لطف الله نہ فقط سنڌي بيت جي هيئت ۽ فني سٽاء ۾ اهي اهم اضافا ڪيا مگر ساڳئي قافيي وارين سٽن جي تعداد ۾ پڻ اضافو ڪري "ڏگها بند" سِٽيا، جن جو مثال پڻ پهريون پيرو سندس ڪلام ۾ ملي ٿو. "سنڌي رسالي" جي شروع ۾ اهڙا بہ "ڏگها بند" موجود آهن جن مان پهرئين ۾ ڇهہ ۽ ٻئي ۾ سڄيون ساريون يارهن هم- قافيي سٽون سمايل آهن. اِهي "ڏگهن بندن" وارا نظم "رسالي" جي مقصد ۽ مضمون خاطر مقدمي طور ڏنل آهن، ۽ موجوده ڄاڻ جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي نظم جي تاريخ ۾ اهي آڳاٽي ۾ آڳاٽا منظوم "ڏگها بند" آهن. شاهہ لطف الله کانپوءِ بين عالمن ۽ شاعرن مختلف مضمونن، مسئلن ۽ مقالن کي بيان ڪرڻ ۽ سمجهائڻ خاطر منظوم "ڏگهن بندن" واري اها صنف استعمال ڪئي، جنهن جا پهريان مشهور مثال "ابو الحسن جي سنڌي"، "ضياء الدين جي سنڌي" ۽ مخدوم محمد هاشم ۽ ميان عبدالله جي تصنيفن ۾ ملن ٿا. انهن بزرگن ديني مسئلا آسانيءَ خاطر سنڌيءَ ۾ بيان ڪيا ۽ انهن "ڏگهن بندن" واري منظوم صنف ۾ بيان ڪيا جنهن جو پهريون مثال شاهہ لطف الله قادري جي "رسالي" ۾ ملي ٿو.

شاهہ لطف الله کان اڳ سنڌي عالمن يا شاعرن جون نظم خواهہ نثر ۾ جيڪي تصنيفون ملن ٿيون. سي عربي يا فارسي ۾ آهن، شاهہ لطف الله قادري غالباً پهريون عالم ۽ عارف هو جنهن محسوس ڪيو تہ سنڌ جا عوام

جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي ۽ جي فقط سنڌي ۾ ئي آساني سان ڪنهن ڳالهہ کي سمجهي سگهندا ۔ تن جي سهوليت خاطر ضروري آهي تہ علمي مسئلا سندن پنهنجي مادري زبان ۾ بيان ڪيا وڃن جيئن هو نہ فقط سولائيءَ سان پر ذوق ۽ شوق سان پڙهن ۽ سمجهن. انهيءَ احساس هيٺ خود شاهہ لطف الله پڻ "وڏي ڪوڏ سان" (ذوق ۽ خوشي سان) پنهنجو "رسالو" خاص هيٺين ٽن مقصدن خاطر سنڌيءَ ۾ جوڙيو:

1. عالم تہ عربي يا فارسي ۾ علمي مسئلا سمجهي سگهن ٿا مگر عوام جي عالمن جي ڀيٽ ۾ نسبتاً ٿوري علم وارا آهن، تن واسطي انهن جو سنڌي ٻولي ۾ هجڻ ضروري آهي. انهيءَ لاءِ تہ عوام کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي: "تہ هوءِ سنڌي وائي سهلو ٻجهڻ ابوجهن."
2. جيڪڏهن ڪتاب سندن "پنهنجي ٻولي" يعني مادري زبان ۾ هوندو تہ ٿوري وقت ۾ وڌيڪ سگهو سکي سگهندا: "پاهنجي ٻولي ڪري، سگهائين اي سکن."
3. پنهنجي مادري زبان ۾ هو وڌيڪ چاهہ ۽ ذوق سان ("لئي پيو") سان سکندا ۽ پڙهندا: "لطف الله چئي، لئي پيو ور سکن ۽ پڙهن."

اهي ٽيئي مقصد تعليم ۽ ترتيب جي نظرين ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. رسالي جوڙڻ مان شاهہ لطف الله جو مقصد محض شاعري نہ هو مگر تعليم هو: يعني تہ طريقت جا مسئلا سمجهائڻ.انهيءَ تعليمي مقصد خاطر هن عوام جي مادري ٻولي سنڌي ۾ رسالو تاليف ڪرڻ ضروري ڄاتو. ڇاڪاڻ تہ سندس نظريي موجب مادري زبان ۾ ماڻهو سولائي سان، سگهو ۽ چاهہ سان سکي سگهندا. اهڙي طرح شاهہ لطف الله قادري پنهنجي سنڌي "رسالي" جي مقدمي ۾ سنڌ جي عوام کي سندن مادري زبان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي نظريي جو بنياد وڌو. مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، جو غالباً شاهہ لطف الله قادري جو ننڍو معاصر هو[1]، انهيءَ نظريي کي عملي صورت ڏنيءَ عوام جي

(1) مخدوم ابوالحسن جي "سنڌي" جو هڪ قلمي نسخو سنہ 1115هہ جو لکيل بنده راقم جي نظر مان گذريو آهي. جنهن جي معنيٰ تہ مخدوم ابوالحسن "سنڌي" انهيءَ سال يا ان کان اڳ لکي، يعني تہ اندازً شاهہ لطف الله قادري جي وفات (1090هہ) کان پوءِ پنجويهن سالن جي اندر لکيائين. انهن قرينن مان ظاهر آهي تہ هو شاهہ لطف الله جو ننڍو معاصر هو.

تعليم خاطر "سنڌي" ۾ ڪتاب لکيائين جو پوءِ سنڌ جي عالمن، مڪتبن ۽ مدرسن ۾ درسي ڪتاب ڪري پڙهايو. بهرحال موجوده معلومات مطابق شاهہ لطف الله جو "رسالو" ئي پهريون وڏو ڪتاب آهي جو سڄو سربستو سنڌي بيتن ۾ آهي.

شاهہ لطف الله قادري پنهنجي بيتن ۾ ڪا ڳالهہ ڪونہ ٿو ڪٿي، ڪو قصو ڪونہ ٿو ٻڌائي، مگر محض سالڪ جي قصد ۽ ڪيفيت جو بيان ڪري ٿو. انهيءَ لحاظ سان هو سنڌي بيتن ۾ محض ڪنهن قصي يا ڳالهہ جي بدران معنيٰ ۽ خيال جي اظهار جو باني مباني آهي. شاهہ لطف الله قادري عمداً ۽ ارادتاً علم تصوف ۽ طريقت جي ڳوڙهن نڪتن کي سنڌي بيتن ۾ ورجايو. سلوڪ ۽ طريقت جي مشڪل علمي مضمون ۽ نظريي کي سنڌي نظم ۾ ادا ڪرڻ جي اها پهرين باقاعدي ڪوشش هئي. مضمون جي پيچيدگي سببان زبان ۽ بيان ۾ پيچيدگي لازمي هئي ۽ شاهہ لطف الله جي اسلوب بيان ۾ پڻ قدري موجود آهي. پر ان هوندي بہ سندس زبان ايترو مشڪل نہ آهي، بلڪ عام فهم تشبيهن ذريعي نهايت ئي ڳوڙهن مسئلن کي پڻ سولو ڪري سمجهايو آهي. مثلاً "ذات" ۽ "صفت"، "وحدت" ۽ "ڪثرت" جي ڳوڙهي مسئلي کي مختلف مثالن ذريعي هن طرح سمجهائي ٿو تہ:

سمنڊ ڪنيو پساهہ ڪوڙين موج ايرئا

---

سيئي وهيا واهڙا، اڌمئو مهراڻ

---

جي ذات ڳڌي ذات کي تہ لهي سگهي ڪوءِ

---

سوئي پاٽي ڪوهرين، سوئي سمنڊن هوءِ

---

سوئي وهي واهڙين، سوئي دريائن هوءِ

---

سو سيڪڙو سا سڪ، ڳالهہ مڙوئي هيڪڙي

شاه لطف الله جي ڪن بيتن ۾ قدري معنوي تعقيد ۽ بيان جي پيچيدگي نظر ايندي، مگر سندس اڪثر بيتن ۾ رواني آهي، ڪي مصراعون ۽ بيت شاعرانہ شعور توڙي زبان جي فصاحت جا نهايت سهڻا مثال آهن، جيئن تہ:

نڪا ڏاڏائي ڏيهہ ۾، نڪا ذات جڳاءِ
الله سندي راج ۾، جو ڪتي سو ڪاءِ (ص61)

---

ڪاهوڙي ڪيڙين جا، سا اڳاهين جوءِ (ص 74)

---

سپريان جي ڳالهڙي لکين دليلي (ص75)

---

حسن حبيبن جو پسين جي هيڪار
تہ توکي سڀ ڄمار، وچي اڄ ورهين جي. (ص91)

---

حسن حبيبن جو پسين جي پيهي
تہ توکي سيئي، ٻيون وڃن وسري (ص91)

---

حسن حبيبن جو جنين ڏٺو ماء
تني منجهان ڪاء، سک نہ ستي ڪڍهين (ص 92)

---

نہ گدا نہ گبري، نڪين پٽ پنن،
پر ۾ تا پڇن، اوءِ پرين لايو اکين (ص126)

---

ٻجهي تئن ابوجهہ، ڄاڻ وڃائي پانهنجو
هوئين جي سبوجهہ، تہ ٻجهہ مَ ٻڙيَ جيترو (ص141)

## شاهہ لطف اللہ ۽ شاهہ عبداللطيف

شاهہ لطف اللہ قادري سنہ 1090ھہ ڌاري وفات ڪئي ۽ شاهہ عبداللطيف ٻارهن سالن کان پوءِ سنہ 1102ھہ ۾ ڄائو. هو جيئن ئي ساماڻو تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي ڏٺائين ۽ اڳين سالڪن، شاعرن ۽ سگهڙن جي اعليٰ روايت کي سمجهيائين ۽ سيني ۾ سانديائين. اهو ناممڪن آهي جو شاهہ لطف اللہ جهڙو عارف شاعر جو ڪانئس ٿورو اڳ ٿي گذريو هو ۽ ساڳئي قادري طريقي جو بزرگ هو جنهن سان شاهہ صاحب وابستہ هو، تنهن جي سالڪانہ سوانح ۽ عارفانہ بيتن کان شاهہ صاحب غير واقف رهيو هجي. بلڪ شاهہ صاحب جي رسالي جي مطالعي مان پوريءَ طور معلوم ٿئي ٿو تہ نہ فقط هو شاهہ لطف اللہ جي بيتن کان واقف هو بلڪ انهن عارفانہ بيتن ذريعي سندن اُسرندڙ فڪر جي ويترو ڏيڪ آبياري ٿي.

ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف جي بيتن جي ڀيٽ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميين شاهہ عنات جي ڪلامہ ۾ بيان جي وسعت ۽ مضمون جي وضاحت واري خاص خصوصيت جو شاهہ صاحب جي اسلوب بيان تي ڪافي اثر پيو. شاهہ لطف اللہ قادري جي عارفانہ فڪر ۽ معنوي حڪمت کان شاهہ عبداللطيف گهڻي قدر متاثر ٿيو. شاهہ لطف اللہ پنهنجن بيتن ۾ ڪو قصو يا داستان بيان نہ ڪيو آهي، بلڪ هن هڪ خالص معنوي مضمون کي ورجايو آهي: يعني تہ هن سنڌي بيتن ۾ پهريون ڀيرو سلوڪ ۽ طريقت جي مختلف پهلوئن کي پنهنجي عارفانہ فڪر جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. شاهہ لطف اللہ جي سڄي رسالي ۾ محض معنوي نڪات ۽ رموز جو ذڪر آهي جن کي هن مختلف مثالن، تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي سمجهايو آهي. شاهہ لطف اللہ کان پوءِ وري شاهہ عبداللطيف جي بيتن ۾ اهو اسلوب ۽ انداز نظر اچي ٿو. شاهہ صاحب پڻ قصي کي بيان ڪرڻ جي بدران قصي جي مخصوص ٽاڻن ۽ اهڃاڻن کي پنهنجي اعليٰ عارفانہ فڪر جو محور بنايو آهي. شاهہ لطف اللہ قادري پهريون ڀيرو سالڪن جي سفر کي سامونڊين ۽ ناکئن جي تمثيل سان سمجهايو ۽ مشائخن ۽ مرشدن جي مرتبي ۽ منزل کي جوڳين، سامين ۽ آديسين جي تمثيل سان بيان ڪيو. شاهہ عبداللطيف

انهيءَ اسلوب ۾ انداز کي معراج تي پهچايو ۽ مختلف قصن ۽ داستانن، مضمونن ۽ عنوانن کي محض اعليٰ فڪر جي وضاحت خاطر استعمال ڪيو. ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ميون شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٻئي اهڙا شاعر هئا جن شاهه لطف الله کان متاثر ٿي ساموندي ناڪئن ۽ جوڳين فقيرن جي ذڪر کي تمثيل طور سر سري راڳ، سُر ساموندي، سر پورب ۽ سر رامڪلي جو قالب بنايو.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته فن شاعري جي لحاظ سان بيتن ۾ لفظن، فقرن يا مصراعن جي ”تڪرار“ يا ”وراڻ جو باني مباني شاهه لطف الله آهي. شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ انهيءَ جدت جو عڪس جا بجاءِ نظر اچي ٿو شاهه لطف الله جي بيتن ۽ شاهه جي رسالي مان هيٺيان مثال، الفاظ توڙي معنيٰ جي لحاظ سان قابل غور آهن:

| شاهه لطف الله قادري | شاهه عبداللطيف |
|---|---|
| اُت آهي عجز سڀ ڪنهن کي، نه ڪي گيرب نه گاءِ<br>(ص-53) | مهاڻي جي من ۾، نه گيرب نه گاءِ<br>(ڪاموڏ) |
| عقل ات اوچون ٿئو، نڪو فڪر پنڌ<br>(ص-54) | عاقل ئي اوچون ٿئا، پورو ڪين پجي<br>(حسيني) |
| عقل ات اوچون ٿئو ڪا جا ڏسي پت<br>عقل ات اوچو ٿئو نڪا فڪر جاءِ<br>(ص-54) | عقل ات اوچون ٿيو هو هليا سامهان هوءِ<br>مون کي ان مذڪور جي، باس نه پيئي بوءِ<br>(يمن) |
| هيَ هَي ڪندا هاءِ، رُنندا عارف اڳ وئا<br>(ص-55) | ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي<br>(آسا) |
| اوءِ پينا تنه اگهور ۾ جتي مون نه جاءِ<br>(ص-55) | گهوريندي گهور پيا، اگهور گهوريائون<br>(گهاتو) |
| اعليٰ ۽ اسفل جا، جان ڪي تسو توريائين<br>( ص-55) | محبت جا مهراڻ ۾، تسو تي توري<br>(سهڻي) |
| هيڪوئي هيڪ ٿئو وئو سڀ وجود<br>پسن ڪين پري ري، جيڪين ڪري سجود | فاني ٿئا في الله ۾ جن وڃايو وجود<br>نه تن قيام نه قاعدو نڪين ڪن سجود |

| | |
|---|---|
| هي پڻ وڃي وسري، هُن هُنهين جي تات<br>(ص-63) | نہ ڪا هُن جي تات، هي پڻ وڃي وسري(※)<br>(ڪاھوڙي) |
| اُن وڃائي وجود کي، حاصل ڪئو حال<br>(ص-64) | وڃائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ<br>(آسا) |
| هي جي فاني ٿئا في الله ۾ موٽڻ تن محال<br>(ص-64) | سي فاني ٿئا في الله ۾، جن وڃايو وجود<br>(آسا) |
| جني آه اوڙاھ جي، وڃڻ سي وٿا<br>(ص-65) | جن سڄاتو سپرين، سي وڃڻ ڪي وٿا<br>(آسا) |
| مٿي مَتي مهراڻ ۾، هي جي پاڻ وجهن<br>(ص-66) | |
| مٿي متي مهراڻ ۾، اوءِ پٿل وري پٿا<br>(ص-66) | مٿي متي مهراڻ ۾، پٿو تپو ڏيئي<br>(سهڻي) |
| سي پيئا تت وڃن، ناھہ نهايت جنہ جي<br>(ص-66) | وڃي تت پيا، جت نهايت ناهہ ڪا<br>(سامونڊي) |
| ناہ نهايت تن جي، هي جي وحدت سَير وٿا<br>(ص-66) | تنهن نهايت ناہ ڪا، جنهن سُڃا سڄ وڃن<br>(آبري) |
| ڳري ڏسئو ڳالهڙي ورتا ڪي وڃن<br>(ص-67) | ڦوڙائي فراق جي، سُڃي ڳالهہ ڳري<br>(آبري) |
| وه جنہ وصال ڏونه، تنہ "لا" سين لَئہَ مَ لاھہ<br>(ص-68) | "لا" سين اُتي لڏ، "ڪين" رساٽي ڪيچ ڏي<br>(معذوري) |
| سو نہ سليو عام کي، جيڪين ڪارڻ تن<br>(ص-69) | ايئن نہ وسن عام تي جئن مومل وسن مينهن<br>(راڻو) |
| | جيڪا اٿن من ۾، سلن نہ سائي<br>(يمن) |
| ساھہ ۾ سارين سپرين پساهہ ۾ پسن<br>(ص-70) | ساھہ سين سڃاڻان، پساھہ سين پسان پرين<br>(آسا) |
| اِت هنيون پئي پسي ڪين پرينءَ ري<br>(ص-70) | ڳوڙا پئي پار، هنون حيرت ۾ پئو<br>(سهڻي) |

※ هي بيت اصل ۾ شاهہ لطف الله قادري جو آهي، جو غالباً ڀٽائي صاحب ڪچهريءَ ۾ پڙهيو ۽ فقيرن ٻڌو ۽ پوءِ "رسالي" ۾ شامل ٿيو

سو سيڪڙو سا سڪ، ڳالهه مڙوئي هيڪڙي
(ص-79)

اي ڳجهي آهي ڳالهڙي، پهي پروڙج پاڻ
(ص-80)

نڪا پروڙ نہ پيچرو، نڪو پچي پرياڻ
(ص- 81)

پرين پاڻهين پاڻ سين، پاڻهين پاڻ رهاڻ
(ص- 80)

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، آهي اي ۽ اُهجاڻ
(ص- 80)

سپ سيوئي حال، پيهي ڪن پروڙئو
(ص- 81)

سوئي حڪم هلائي علم ۾، سوئي ڏيکاريندڙ راهه
(ص- 82)

سوئي اُتيارينڊڙ وهاري سوئي، سو سيريندڙ ساهه
لاغيري و لاانا غيره، اي هي پرالاهه
روح رڳون ۾ ساهه، سپ ڳالهه هڪڙي
(ص- 82)

اَنا مِن نُورِ الله، نڪو رات ڏينہ نہ رات
(ص- 83)

پيهي پروڙج ڳالهڙي هينئڙا ٻجهه مَ منجهه
(ص- 84)

ايڏانہ سيئي آئيا، جن وڃايو پاڻ
(ص- 87)

سائي صورت سيرت سڄڻين، سوئي حسن ڪمال
سا ئي ظرافت ذات پري جي، سوئي سو جمال
سوئي ظاهر باطن سو سوئي سو خيال
سپ سيوئي حال، اونهائي انت ناهه ڪو
(ص- 88)

سو اورار سو پراڻ، ڳالهه مڙوئي هيڪڙي
(سهڻي)

ڳالهه پريان جي ڳجهه جي، ڳالهه مڙيائي ڳجهه
(آسا)

سپڪ جو سيد چئي، پچي نہ پرياڻ
( سهڻي)

پاڻهين وينا پاڻ ۾، پاڻهي ڪن پرياڻ
(رامڪلي)

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، آهي اي ۽ اهجاڻ
(مارئي)

سو سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي
(ڪلياڻ)

سوئي راهه رد ڪري، سوئي رهنما
(ڪلياڻ)

سڄڻ ساهه پساهه ۾ ، پرين پاڻ پساهه
(آسا)

صوفي سير سين ۾، جئن رڳن منجهه پساهه
(ڪلياڻ)

نڪا رات نہ ڏينہ، سيڪو پسي پرين ڪي
(مومل راڻو)

هينئڙا اُجهه مَ مَنجهہ، تہ پرينئان پري نہ ٿئين
(آسا)

صبح سگڙيون ڪٽي، ويا وڃائي پاڻ
(رامڪلي)

پاڻئي جل جلاله، پاڻئي جان جمال
پاڻئي صورت پرجي، پاڻئي حسن ڪمال
پاڻئي پير مَريد ٿئي، پاڻئي پاڻ خيال
سو سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي(※)
(آسا)

※ ٻڌائي صاحب جي هن بيت ۾ شاهہ لطف الله جي بيت جو عڪس واضح طور نظر اچي ٿو

| | |
|---|---|
| تـو اوڏو تـو سـاڻ، پـر پـروجـهـڻ ڏاکـڙو<br>(ص- 88) | سـنـدي سـپـيـريـن، پـر پـروڙڻ ڏاکـڙو<br>(آسا) |
| وڃـائـي وجـود کـي سـنـدي عـاشـق آهـہ<br>(ص- 89) | ولـولـو ۽ ووڪ، اِيءَ تـان آهـي عشـق جـي<br>(معذوري) |
| تہ هوند اوري تا نہ اُپيين، وَهين رهہ وصال<br>(ص- 89) | اوري هـڏ نـہ اُپـيـي، پُـري تـان نـہ پـري<br>(آبري) |
| حسـن حـبـيـبـن جـو جـنـي ڏٺـو مـاءُ<br>تنهي منجهان ڪاءُ، سڪ نہ ستي ڪڏهين<br>(ص- 92) | ڏٺي جن هيڪار صورت ساهڙ ڄام جي<br>سڪ ٿي ستيون ڪينڪي، پري ساڻ پتار<br>(سهڻي) |
| حسـن حـبـيـبـن جـي، اَپـر لايـن آر<br>(ص- 93) | تـيـون ديـوانـيـون، دل ۾، اپـر لڳـيـن آر<br>(آسا) |
| حسـن حـبـيـبـن جـي، ڪـا جـا آهـي پـت<br>تن منجهئو وڃي مت، پسئو پر پرين جي<br>(ص- 93) | جيڪس ڏٺو جيڏيين، ڀاروچو ڀيءَ پت<br>مون جڻن موڙهين مت، پسنديئي پنهونءَ کي<br>(حسيني) |
| عاشقن اِيَ سور، ماءِ مارينـدن ڪـڏهـيـن<br>(ص- 95) | سامونڊيڪو ڏنجهہ، ماءِ ماريندم ڪڏهين<br>(ساموندي) |
| ماڙهو پائين مئا، تان او سونہ پريان جي جيئا<br>(ص- 95) | هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا<br>(معذوري) |
| سڪ تنهنجي سپرين، اندر ٻارين آڳ<br>(ص- 96) | سڪ تنهنجي سپرين، اندر ٿي اُجهاڳ<br>(سهڻي) |
| سوڏا هلئا سبحان ڏونہ، آڏي لاهي آڻ<br>(ص- 99) | اونـهـي تـڙ آڳـهـتـيـا، آڏي پـائـي پـاڻ<br>(سهڻي) |
| ويندي وحدت ڏونہ، ڪين ڪنيائون پاڻ<br>(ص- 99) | نہ کي کڻن پاڻ سين، نہ ڪو ساٿن پاڻ<br>(رامڪلي) |
| سڪ تنهنجي سپرين، من ۾ ٻارئو مچ<br>(ص- 98) | من ۾ ٻـاري مـچ، جـم وڃـنـئـي اوهـري<br>(ساموندي) |
| جي سنجهي جي صبوح، تا او پئا تاڻين تومٿي<br>(ص- 98) | سنجهي ۽ صبوح، هوند نہ وٿڙن وسري<br>(حسيني) |
| جي ڪڇي ڪاچوٽي ڪڍي تہ ايُ نانگي نہ ننگ<br>(ص- 100) | ڪڇي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي<br>(رامڪلي) |

| | |
|---|---|
| اُن سُڌ نہ پيئي سناسيين، جيهي نہ تيهي<br>(ص- 106) | جيهي جي تيهي، تہ بہ ٻانهي ٻاروچن جي<br>(ڪوهياري) |
| نہ ڄاڻان ڪيهي، اُن آئي آڏ آديسين<br>(ص- 106) | نہ ڄاڻان ڪيهي، چنيسر جي چت ۾<br>(ليلا چنيسر) |
| | هميرن حساب، ڪہ ڄاڻان ڪيهو ٿئو<br>(مارئي) |
| سي نانگا نسنگ وئا، ڪينَ جَني جي ڪنڌ<br>(ص- 107) | نانگا نانيءَ هليا، ڪينر ڏري ڪنڌ<br>(رامڪلي) |
| لوچڻ لئي پرين جي، نانگا ننڊ نہ ڪن<br>(ص- 107) | نانگا ننڊ نہ ڪن، وڃن روندا رام ڏي<br>(رامڪلي) |
| پر ۾ تا پچن، سي سناسي سبحان ڪي<br>(ص- 108) | هڪ اکيون، ٻيا اگرا، پر ۾ تا پچن (مومل راڻو) |
| جنہ ڪارڻ جوڳي ٿئا، جان جان سو نہ پسن<br>ورهہ وهامي راتڙي، تان تان سناسين<br>(ص- 108) | جنهن ڪارڻ جوڳي ٿئا، جان جان سو نہ پسن<br>تان تان سناسين، ورهہ وهامي راتڙي<br>(رامڪلي) |
| کهڙو طعامون تنبن ۾، تن ماين ڪان منگن<br>(ص- 108) | ماين مڱن ٻڪيا، نڪا لڄ نہ ليهہ<br>(رامڪلي) |
| | نڪي طعام تنبڙين ۾، نڪي گبرين<br>(رامڪلي) |
| اوءِ وئا نانگا نڪري، بابُو بائوني<br>(ص- 109) | سامين ٻاري سڄ ۾، بابُن باهوني<br>(رامڪلي) |
| اوءِ وئا نانگا نڪري، عاشق اتر ول<br>(ص- 110) | سدا وهن سامهان، عاشق اتر هير<br>(رامڪلي) |
| جوڳي جنبي هلئا، من ڇڏيائون ماڳ<br>راول اوطاقن سين، لاهي چرئا لاڳ<br>سي لوئا لئي سبحان جي، اندر ٻارين آڳ<br>اوءِ سامي ڪنہ سياڳ، جِيري مڙن رب ڪي<br>(ص- 109) | رويو وينئي راڳ، امڙ اوريان نجهري<br>مون لاٿو ڏيهہ وٺن تان، لاڳاپو ۽ لاڳ<br>ڏونگر سي ڏوريندين، جن اندر ٻري آڳ<br>هوتاڻي هن ماڳ، مون ڪي ڇڏ نہ ڇپرين.<br>(ڪوهياري) |
| آيل آديسين جي، ماري پهہ آئون<br>ڪُهہ ڄاڻان ڪيڏانہ وئا، ڪنہ ڪُڻ ڪنيائون | تڪيا تاڪيائون، ويا رمندا رام ڏي<br>ڪجان خبر نہ لهان، تن آديسين آئون |

ڪجان، خبر نہ لهان تہ ڪتي لاٿائون
سوڏهِ مٽئائون، جتي ري وحدت ناہ ڪين
(ص- 111)

سامي سوارا نڱئا، جُنبي متي جوءِ
(ص- 110)

اندر تن آديسين کي، اَڌ اُڌما آهين
(ص- 111)

جيجان جوڳيڙن جون، مڙهيون مون مارين
(ص- 111)

اُن آديسين اُهڃاڻ، آهين الاهي ذات جا
(ص- 112)

گر ڪٺائون ڪينرو، وينا وڃائين
(ص- 113)

راتين مُنهن مونن ۾ ، ڏيهان ڏک ڏکين
(ص- 113)

جني ميڙي وڌا مڄ ۾، سوين ڏنگا ڏاهہ
(ص- 115)

اوءِ دونهيون پائين دل، ڪارو ڪن نہ ڪيس
(ص- 116)

نہ تن گدا، نہ گبري، نڪين ڪيائون ڪيس
(ص- 115)

آيل! آديسين ري، اڃي نہ آرام
(ص- 117)

جان اوءِ آديسي اها، تان تڪيا پسهون تن جا
(ص- 116)

تڪيا پسي تن جا، من ۾ تئو ماتام
(ص- 117)

ڪنهن ڪُڻ ڪنيائون، ڪاڏي ويا ڪاپڙي.
(رامڪلي)

ويا نيرانا نڪري، جوڳي منجهان جوءِ
(رامڪلي)

اندر آديسين کي، سورن شاخ ڪئي
(رامڪلي)

آديسي اٿيا ويا، مڙهيون مون مارين
(رامڪلي)

اي آديسين اُهڃاڻ، جڻن تعلق ڇڏيائون تڪيا
(رامڪلي)

وينا وڃائين، جي سناسي سٽئين
(رامڪلي)

ڏينهان ڏکي ڏيل ۾، سور سڄيائي رات
(رامڪلي)

ڏينهان ڏورڻ ڏونگرين، رئڻ سڄيائي رات
(بروو)

ميڙيو ڪڙج ڪائيون، جوڳي جلائين
(رامڪلي)

دائم دونهين دل ۾، من سين مالها وار
(رامڪلي)

نہ گِندا نہ گبري، نہ ڪچ نہ ڪاچوتي
(رامڪلي)

پسيو آسڻ اُن جا، اڃي نہ آرام
(رامڪلي)

جي الک سي آگاہ، هلو تہ تڪيا پسون تن جا
(رامڪلي)

تڪيا پسي تن جا، هلي منجهان حال
(رامڪلي)

| | |
|---|---|
| مـايـنـئـون مگـن بـڪـيـا، اي ويـراڳيـن ول<br>لڪين لوئائون جندڙا، سُي ڪانيائون ڪل<br>(ص- 117) | پـنـا چـر چـراتـيـا، مـنـهـن ڪـانـئـيـا سـيءَ<br>مـايـن مگـن بـڪـيـا، نـڪـا لـڄ نـه لـيـهـه<br>(رامڪلي) |
| | چـر چـراتـيـن اگـڙا، ڪـوري ڪـانـيـن ڪـل<br>(رامڪلي) |
| ڪڏهن ويهي نه ڪـئـو، تـن آديسـيـن آرام<br>(ص- 118) | ويـهـي ڪـيـو نـه وچ ۾ آديسـيـن آرام<br>(رامڪلي) |
| مـون پـوري نـه پـچـئـا، جـوڳـي جـاڙ ڪـري<br>سڏيون سنديون سڄـيـن، هـيـون جـن ڳـري<br>(ص- 120) | مون پـوربـي نـه پـچـئـا، جـوڳـي جـاڙ ڪـري<br>هيون جن ڳري، سڏيون سنديون سـڄـيـن<br>(رامڪلي) |
| سي پيهي پسندا ڪاپڙي، سـنـدو وحدت ويءَ<br>(ص- 120) | ته سندو وحدت ويءُ، طالب تـوڙان مـاڻـئـيـن<br>(رامڪلي) |
| سي متايو وائي، تا ڳجهه ڳالهائين پاڻ ۾<br>(ص-121) | ڳجهه نه ڳـالـهـائـيـن، لـڪـا ڍُڪـن لـوڪ ۾<br>(رامڪلي) |
| نـانـگـا نـسـورا تـيـا، چـڏي ويـراڳـي ويـس<br>سي پيـهـي وئـا پـاڻ ۾ جـوڳـي ڏوري ڏيـس<br>اُن ويئي وڃان ئي نڪري، تن آديسـيـن آديس<br>مـاري سـامـي مـيـس، آيـا سـي اتـور ۾<br>(ص- 122) | آديـسـي آديـس، هـتـان ڪـري هـلـئـا<br>ڪـاپـڙيـن قـلـب ۾ ڪـيـو ڏورائـون ڏيـس<br>ويـراڳـي نـئـون ويـس، راول ڍڪـي رمـيـا<br>(رامڪلي) |
| طـوق چـڏي تـاج، اوءِ نـانـگـا نـسـورا تـئـا<br>(ص- 123) | هـٿـي تـويـه تـاڄ، نـانـگـا نـسـورا تـئـا<br>(رامڪلي) |
| نه ڪو پوڇين پنٿ ڪو جنگ نه جاتا ڪن<br>(ص- 123) | جاتا ڪن نه جوڳ جي، جوڳ نه جُهارين<br>(رامڪلي) |
| سي جوڳي پينا جوڳ ۾، جوڳين جوڳ سهاءِ<br>(ص- 124) | سا پر سيئي سڪيا، جا پر جوڳ جڳاءِ<br>(رامڪلي) |
| ايءَ جڳ جوڳو جوڳئين، جوڳين جوڳ سهاءِ<br>جوڳيان سندي جوڳ ۾، مد منجهه هين ماءِ<br>هئي مون ڪي هاءِ جو آءِ جوڳ نه سڪئو جوڳئين<br>(ص- 125) | جوڳين جوڳ جڳاءِ جوڳ پڻ سونهي جوڳئين<br>جوڳين سندي جان جي ڳجهه ڳجهاندر آهه<br>هاءِ مونهين ڪي وڃ جا آءِ جوڳ نه سڪي (جوڳئين) (※)<br>(رامڪلي) |

※ رسالي جو هيءُ بيت بالڪل شاهه لطف الله جي بيت جو عڪس آهي.

| | |
|---|---|
| اوءِ پٽر پيئيون نہ ڪن، ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين<br>(ص- 124) | ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، پڌر پئي نہ ڪن<br>(ڪاهوڙي) |
| ان من اندر محبت، ڪا جا ڳجهي ڳالهہ هئي<br>(ص- 124) | راڻو ڪا رات ويو، ڳجهي ڳالهہ ڪري<br>(مومل راڻو) |
| سي ساميڙا سپڪ، پسو ڳالهيون ڪندا ڳجهيون<br>(ص- 125) | سودي سين ساري، ڳالهيون ڪنديس ڳجهہ جيون<br>(مومل راڻو) |
| پر ۾ ٿا پچن، اوءِ پرين لايو اکيين<br>(ص- 126) | هڪ اکيون هيا اگڙا، پر ۾ ٿا پچن<br>(مومل راڻو) |
| ساميڙا بيباڪ پسو لوڪ وڃائين جئن ويا<br>(ص- 126) | پاڻ نہ پسن پاڻ کي ويچارا بيباڪ<br>(عمر مارئي) |
| اُن الله آديسين، اڇي رهئو روح ۾<br>(ص- 126) | ڏٺي ئي ڏٺي، رهيو آهي روح ۾<br>(آسا) |
| نہ گدا نہ گبري ڪچ نہ ڪاچوٽي<br>اوءِ سُک نہ ستا ڪڏهين ڪڏي لانگوٽي<br>سي جها آيا دني ۾ وٺا تها موٽي<br>اِي ڏاڍي ڪسوٽي، وٺا جهاڳي ڪاپڙي<br>(ص- 127) | نہ گندا نہ گبري ڪچ نہ ڪاچوٽي<br>(رامڪلي)<br>ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي<br>جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي<br>سک نہ سُتا ڪاپڙي، لاهي لانگوٽي<br>انين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري(*)<br>(رامڪلي) |
| نہ ڪي هيٺ نہ بيٺ ڪين.....<br>(ص- 127) | نہ ڪين هيٺ نہ بيٺ، نڪي گبرين ۾<br>رام ڪٿائون ڏيٺ، وڃن ڪينر ڪلهي ڪيو<br>(رامڪلي) |
| نہ ڪو هيٺ نہ بيٺ ڪين.....<br>(ص- 128) | |
| ڪنہ جنہ منہ آهين، سا پر پروجهڻ ڏاڪڙي<br>(ص- 129) | ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاڪڙو<br>(رامڪلي) |
| ڪني پايو چڪر چيلهہ ۾، اندر رهہ رمن<br>(ص- 133) | سدائين سفر ۾، رمن مٽي راهہ<br>(رامڪلي) |
| هلي ڪِي حضور ۾ جاتا جوڳيڙن<br>(ص- 134) | جوڳي ان جاتا ڪي، تي سڪيا سيئي<br>(رامڪلي) |

* رسالي جو هيءُ بيت بالڪل شاهہ لطف الله جي بيت جو عڪس آهي.

پريَ لَئي وڃائيون ڪاپڙيين (پسو) پراڳيان وَسُ
جني اندر آت اله جو، رڙي رند تني جي رس
تان ڪين ڏور تن ڪي، جانڪين وهي وس
ان جوڳين ٿئو جس، وٺالو ڪان لڪي ڪاپڙي
(ص- 134)

ڏهين ڏينهن ڏک ٿيا، پرين پاپوهيا پس
ورق جي وصال جا، واري ڪيائون وس
لذائون لطيف چئي، گروءِ سندو گس
جوڳي ڪنيو جس، لڪا پٽن لوڪ ۾
(رامڪلي)

رهه شريعت هلئا، تفڪر طريق ٿئون،
حال حقيقت رسئا، حرڪت حرص وئونَ
لئي لاهوتي پئا، وحدت وصالونَ
سي پينا بقا باغ ۾، فنا فرق پئونَ
پسو پنڌ سندون، اوءِ وجودان وَهِي وئا
(ص- 137)

راهه شريعت هلئا، تفڪر طريقون
حال حقيقت رسئا، معرفت ماڳون
ناسوت، ملڪوت، جبروت، ايءِ انعامون
پس لاهوت لنگهونِ، هاهوت متي هلئا (※)
(رامڪلي)

اوڏي جا اصلائي، وانءِ تنه مَ وات
ڪوڏان ڪاهه ڪوات، وَهِي ويرونهيو ڪئو
(ص- 138)

ويجهووڃ م وات ڪي، ڪهج ڏونه ڪوات
اجهي منجهان آت، اويسي ٿي آءُ تون
(ڪاهوڙي)

اوءِ هيجان هلن حق ڏونه. ٻيون ڏيئي ٻن
(ص- 138)

هير ملنديس هوت ڏي، ٻيون وجهي ٻن
(رپ)

ڪين ڪنيائون پاڻ سين، سچو پيه پئون
(ص- 138)

ڪهي جا ڪِينَ ڪٺي، پرينءُ پهتي سا
( معذوري)

ٻجهي ٿئن ابوجهه ، جاڻ وڃائي پاهنجو
هوئين جي سبوجهه، ته ٻجهه مَ ٻڙي جيترو
(ص- 141)

پريتڻي پرينءُ سين، سڪڻ ڪي سبوجهه
هئي گهڻو ابوجهه، سورن سنهائي سسئي
(ديسي)

مٿين مثالن مان ظاهر آهي ته شاهه عبداللطيف پنهنجي پيش رو بزرگ شاهه لطف الله قادري جي بيتن کان نه فقط واقف هو بلڪ انهن کان ڪافي متاثر ٿيو: نه فقط شاهه لطف الله ۽ شاهه عبداللطيف جي لفظن، فقرن ۽ معنوي اهڃاڻن ۾ ويجهي مناسبت آهي ، بلڪ شاهه لطف الله جون ڪي ساڳيون مصرعون شاهه لطف الله جي بيتن ۾ ضم ٿيل آهن. ان ڪانسواءِ، الفاظ توڙي معنيٰ جي لحاظ سان پڻ شاهه صاحب پنهنجا ڪي بيت شاهه لطف الله جي بيتن کان متاثر ٿي چيا، جن ڏانهن حاشين ۾ اشارو ڪيو ويو

※ هيءُ بيت اصل ۾ شاهه لطف الله جو آهي، جو غالباً ڀٽائي صاحب پنهنجي محفل ۾ پڙهيو فقيرن ٻڌو، پوءِ رسالي ۾ شامل ٿيو.

آهي. ڪي ساڳيا شاهہ لطف الله وارا بيت "شاهہ جي رسالي" ۾ موجود آهن، جن بابت ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهي غالباً شاهہ صاحب پنهنجي ڪچهري ۾ مثالن طور پڙهيا، فقيرن ٻڌي قلمبند ڪيا ۽ پوءِ اهي رسالي ۾ شامل ٿيا.

# متن
# رسالي جو

# بسم اللہ الرحمن الرحيم

الاهي عالمين ڏٺي سائين سڀاجهاءِ
تونهين اُٿياريندڙ، تونهين وِهاريندڙُ، تونهين واريندڙ واءِ
نہ ڪو ڪري پاڻَ وَٽُندي، ڪنهن کي رَسي نہ ڪاءِ
اِتِ آهي عِجزُ سڀ ڪَنهِن کي، نڪو گيرَبُ نہ گاءِ
جِئَن گهُري تئن ڪَري پاڻَ وَٽُندوُ پادشاهہ (1)
سڀ هَلَنِ حُڪم تُهنجي ۾ ٿا روَح رڳون ۾ ساهُ (2)
ڪوڙا ڪِئو رِسالو اِيُ فقيرَ جوڙي بيتنِ
تہ هوءِ سنِڌي وائي سُهلو ٻجهڻ ابوجهَنِ (3)
پاهنجيَ ٻوليَ ڪري سِکهائين اِي سِکَنِ
لطف اللہ چئي، لَئہِ پَيو، وَر سِکنِ ۽ پَڙهِن
ساري شامِل سو ڪِئو، مَتي سَتَئين قسمن
قسمِ پَهريون منجهہ وحدتَ دَرَجي جَلَّ جلالَہ
ٻئو سلوڪ سالڪن
ٽئو منجهہَ صفت چَئين ڪَلِمَنِ، چوٿون منجهہ مُوَحدَن
پنَجون منجهہ عشق عاشقين ٻَڻ حالَ عاشقنِ
ڇَهُون منجهہ ترڪ دُنياءَ جي ۽ فُقرَ فِقيرنِ
سَتون منجهہ پِيرَ مُرشِدَ جو ڳِيَنِ
اِي هنڌ جي آهين هيڪڙا جِت هَلِئو اوءِ وَجَنِ.

---

(1) اصل بادشاهہ (2) اصل. ٿٺا روح (3) اصل. ٻَجَن ابوجَنِ.

## قسم اول منجهہ وحدت دَرجي (جَلّ جلالہ)

جوڙڻ ۾ جوڙِئو مَتي پَترِيَهن بَتيَن
چٽبو سپ ڪو جدا ڪري، وَر سَهڪو سَمُجهَنِ

### بيت

عَقلُ اِتِ اوجُون [1] تِئو، نَڪو فِڪَر پَنڌُ
اِجتِهادُ جو مُجتهدَنِ جو، تنهن نہ لڌو هنڌُ
عاجِزَ اِن عُلُومَ ڪِئا، وِئو فائقَنِ فَنڌُ
اِيُ حُڪَمائين حاذِقِين، تِئو سَيَنين بَنڌُ
وِئو سَيُڪو رَندَ، ري حَيرتَ ناهہِ ڪين.

### بيت

حَيرتَ هَنيَا سپ، اِتِ دعوي گِيرَ دَهليا
پَسِي پَرِ پرينِ جِي، مُنجهِي سپ وئا
جَنِ اِيُ وَرَقُ وياچيو، نيئي منجهہِ عَقلاء
سُبحانَ مَن تَحَيرَ فِي ذاتِهِ سِواءَ.

### بيت

عقلُ اِتِ اوچُون تئو، ڪا جا ڏِسي يَتِ
پَسئو پَرِ پرِيَنِ جي، مُنجهيو وَڃي مَتِ
اِنَ وائِيَ پِير پِئو، آتَ اُبَتِيَ يَتِ
نڪو ڳاجُ نہَ ڳتِ، حيرت هَنيو سيُڪو.

---

(1) اصل: (هن جاءِ تي توڙي هيٺ) اُوچ.

بيت

اُجِھي مُنجھي وِئو عقل اورئائِين
"اعليٰ" ۽ "اَسفلَ" جا، جان ڪي تَسُو تورئائين
تا اِت اِنَ اونهي اَنتَ عميق ۾، پُڙو نہ پُجهئائين (1)
اِيَهِين چيائين، تہ اِتِ ري حيرت ناھ ڪِين.

بيت

عقلُ اُتِ اوچُون تئو، نڪا فڪر جاءِ
اُوءِ پيَنا تنِهن اَگهورَ ۾، جِتي مون نہ جاءِ
اِتِ حيرت هَنيو سيڪو، ڪِنهن ڪي رَسي نہ ڪاءِ
هَي هَي ڪندا هاءِ، رُوندا عارف اڳ وِئا.

بيت

عقلُ اِتِ نہ اُڪري، عَقلُ تِيي نہ هَندُ
اِيَ پَروُڙان پَري تِئِي، ڪو جو هَتِسِ پندُ
ايڏانہ ڪوڙين چَلِئا ڪيترا، حيرت پائي پَندُ
نہ ڪا رَهَ نہ رُندُ، اِنَ اُونهي اَنتِ عَمِيقَ ۾.

بيت

واحِدَتَ سَبي وُجُود ۾، هيڪا هيڪ پَسنُ
اُوءِ پِئايان پَهارِ تيا، دَعوي دَمُ نہ ڪَنُ
سي مَنجهہ حيرتَ رَهَن، "ڪِينَ" ڪِيائون تَڪيو.

بيت

"عالَم" وحدتَ اُنِ ڪي، "ماسِوا" مَحُو تِئُونِ

---

(1) اصل: "پُرو نَہُجئاءِ"

پَسن ڪينَ پِريَ ري، هِنيونَ حيرتَ پِئون
مَانظَرتُ فِي شيءٍ الاَّ رايتُ اللّٰهَ فِيه. سَيو سَهائُونِ (1)
وِچا وِچُ وِئونِ، تئا سانجارا سبحان جا.

بيت

هيڪوئِي هيڪُ تِئو، وِئو سَيَ وُجودُ
پَسن ڪين پِريَ ري، جيڪِين ڪري سُجوُدُ
"اذاَ تَجلّي اللّٰهُ خَضَعَ لَهُ كُلّ شَيءٍ" اُوءِ تئا نسورا نابُودُ
هي جي مڙوئِي مقصودُ، اِسمر نہَ اُجهَي اُنِ ڪي.

بيت

حَقّائِين حَقّ تئا، حَقان تِئُنّ حقّ (2)
عَقلُ وياچ مَر اُن سين، جِنِي ذاتِ مُطلَقّ
لاَ مَوجُود شَيءٌ غير اللّٰه اِيُ ساري پڙهيائون سَبَقُ
سي واري وَحدتَ وَرَقُ، اُوءِ نِسوروئِي ناهِ تِئا.

بيت

جِتي "كَونَ" نہ "مكان" ڪو، تِتِ ڪِيائون سير
اُتي عَالمَ عَاقِلَ ڪيترا، پَروُڙئو پَائين پيرُ
اِيَ ڳُجهَا ڳُجهہ جِي ڳالهڙي، ڪَمتَرُ پَروڙي ڪيرُ
اَنَ-پيرَ مِر پيرُ، ڪَنِي پَاتو پيرين.

بيت

جتي قيل نہ قال ڪين، تتي ڪئائون تاڪ
اُءِ سو پسن سپرين، جنہ چئجي پاڪ
حيرت تني ماڪ، محب مشاهدو جن ڪي.

---

(1) اصل: "ساهونِ" (2) اصل: "حقاءِ حَقّ تئا"

**بيت**

لَـئـي لَـڪَ پِـئـا، اِتِ ڪـوڙيـن مِـڙئـا ڪـيـتـرا (1)
پَسِـي پَـرِ پـريَـنِ جـي، سـي طـاقَـتـان وِئـا
نـڪـا سـارَ نـہَ سُـتِ ڪـا، تَـهِـيـن پـار پـئـا
ڪِـنـه جـنِـه تِـڪَ نِـئـا، تَـنِ وَرِهـہَ وَرِ ۾ گُـذرِئـا.

**بيت**

سـي پـاڻـان وِئـا پَـيَـڙا، مَـنُ مُـشـاهِـدو جَـنِ
نـہ سـي اوري نـہ پَـرِي، اُوءِ مَـنـجـهـہ حـيـرتَ رهـنِ
"ڪُـنـتُ ڪَـنـزاً مَـخـفِـيـا" عَـجَـبُ آهـي تَـنِ
اُوءِ ٻـيـون ڏِيـئـي ٻَـنِّ، پـيـتـا ذاتِ بَـحـتِ ڏونـه.

**بيت**

"پـاڻ" چَـڏي پـري گَـڏئـا، وَهُ وِصـالُ تِـئـونِ
اُوءِ تـئـا سـانـجـارا سـبـحـانَ جـا، وِچـا وِچ وِئـونِ
مُحِـبُّ سـو مِـڙئـونِ، جـنـهـن ڪي سِـڪـي سَـيـڪـو.

**بيت**

جتي عَقـلُ نـہ عِـلـمُ ڪِـيـن، اُوءِ تـاڻـيـنِ تـيـڏاهـيـن
جـيـلاهَ وَهُ پِـئـونِ وِتَـرو، تـي وجـن اوڏاهـيـن
سـي پـيـتـا وحدتَ وِيءَ ۾، تـا سـاراهـيـنِ سـائـيـن (2)
تِنِ نَا نُـڪـتَـا نـادر وحدتَ جـا، حـاصُـل حُـضـوراهـيـن (3)
جـہُ اڃَـن اُتـاهـيـن، تـہ اُهـجَ ڏِيـنِ اَڳـانـجـهـا گـهـٽـو. (4)

---

(1) اصل: "لئي پئا لک الغ" (2) اصل: "تا ساراهين ساهہ" (3) اصل:نا نکتا= نوان نکتا.

(4) اصل: اڪاڃا ڪنون.

بيت

تو سيڪاريا، تہ سِڪئا، تو پَروَسي پُوٽن
تونهين ڊوهين ڪَمَڙا، ڪانگ نجوئي ڪَنِ
"لاَتَتَحَّرڪُ ذرّ ةُ اِلاَّ بِاذِنِ الله" تو چورِئا چُرَنّ
سِين حُڪمَ تنهنجي هَلَنَ، اُنِ پنڌُ ناهِ ڪو.

بيت

سوالُ جوابُ سُپرين، اندر جَنِ اِلهامُ
عالَمُ اُپَٽي چَڏيو تَنِي ڪي تمامُ
"مَن عَرَفَ اللهُ لاَ يَخفِيٰ عليہ شَيءٌ" ڪَهِنِ اي علامُ
جو عالَمين علامُ، تنهن سيڪارِئا سِڪِئا.

بيت

اندر اوطاقونِ اوءِ سَيرِ سُبحانَ جي پئا (1)
سي پَسي پاڪ پروردگار کي، مَنَا مِنِي وِئا (2)
"لا فاعِلَ فِي الوُجوُدِ اِلاَ الله" نِڪُنجان نِڪُنج ٿئا
واديءَ تنهن وِئا، نِسورِئائي "ناهِ" جي.

بيت

جَنِ راتو ڏِينهان تُنهنجي تارِي طلبَ تاتِ
تِن هِيُون اکِيون هيڪڙو، وائِي بِي نہ واتَ
سي ڏارِيَنئون دور ٿئا، طالبَ سندا ذات (3)
"اَلّطَلاَق مَرتانِ" اِيَ عاشقنِ ڏاتِ
اُو وِهاٽي پرِياتِ، پرِين پسندا پاٽهين.

(1) اصل: "اندر اوتاڪون اوءِ سِير سبحان جي پئا" (2) اصل: ائين. (3) اصل: "سي دارِيَنِيُو"

**بيت**

طالب توڙائين تِئا، اُوءِ سدا تا سِڪَنِ
ڪوڙين ڏيجُون ڪيتريون، توڙي تَنِ ڏِجَنِ
تہ ري رُويَتَ ربَ جي، ڪَمِ نہ اچي تَنِ
"لوكَانتِ النّار تُصيبُ المُشتَاقِين" اِيَ پر آهي جَنِ
طالِبَ طِلبَ ۾ تئا، اُوءِ مُحبَتَا مُحِبَ وَيَنِ.

**بيت**

ڪي نگِّيا ناسُوت ڏي، ڪي مَلڪُوت مِڙنِ
ڪي جُنبِيا جَبَروتَ ڏي، ڪي لاهُوتا لَڙنِ
ڪي وَهِ پئا وِتِري، هَليو هاهُوت وَڃِنِ
آءُ تو پُڇان پَيڙا، سُڏيُون سالِڪَنِ (1)
اُوءِ ڪيهي حالِ هَلنِ، سيڪڙو سبحانَ جا.

**بيت**

شريعت جي سوجهري هَلئا ڏونہ حَقَ
طريقتَ تارِ ڪِئا، وِسَرِئنِ وَرَقَ
حقيقتَ جي حالَ سين رہَ سُوتائون سابِقَ
هي جي "هوءِ" رَسِئا حاذقَ، معرفت مشاهِدو تن ڪي.

**بيت**

رَہ شريعتَ هَلئا، تَفَڪّرُ طَريقَ تِئُون
حال حقيقتَ رَسئا، حَرڪتَ حِرصَ وِئُونَ
لَئِہِ لاهُوتَ نِگِّيا، وَحدتَ وِصالُونَ
سي پيتا بقا باغَ ۾، فنا فَرقُ پِئُونَ
پَسو پنڌُ سندونِ، اُوءِ وُجودان وَهِي وِئا.

(1) اصل: "پيَرا"

### بيت

يُوڻِن وحدتَ وِيَ ۾، شَرعَ گهرُ سَندون
جِتي مَپُ مَلَڪين ناهِ ڪو، تِتي آهيرونِ
توڙي وئا وَرهہَ ڪيترا، پَرو تان نہ پئونِ
سوئي سَيرُ تِئونِ، ناهِ نهايَتَ جنهن جي.

### بيت

پيهي وِئا پاتارَ ۾، مَنجها منجهہِ تِئونِ
جِتي تانگهَہ نہ تڪيو، پيرُ تِتَهين پئونِ
تِنہ اُونهائي اَنتُ ناهِ ڪو، سَيرُ جو سندونِ
آهي پنڌُ اِهونِ، جِنہ پَر پَروجَهڻ ناهِ ڪا (1)

### بيت

پر پَروجهڻَ ناهہ ڪا، گِرَهَڻَ ڪانهي گِتِ (2)
عَقلُ اِتِ اوچون تِئو، منُجهئو وِچي مَتّ
ڪري ظهُورُ قدرتَ جو، پاڻَ ڏيکاريائين اَتِّ
ڪا جا آهي يَتِّ، نہَ سا سُئِي ٻُنڌِي نہ سا.

### بيت

نہ عقلُ، نہ علمُ ڪِين، نڪا ذات نہ تاتِ
عالمُ سبِ عِنايَتَ جو، جِنہ ڏِئي تِنہ ذاتِ (3)
"الاّ مَن اَتَي اللهَ بقلب سَليم"، پَروڙبو پرياتِ
لَئِي پانِهجي لاتِ، سيڪو تيندو پَڌرو.

---

(1) اصل: ناهہ ڪو (2) اصل: "ڪَرهَن ڪانہِ ڪَت." (3) اصل: جہ ڏِي تہ ڏات.

**بيت**

نَـڪـا ڏاڍائـي ڏيـهـ ۾، نـڪـا ذاتِ جُڳـاءِ
الله سـنـدي راڄ ۾ جـو ڪَـٽـي سـو ڪـاءِ
ڪِيَ ڪَمائـي پـانـهِـجـي، تِـنـڪـو رَسـي مَـاءِ (1)
واء تَـنِـيـن ڪي واءِ ، هـي جي پـوک پَـرائـي ڏِتـئـا.

**بيت**

پُـوتَـائِـيَ پَـري ڪِـئـا، تِـئـا زادا زوايـا ضـاءِ (2)
سـنـدي تَـنـيـن ڳـالـهـڙي، هِـتـي هُـت نـہ ڪـاءِ
"اِنّ اڪَرمَـڪـمُ عِـنـدَالله اَتـقـاڪُـم" پـيـهِـي پَـروڙئـا
هـي جـي ڪـيـن تـئـا، سـي هَـڏهِـيـن نـاهِ ڪـيـن.

**بيت**

تـو نـالـوئِـي نـاهِ ڪِـيـن، آهِـيـن اصـل ڪِـيـنَ
آدمُ اُهـجُ عَـدَمَ جـو، هـوءِ حـيـاتِـي جِـيـنَ
اُو گهڙي گهاڙي ڪِين ڪِـئـو مـنـجـهـا مِـٽِي مِـيـن (3)
چِـڏي "آءُ" اِي نـہ، نِـسـوروئـي نـاهِ تِـي (4)

**بيت**

"آءُ" "اَسِـيـن" جـي ڪـريـن، اِي ڦِـڪـي وائِـي ڦـيـرِ
فـنـا فـانِـي جـي تِـئـا، مَـنُ تَـنـيـن سـيـن مـيـڙِ
"اَعـداَ عَـدوکَ بَـيـنَ جَـنـبَـيـکَ"، اُو پِـري تـو پـيـرِ
تِنه سِين وِهِ سَٽاٽِي ويڙ، جوتو ۾ تِئو دشـمـن تُـونـهـجـو

---

(1) اصل: تِنڪُو (2) ڪذا (اصل ائين) (3) اصل: اوڪِري ڪاري (4) اصل: آؤاين

## قِسم ٻئو منجهہ سُلوڪ سالڪنّ

## لِکَڻ ۾ لِکئومِ، مٿي پَنجيھين بيتنِ (1)

**بيت**

پُوريائون پريَ مَٽي، وَهَ پئا وڃنّ
تِتَھِن ڪِٿائون تَڪِيا، عَقلَ جِتِ مُنجهن
اِتِ هَٿُ نہ رسي حاذقين، نَڪِين سي ڪُڇنّ
"مَن عَرَفَ اللهَ ڪَلَّ لِسانُہٗ" اِيَ اُهُجَ آهي اُنّ
توءِ نہ ڇاتو تَنِ، ڪُنہُ ڪمالُ پِري جو.

**بيت**

اُوءِ هلي تِنہ هنڌ وئا، ڪونهي جِت ڪلام (2)
"هُوَالاَوَّلُ وَالآخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالباطِنُ" اِت نہ ڪو خاصُ نہ عامُ
هِي جي مَحو مُطلَق مُدامُ، عَقلَ وِياڇ مَ اُنِ سين.

**بيت**

ڪَهَنِ ڪارونيارَ ڏونہُ، مٿي وَهَ وڃنِ
تنہ نِڪُنجَ نِهايَتَ ناهِ ڪا، اُو راتو ڏينہ رَمنِ
نَڪا اِتِ تانگھہ نہ تَڪيو، تہ ڪِٿي سي رَهنِ
"ڪُلَّ شيءٍ يَّرجِعُ اِلٰي اَصلِہٖ" ٻيون ڏِنائون ٻَنّ (3)
آءُ گھورئو مٿان تَنّ، جَني آه اوڙاهَ جي.

---

(1) يعني پنجويھہ بيتن، مگر موجوده قلمي نسخي جي متن موجب بيتن جو تعداد چوويھہ ٿئي ٿو (2) اصل: ڪونہ (3) - اصل: : ڏئاءِ ٻن.

**بيت**

اَت اُونداهِي، عَمِيقُ جَرُ، اِتِ ٻُجهَڻهارَ ڪِينَ ٻُجهَنّ (1)
نَڪو پيرُ، نہ پيچرو، جِئائين ڪِين وَڃَنّ
عَقلُ اِتِ اوچُون ٿِئو، عالمَ ڪِين ڪُڇَنّ
ڪا جا آهي ڳالَهڙِي ڪَمتَرِ سي رَسَنّ
اِنَ راهِ جي رَمَنّ، سي ذاتئِان ضاع ٿِئا.

**بيت**

اُيا ٻُوڙنِ اوڙاهَ سين، وِرهُ نہ وَٽَنِ هوءِ (2)
پاڻ گهورِيندي يَمَ ۾، ڪِنه سَياڳيي پوءِ (3)
اُتي دعَوي دَمُ ناهِ ڪو، عالِمُ عارفُ توءِ (4)
ڪوڙين منجها ڪوءِ، منَجهِ پروڙي ڳالهڙي.

**بيت**

جِتِ راهَ گُمُ ٿِيي، وَر سا ڪارِي راتِ
هِي پَڻ وجي وِسرِي، هَنَ هُنَهين جي تاتِ (5)
اُوءِ مَنجهہ اُونهي وِئا، پَروڙي پريات
سي ٿِئا جَرَجي ذات، ڪونَہ لَهندُنِ ڪَڏهِين.

**بيت**

نَڪو وِهَڻُ، نہَ واٽَ ڪا، نَڪو اَنتُ، نہ ڇيہُ (6)
اِتِ هَلڻُ حيرتَ ۾ ٿِئو، چيتان تون چَليہُ (7)
پَهتِ پروڙي پيہُ، اِيُ اُونهون ڏيهہُ اگهورُ گهڻون.

---

(1) اصل: اَتِ اُوڏائي. (2) اصل: "اُويا ٻُوسِ اوراه سين، وره نَوَتَن هوءِ" (3) اصل: "سَيا ڪيِي پوءِ" (4) اصل: "توڙي عالم عارف توءِ" (5) اصل: "اُوهن هُنه جِي تات" (6) اصل: "تَوات ڪا" (7) اصل: "ائين"

بيت

پنڌ پَروئي ناهِ ڪو، اُوءِ ويندائي آهين (1)
نَڪو اَنتُ، نہ ڇيہُ ڪو، تہ ڪِتهين تي لاهِين
اُوءِ پيهِي وِئا پاتار ۾، سَرُ صانِعُ سُرحارين
سو هِي سو ساراهين، جَنِ سُهاڻا پاڻ ڏونہُ.

بيت

اُوءِ سوجهيندا سُپِرين، پاتارُ پَهونِ
ماڻيندا مانَ سَرُ وُجودُ ئِي ويندونِ
"وَ فَنَىٰ ذاتُڪَ فِي الذات" اِهوئِي اُهڃاڻونِ
موٽِڻ تا نہَ تِئونِ، وِئا سي وحدت ۾

بيت

مَنجهان ئي مَنجهہ تِئا، منجهان ئي منجهہ
عَقلُ وِياچ ۾ اُن سين، پيتا جي نِڪُنج
اِنَ اوڙاهَ اَمُنج، اُوءِ ڪِنہ پَر وڃن پَيَڙا (2)

بيت

تِئا جَر جِي ذاتِ، جي جَرَ منجهان ئي نِڳِئا
عَقلُ وياچ ۾ اُن سين، هي جي منجه مَنجهائين وئا
اُوءِ عَينوئِي عَينُ تِئا، نَڪو اسمُ نہ جِسمُ ڪو.

بيت

هي جي فانِي تِئا في الله ۾، موٽَڻ تَنِ مَحالُ
اُنِ وِڃائي وُجُود ڪي، حاصلُ ڪِئو حالُ
تَنِي سندو قالُ، اَتانگهان اَتانگهہ تِئو (3)

(1) اصل: "پيڌ پروئي" (2) اصل: "اوءِ ڪُنہ پروڃن پيرا ان اوراہ اَمُنج" (3) اصل: "اتاڪا اَتاڪَ ٿِيءُ"

**بيت**

اونهو تَڙُ اَتانگهہ گهڻو، حَرُ ڪنهَ نَيارُ ڪوءِ (1)
جيڪو اُتان اُهَرِئو، سو وِئو لُئان لوءِ (2)
ڪَڏهِنِ ڪونہَ چوءِ، تہ ڪو وَرِي آئيو.

**بيت**

نڪا تانگهہ نہ تَڪِيو، نڪا اُتِ اُپِيَڻَ جاءِ
اِيَ ڳَري ڏِسي ڳالهڙِي، پير پروڙِي پاءِ
هَي هَي ڪندا هاءِ، اِتِ ڪوڙين وئا ڪيتَرا (3)

**بيت**

تِئائين تانگهَہ نہ تڪيو، جِيائين پاتائين پيرُ
اِيُ اونهون تَڙُ اَگهورُ ڪُنُ، اُتُ اُبتو پيرُ
تِنہ ڪَرلهندو ڪيرُ، جِنہ نِڪُنجَ نِهايَت ناهِ ڪا.

**بيت**

ڪوهُ جاڻان ڪِت سَپَجي، وَحدتَ وَڏائِي وِيہُ
ڪوڙين نِئا ڪيترا، اِنَ جَرَ جَهجهائي ڏِيہَ
اِتِ لاڪِ رَنِي لَکين کَيا ڏوري ڏِسيون ڏيہُ (4)
کِنہ اوڙاهِ اَچِيہ، وِئا رونِسِ وَرتئو (5)

**بيت**

جَنِي آهَ اوڙاهہ جِي، وَجِڻ سي وِئا
وُجُودون وَرِتئو، اُوءِ فَنا فانِي تِئا
"اَنّ لِي عباداً سِوي الانبياءِ والمُرسَلين" آهين سي ائا (6)

---

(1) اصل: ائين (2) اصل: "لُ آلوءِ" ) (3) اصل: "رات ڪورِ وئا ڪيترا." (4) اصل: ائين: "اِت لاڪِ رِني" = لاڳِي ڏٺي. (5) اصل: " ڪهہ اُوراءِ اَچيه، وئا ورنِس روُتوءِ" (6) اصل: "سيءِ آءُ"

ناهِ نهايتَ تَن جِي، هي جي وحدت سيَر وِئا
سِندا جَنِي تَڪِيا سي وِچِي ڪُنتُ ڪَنز تِئا (1)

**بيت**

سُڄي جو اَتانگهہ، تنه ۾ ڪِئائون تَڪيا
اوءِ نہ ڪِنه پِڙ نہ پيچري، اندرِ وَهَ وِئا (2)

**بيت**

پُرندا پاتارَ ۾، نيهُ نِڪُنجَ سين تِئونِ
سِي سوجهيندا سِڪَ پَئي، مارگِ مطلوبُونِ
اُهسُ اَنَ پِئونِ، هُئا جنِه جا سپڪڙُو.

**بيت**

مَئي مَتي مِهراڻَ ۾، هي جي پاڻ وِجهنِ
نہ سي اوري نہ پَري، اوءِ اندرِ وَهَ وَجَنِ
تَنِ مَنجها مَنجهہ تڪيا، اوءِ منجها منجهہ رَهَنِ
سي پيِنا تِت وَجنِ، ناهِ نهايتَ جنه جي.

**بيت**

مَئِي مَتِي مِهراڻَ ۾، اوءِ پٽَلَ وَرِي پِئا
اُوءِ حَقيقَتان حَقِ رَسِئا، منجها منجهہ وِئا
سندا تَنِي تڪَيا، وَچِي بي باڪِ تِئا (3)
"اَلاَ اِنَّ اَولِياءَ اللهِ لاَ خوف عَليهِمَ"، آهينِ اُوءِ اِئا (4)
هي جي منجهہ وادِي اَمنَ رَهئا، سَدا حُضور تَنِ کي.

---

(1) اصل ائين. (2) غالباً هيءُ بيت ڪتل آهي. (3) اصل ائين. (4) اصل: ۽ ئاءُ

## بيت

اُونهي اَنت عَميق ۾، ٻُڏي ڏني جَنِ
نہ سي اوري نہ پَري، اوءِ منجهہَ پاتارَ پُرَنِ
حاذِقَ حَيرتَ ۾ پِئا، ڪِين پَروڙئو تَنّ
"يَا دَلِيلَ المُتَحَيّرِينَ" عَقلَ مُوڙها اُنَّ
اِتِ اَڙئا عارِفَ اُيِين، پَرِ پروجَهڻ ناهِ ڪا.

## بيت

دَعوَيَان دُرِ تئا، پَسِي پَرِ پِريَنّ (1)
ڳَري ڏِسِئو ڳالهڙي ورتا ڪِي وجِنّ
ڪَمتَرِ سِي ڏِسَن، جَنِي آهَ اوڙاهہ جِي.

## بيت

آتا سي آگهورَ ۾، وَهِيُون وَجائيُونَ جَنِ
پَسِئو پَرِ پِرينِ جي، اُوءِ دَعوي دَمِ نہ ڪَنِ
اِتِ ڪيرُ ڪُڇندو ڪيتَرو، رِي فرمانَ ڏَٺين
"اِلاَ مَنِ اَذِنَ لَهُ الّرحمانُ وَقالَ صَوابا" اِيُ اَمرُ اهي اُنّ
موڙي مَئي وَجن، هنڌُ حِڪايَتَ ناهِ ڪو (2)

---

(1) اصل: "داوَيا دور تئا" (2) اصل: "مُوري مَئي وَتجنَ"

## قسم ٽيون منجهه چئين ڪلمن، آهي ذڪر جن
## جوڙڻ ۾ جوڙئو مٿي پٽريهن بيتن

### بيت

پارِ "اِلاه" جي آئِيا، "لاَ" سين لَڳُه ٽِئون
ڪِينَ ڪنيائون ڪِين ٻِئو، سُچو پَهُ پِئونِ (1)
ٽِئا ساچارا سُبحان جا، وِچان وِڃُ وِئونِ
اُهسُ اُنَ پِئون، ٻي ڏونه اکيون نهَ ڪٽي.

### بيت

"لا" لاتو سَبُ، مڙوئِي مَحُو ٿِئو
جِنه اندرِ اونداهِي ڪِئي، وچان سو وِئو
جِپڪين هو اڳِهين، هاٽي سو ٿِئو
ڪونهي ڪو ٻِئو، اي پيهي پَروڙج ڳالهڙي.

### بيت

وهَ جنه وِصال ڏونه، تنه "لا" سين لَڳُه مَ لاَهِ
"الاه" جي آرئا اِيَ تَنِي ۾ آه (2)
اِنَ "لا" سنَدي ڳالهڙي، منجهه مَنجهِين راهِ
سار وَرنِدي سَاهه، مَتان وِهين ويسرو (3)

---

موجوده قلمي نسخي موجب فقط ٽيهه بيت آهن. (1) اصل "ڪين ڪياءُ (=ڪين ڪنيائون)

(2) اصل ائين (3) اصل. سار وردي ساهه متان وِهي ويِسرو.

**بيت**

اَمُلُ اوڙاهين هيڪڙو، اِي اڏ مِئو آهِ
مُلُ جنهن جو ناهِ ڪو، اُو اندر روحَ راهِ
سَڀ مُرادون مَنجهہِ جَنهين، اُنهان آسَ مَ لاَهِ
اِي اَصلُ عِنايَتَ آهِ، جنِہ گهُري تِنہ ڏئي.

**بيت**

پرِيَ پاڻهي ڏنِي پانهنجي، ڪالوڪان ڳُجهِي مَامَ
جي پيهي پُروڙِئو ڳالهڙي، جَائِين طلبَ مُئِن تَمامَ (1)
تہَ مُوا ميڙينڌڙ پَاڻهِ، اِيَ "لاَ" سَندِي لامَ
ڪِئو اَمر ڪارڻ "عام"، ناتہ اِيُ وسيلو وِصال "ذات" جو.

**بيت**

جِيئِن جَنِي ذاڪرين، ڪَلِمُون وحدتَ پَڙهنِ
هُوندا سي هميشہ سِينءَ پاسي پاڻ پرِيَنِ
سو نہ سَليو عامَ کي، جيڪين ڪارڻ تَنِ
جِتي "ڪَوُنُ" نہ "مڪان" ڪو، اُوءِ پيتا تِتِ وَڃَنِ
وادي تنہ رَهنِ، جِتي ڏينہ نَہ رات ڪا

**بيت**

هنيپن سِين حَلّ ڪِئو، جي ڪلمون توحيد پَڙهنِ
سي پَسو پرهہِ پَتڪِئا، وَحدتَ سَير وڃَنِ
جنہ لِقا ڪوڙين لَک مڙندا، اُوءِ هيجان تنہ هَلنِ
اوءِ وادِي تنہ رَهنِ، جتي "قال" نہ "قِيلُ" ڪِين.

---

(1) اصل: "جا طالِبُ مُ تمام"

**بيت**

هِنيپن سين هيڪُ ڪِئو، "لاالاه" جي پَڙهن
سِي پيتا بَقا باغ ۾،سَير سُبحان جو ڪَن
جَنِي جا منجهہ "بَقَابِاالله" تَڪِيا، سي اوري تا نہَ اُپين
جِتي "ڪَونُ" نہ "مَڪانُ" ڪو، اوءِ تاڙِئو تِتِ وَڃِن
اوءِ وادِي تنہ رَهِن، منجهائِين منجهہ جا.

**بيت**

"لاَ" ڪي لاَتائون "الاالله" سپن اوڏا تِئا
قَطَعُ ڪامِلُ تَنِي ڪي، اوءِ ڇَڏي سَپ وِئا
مُحِبّ تنہ مِڙئا، جِنهن ڪي سِڪي سَيُڪو.

**بيت**

لَتِي "لا" وِچانِ، سَيوئي سُبحان تِئو
جيڪِين حجابُ حقّ سِين، اُو وچان سَپ وِئو
اِتِ هِنيُون حيرتَ پِئو، پَسي ڪينَ پِريَ ري.

**بيت**

ثابِتِ تِئا سُبحان سين، لَنگهي "لا" وِئا
اوءِ ڪَنّ دائم دؤر وحدت جو، هَلِي حيرتَ پِئا
تَنِ وِئو "پاڻ" وچاءِ مُحُوتِي، سي صِفتَ صانِعَ تِئا
واديَ تِنہ رَهِئا، جِت ري ذاتِ بَحتِ ناهِ ڪِين.

**بيت**

ساهَ ۾ سارِين سُپرين، پَساه ۾ پَسّن

هَر دم حُضورُ جَنِ کي، سي ڪيئن رُجِ رَهنِّ (1)
اُوءِ اوري ڪَنِ، نہ آسِرو، تاڻئو توڙِ وَڃنِّ
واديَ تِنه رَهنِّ، ڳُجهائين ڳُجهَ جا.

**بيت**

"الاَ" اورئائين ڇڏي، وئا سي اوءِ وَري
تِئا سيڪڙو سُبحانَ جا، پيين وِڪَ پَري
جِتي "ڪونُ" نہ "مڪان" ڪو، سي پَسن تِهان پَري
اِتِ پيرِي پيرُ نہ نِڪري، آهي ويڙِ وَسيع گهٽو.

**بيت**

وِڃن جي وَحدت ڏوُنہُ، "الاَ" تَنِين اَڏَ
اُوءِ تاڻي توڙِ رَسِئا، ڪِنه پِريان جي سَڌَ
سِي وُجودان وَهِي وِئا، هي جي مُحبَّ مشاهدي گڏّ
سندا تَني هَڏّ، سِڪَ پِريان جي ساڙِئا.

**بيت**

"اِلاَّ" آڏِي سڄڻين ۽ "الاَّ" آڏِي لاهِ (2)
جيڪِين پَسين پِريَ رِي، سو سيوئِي ناهَ (3)
اِيَ پيهِي پروڙج پاڻ ۾، سائِي ساهہَ پَساهِ
جاتو جني آهِ، هَردُم حُضورُ تَنِ کي.

**بيت**

چيائون الله هادي، جو جَلَّ وَ عَليٰ حَقُّ (4)
اُوءِ پاڻان وِئا پِيڙا، تِيَنِ ذاتِ مُطلَقُ

---

(1) اصل: "رِجُ رهن" (2) اصل: "ڏي لاه" (3) اصل: "پسي" (4) اصل: "جوحق وجل و علي"

”فَلاَهُمر اِلاَّ اَنَا“، اِيَ ساري پڙهائُون سَبَقُ
جَنِي وارئُو وَحدتَ وَرَقُ، اُو نسوروئي ناهہ تئا.

**بيت**

نيئي رَسائي ذات کي، اللّٰهُ اِسمُ ذات
اِتِ کَتِ نہ اُجَهي ڪپترو، وائي وجي واتِ
”لاَ حِجَابَ بَينِي و بَينَڪ“ اِيَ لذائُون ذاتِ
عَينُ جَنِي کي ذاتِ، مَحُو مُطلَق سي تئا.

**بيت**

اِسمَ الاهَي ذاتِ جي، اندرِ ڪِئو اُهاءِ
تِنه وَهمَ سَبِ وجائيا، پَئي سُلطانِي شعاءُ
اُنِ رهِيو هِي هيڪَڙو، وِئَنِ سَي يئا
هي جي مَحضُ مُطلق مِڙئا، عَينِ مُشاهدو تن کي.

**بيت**

ڪو جو پِئُنِ پِرِيَ جو اندرَ منجهہ اُهاءُ
وڍي تِنہَ وِڇُونُ ڪِئا، وُجودان وِئا
اِيَ پيهِي پروڙج ڳالهڙي، ماڙهُو اتِ ڪِئاءِ (1)
هي جي منجهہ کُنَہ رَهِئا، ذاتِ مطلَقُ تَنِ کي.

**بيت**

هَلِئا جي هوءِ ۾، وحدتَ تَني وِصالُ
سي وُجودان وَهِي وِئا، پَسِي پِرِيَ جَمالُ
پيهِي تَنِ پَروڙِئو، حاصِلُ حَقَّ ڪمال
اوءِ ”قِيل“ وجائي ”قَالُ“، نِسوروئي ناهِ تئا.

---

(1) اصل. ”مَارُات ڪاءُ“

**بيت**

”هُوءِ“ سِين حَلَ تِئا، روحَ ۾ تِيُنِ رهاڻُ (1)
اوءِ ڪنهِ تانگهه نه تَڪيي، نَڪِين رَهِيُنِ ”پاڻ“
سي نِڪُنجان نِڪُنجي تِئا، پاتارونِ پَريَاڻُ
اُتِ مُنجهِئو وجي پاڻ، عَقلُ عاقلين علم عالِمين.

**بيت**

”هُوءِ“ ۾ ڪيائون حُلُولُ، ”هُوءِ“ سي تي، هُوءِ ڏُونهُ هلئا
جَني آهَ اوڙاهَ جي، تَنِ ہي اُجهَي ڪِئا
هي جي ڪارونيارو ڪِنه پِئا، سي وجُودان وئا
اُوءِ نِسورا نابودُ تِئا، نهَ ڪو اِسم نه جَسمُ ڪو.

**بيت**

ڪَلمُو اُتاهُون ڪَلِمين، ضَميرين غايَتَ ضَمير (2)
اِسمُ عالِي اِسمين گهڻو، او آهي اعظَمُ ڪَبيرُ
اِيُ هِي دليلُ ڪماهِيَت ذاتِ جو، اِيُ هِي اُصولِي آميرُ
اِيُ حَرفُ ڏسجي هَرڙو، پَرَ ڪُنَه ۾ ڪَثير (3)
جيڪو اينڏانه وِئو ويُر، حقيقتَ حاصِلُ تِنه ڪي.

**بيت**

اسمَا اَڳِي وِئا، مُسَمٰي مُحَقِقَ
اَڪَرُ نه اُجهي اُن ڪي، هي جي حُضورِي حَقّ
سي پيهي وِئا پاتار ۾، منجِهه اُونهائي عُمُقَ
سندا ذات مُطلَقَ، آهن اُهج آڳانجها اَنِ ڪي (4)

---

(1) اصل ”تِينَ رهاڻ“ (2) اصل: ”ڪلمو اُتاهُم“ (3) اصل: ”ڏِسِي هَرَرُو“
(4) اصل: ”اهي اُهَنَج اَڪا جا اُنِ ڪي.“

### بيت

جِتي ”ڪَونُ“ نہ ”مَڪانُ“ ڪو، نہ ڪو ڏينہُ نہ راتِ
نہ ڪِين قَالُ نہ قِيلُ ڪِين، نہ ڪا طَلَبَ تاتِ
نہ ڪَا صورتَ سِريرَ جِي،نہ ڪا زينتَ نہ ذاتِ
اُوءِ ڪِنہ پرِيان جِي جَاتِ،ڪَڍِي تيڏاهين نِئا.

### بيت

منَجهائِين منجهہ ٿِئا، مَنجَها مَنجهہِ وَري
جِتي قَالُ نہ قِيلُ ڪِين، سي پَسنِ تِهان پَرِي
اِنَ ڏانڪِي عُلِيَا، ڪو ڪَمتَرِ پيرُ ڌري
جتي پيرِي پيرُ نہ نِڪَري، اُو پينا تِنہ وِيڙ ۾.

### بيت

پيرُ نہ پوءِ پَڪِٽا، جِتِ سَئَسين سِينہَ گُڙَنِ (1)
سَا جُوءِ ڏوري آئِيَا، سُنهَان جِتِ مُنجهنِّ
ڪاهوڙِي اُنِ پنڌ جون، گُجَهان گُجِهيُون ڪَنِّ
اُوءِ پينَا تِتِ وَجَنِ، جِتي حرف حِڪَايَتِ ناهِ ڪو.

### بيت

ڪاهوڙِي ڪيڙِين جا، سَا اَڳَاهِين جُوءِ
”نَاهہ“ ۾ ڪِٿائون تڪِيَا، هَلِي گَڏِئا ”هوءِ“
تَنِي مَنجهان اُيِري ڪا، گُجهہَ گُجهائين بُوءِ
اُوءِ پينا تِنهہ ڪُوءِ، جِتي پَهتَ پَروُجَهڻَ ناهِ ڪو.

---

(1) اصل: سيه

**بيت**

ڪِـنـي پـاتـو پـيـريَـان آ پـپـريَ ۾ پـيـرُ
اِيُ اونھـون تَڙُ اَگھـورُ گھـٽُـو، ڪُن اَتِ، اُبـتـو پيرُ
سِرَ مَـٿـي سُونـتـو سَـھـي، تِـيَـن ڪـو پـائـي پـيـر(1)
اِنَ پُون سَنـدو پيرُ، ڪـوڙيـن مـنـجـھـان ڪـو لـھـي.

**بيت**

سُـپـيـريـان جِـي ڳـالـهَـڙِي، لَـڪـيـن دلـيـلـي
اُوءِ لَڪِي لـوڪ نـہ سَـگھـئـا، ۽ پـڇـي خَـلِـيـلـي
تِـئـائـيـن قـلِـيـلـي، ڳـالـهِ ڪِـئـائـون ڳُـجـھـہَ جِـي.

**بيت**

ڳُجِهي پريان ڳالَھـڙِي، ڪَـمـتـرِ ڪـي ٻُـجـھَـنِّ
عَـقـلُ اِتِ اوڃـون تـئـو مَـنـجـھـئـو مَـئـي وَڃَـنِّ
اوءِ ڪَـنِـي قَـلِـيـلَـنِ، پـيـھِـي سـا پَـروڙِي.

---

(1) اصل: "سُوتُو سَھي تِيڪو"

## قسم چوٿون منجهہ وحدت ۽ موحدن

## لِک ۾ لِکئو مٿي اُو پنجاهن بيتن (*)

### بيت

سمند ڪنيو پساهہ، ڪوڙين موجَ اُيرئا
ڪي اُجهامِي اُتِيا، اُنَ آهي پِر اِها (1)
ڪي ڪَونَ مَڪَانَ سي، سيئي سي تئا
"الاَ اِنهُ بڪّلِ شَيءٍ مُّحيط"، مِڙوئي دَرياء.

### بيت

سيئي وَهيا واهَڙا، اڏمِئو مِهُراڻُ
ذات مڙوئِي هيڪَڙو، نڪواِت چُوئڻُ نہ چاڻ (2)
"اَلاَن ڪَما ڪَانَ" وِئو وِچان ئِي پاڻُ
جي پَروڙين پاڻُ، تہ پِري رِي ڪِينَ پَسين (3)

### بيت

نہ ڪِي صِنفان صِنفَ، ڪا نہَ ڪو "ڪونُ" "مَڪان" (4)
بِيائِي ٻُڙو ناهہ ڪو، سڀ ذاتِ عنانُ
"هُوالاولُ وَالاَخرو الظّاَهُروَ البَاطُن"، مڙوئي سبُحان
ات نہَ ڪو نام نشانُ، پِريَ رِي ڪِي نہ پَسجي (5)

---

* موجوده نسخي موجب بيتن جو عدد ايڪونجاهہ آهي. (1) اصل: "ڪي اُجَامِي اتِيِي."
(2) اصل: "چوئَن نَچَان." (3) اصل: "پروڙي..... پَسي (4) اصل: "تڪي صنفان صن ڪا"
(5) اصل: "ڪين پسجي"

**بيت**

”پاڻ“ ئي رهيو پاڻ سو، وئا سڀ اَقسامَ
مڙوئي مَحو ٿئو، نَڪا اِت خاصَ نہ عامِ
”ڪُلّ شَيءٍ هالِڪ اِلاَّ وَجهَہُ“، وِسَهہ اِنَ ڪَلامَ
”لا“ سنديَ لاَمر وچان سڀ لاهي ڇڏئو.

**بيت**

ٻيائي ٻُڙو ناهہ ڪو، شڪُ سَيوئي لاهِ
جا تو دُوئي ڀانئيي، سا هَڏهِن ناهہِ
”سُبحانَ مَن اظهرالاَشيَاءَ، وَ هُوَ عينهَا“
دوسُ دلِ هِين ۾ راههِ (1)
اِتِ هنڌُ حڪايَتَ ناهہ، حيرَتِ جيهي ڳالهَڙِي. (2)

**بيت**

ڀَسي ڪِينَ ڀريَ رِي، غيَرُ سُيوئِي وِئو
اِتِ پَهنُ پَروجهڻ ناهِ ڪو، هِنيون حيرتَ پئو
”ڪُلُ من عَلَيهَا فَانٍ وِّ يَبقَىٰ وَجه رَبِّڪ“،
هي هِڪوئِي هيڪُ ٿئو
وچان غير وئو، ڀِري ڪي نہ ڀَسجي. (3)

**بيت**

غيرُ هَڏهين ناهِ ڪِين، هِيڪَڙوئِي پاڻُ
سُرابَ جِيَن سايو ڪري، اچي ڏيڪاريائين پاڻ (4)
ڪوڙئين اُپِينَ ڪَنبَنِ ڪيتَرا، ڪِنهين ڪونهي تاڻُ (5)

---

(1) اصل : ”دله ۾ راه“ (2) اصل: ”ڳالڙي“ (3) اصل: ” ڪين پسجي“ (4) اصل: ”سراب جِيَ.“ (5) اصل: ”ڪنه ڪونه تاڻ.“

قُوتِي جيڪين قِسيو وڃنِ، ڪَرَ هُئَائي نہ هَاڻ (1)
وِڃهہ وِرهائي پَاڻ، هِتِ هنڌ هستي. ناهہ ڪو (2)

**بيت**

جي تون پسين ڪين ڪِئو، اي شُعلا مَشعَل (3)
ڪِئين اڏامِي اُيرِي، ڪَرَ جَهَا ڪَيڪَل (4)
اُنِ مَنجهہِ هَڏهن ناهہ ڪِين، تِي ڏِسجي ڪَلَ
پَردي اندرِ (پل)، پنڌ اِيهين بَس آهہ تو (5)

**بيت**

ڪو نہ هُئو ڪڏهين، ڏوجو منجهہ ڏيانَ
جي پَسِي پاڻ پَري پِئا، سي ناهہِ تِيا نادانَ
"لَوڪَانَ فِيهِمَا آلِهة الاّ اللّٰہُ لَفَسدتَا" اِيَ مَ پِيچيج آنَ
وچان لاهہ گمانَ، پيو هُڏِهن ناهِ ڪي.

**بيت**

نڪو عَرشُ نہ ڪُرسِي، نڪو ڏينہ نہ راتِ
نڪو اِسمُ نہ جِسمَ ڪو، نڪا طَلَبَ نہ تاتِ
نڪو قَالُ نہ قِيلُ ڪي، نڪا وائي واتِ
سَڀِ هيڪَڙِي ذاتِ، ٻيائي ٻِڙو ناهہ ڪو.

**بيت**

نڪو ماڙهو، نہ مَلَڪَ ڪو، نڪو جَهَنَّم نہ جَنَّتَ
نڪو ضؤ نہ ظَرَافَت ڪا، ڪو ڪَهَڻُ نہ ڪاهَتَ (6)

---

(1) اصل: هَئِي نہ. (2) اصل: وج ورائي پاڻ. (3) اصل: جيت پسي ڪ ڪئو." (4) اصل ائين
(5) اصل: "پردي ادر پڌ ايهي بس آہ تو" (6) اصل: "نڪو زۂ نہ زرافت ڪا نڪو ڪهن نہ ڪاهت"

نڪو حَيضُ نہ حِسَابُ، نڪو عقلُ نہ عادتَ
پيهي جي پروڙئين تہ مِڙوئي وَحدَت
”لِمَنِ المُلكُ اليَومَ اِللهِ الواحِدِ القَهّارِ“ سائي ساعَتَ.

## بيت

جي ذاتِ ڳَڏِي ذاتِ کي، تہ لهِي نہ سگهي ڪوءِ
سوئِي پاڻي کُوهَرِين، سوئِي سَمُندين هوءِ
سوئي وَهي واهڙين، سوئي دَريائن پوءِ
آه مِڙوئي هيڪڙو، جي پروڙي ڪوءِ (2)

## بيت

ڪِي نہ رهيو ڪيترو، وئو سڀ وُجودُ
سوئي ساجِدُ سو مَسجُودُ، سوئي سو سُجودُ
”ڪُلُ شَيءِ هَالِڪ اِلاَّ وَجههٗ“ ويو سڀ وجودُ
مڙوئي موجود، پرينءَ ري ڪِي نہ پَسجِي (1)

## بيت

پاڻِهين پاڻُ رهيو سو، وِئا سييئي شَڪَ (2)
نہ ماڙهو نہ مرون ڪِي، نَڪِي رهيا مَلَڪ
قُوتا سَڀَ قِسِي وِئا، لتي وڃان لِڪَ
سو سيڪڙو سا سِڪَ، ڳالهہ مڙوئي هيڪڙي

## بيت

حُبابَ سَڀَ هوءِ تيا ۽ وڃي رهيو پاڻُ
عَقلُ اِت نہ آڪُري، وِئو سيوئي ڄاڻُ

(1) اصل: ”ڪامروئي هيڪرو“. (2) اصل: ڪين پسجي (3) اصل: رهئو سو

حيرتَ هَنيو سِيُڪو، توڙي عاقِلُ عَالمُ مَتِ سُجاڻُ
پيهي پروڙج پاڻُ، پرينءَ ري ڪِي نہ پسِجي (1)

## بيت

جا تو دُوئِي پانئِي، اِي مڙوئي مُطَلَقُ
سي پَسن ڪِينَ پرينءَ ري، حاصل جِني حَقُ
جَني سمجهئو اي سَبَقُ، تَن ڪينَ ڏٺو ڪِي ٻئو.

## بيت

نَڪِي اوري نہ پَري، نِڪي وِچ، نہ پاندِ
پرينءَ پاڻهين پاڻَ سِين، هُئڻُ ۽ هيڪاندِ
نڪو وِچ نہ ويساند، مڙوئي مُطَلَقُ سو.

## بيت

پاڻهين آهي پاتشاهہ، سَڀُ پاڻهين پاڻ (2)
پرين پاڻهين پاڻَ سين، پاڻهين پاڻ رهاڻِ
پاڻهين ورُونهي وِنڌُري، پاڻهين پاڻ ساڻِ
سورهہ سا رِهَاڻِ، ڳالهہ مِڙوئي هيڪڙي.

## بيت

تو اوڏو سِينهي آهي، هنُدو تو هِين ساڻُ
اِي ڳجهي آهي ڳالهڙي، پيهي پروڙج پاڻُ
"ونَحنُ اَقَربُ اِليه مِنُ حبلِ الورَيد" آهي اِي اُهجاڻُ
مَنجهہ مَنجهِين ماڻُ، لَڪي لوَڪَ نہ سگهيو. (3)

---

(1) اصل: ڪين پسجي (2) اصل: پاڻ (3) اصل: لوڪَ.

### بيت

نہ وهَڻ وات نہ ڪا، نہ ڪو پاڻُ نہ تاڻُ
نڪا پروڙ نہ پيچَرو، نڪو پُڇي پرياڻُ
عَقلُ اِتِ اوچُون تِئو، وِئو وِڃائي پاڻُ
اِتِ دَعويَ دَمُ نہ ماڻُ، حيرت هنيو سَيُڪو.

### بيت

سوئِي شاهہُ، شُجاع سو، سوئِي سو سُلطانُ
سوئي پيڙهَي پاتِشاہُ، سوئِي رَبُّ رَحمانُ
مڙوئي موجودُ سو، نَڪو اِتِ اِينُ نہ آنُ
ڪِهہ آهي نادانُ، جِنءَ پاڻ ياڻئي وڃ ۾ (1)

### بيت

نَڪا صورتَ سَريرَ جي، نَڪو قيل نہ قالُ
سي وُجوُدانِ وَهِي وئا، جَنِ ڏٺو پِريَ جَمالُ
تيهِي ظَرافَت ذات جِي، تِهو حُسنُ ڪَمالُ (2)
تيهيءَ تَجَلي تامَ سَڄٽِين، تِهو ضوء زولالُ (3)
تيهي لطافَتَ لطيفَ سو، تِهو خُوبِي خالُ
تِهو ذوقُ زِينَتَ پِريَ جِي، تهو خاصُ خِيالُ
سبُ سيوئِي حالُ، پيهِي ڪَنِ پَروڙِئو.

### بيت

سوئِي راہَ رِهاڻِ سا، سائِي مَجِلسَ، سو مِيرُ
سوئِي پِيڙهَي پاتِشاهہَ، سوئِي سو وزير

---

(1) اصل: پاڻ يائِي (2) اصل: زرافت. (3) اصل: زۂجلال.

سوئي اَمِيرُ، اُمراءُ سو، سو عاصِمُ سو اَسِيرُ
جي قَلِيلُ جي ڪَثِيرُ، تہ ڳالهہ مِڙوئِي هيءَ ڪڙي.

**بيت**

سوئِي ساقِي، سو سَرو، سوئِي جَانشينُ، سو جَامُ (1)
سوئِي پياري، سو پِئي، سوئي مستُ مُدامُ
سوئِي وِهاري سو وِهي، سوئي ڪري سَلامُ
سوئِي ڳائيندُڙ ڳاءِ سو، سوئِي ڪَهي ڪَلامُ
سيَوئِي سو تَمامُ، پِرِيَ رِي ڪِي نہ پَسجي (2)

**بيت**

سوئي تُنبو تُنبيِرُ سو، سوئي تَنڊَنِ تانُ (3)
سوئِي وجي، وڄائي سوئي، سوئي ساراهي سُبحانُ
سوئي ڏاتارُ، ڏاتِ سا، سوئي سو سُلطانُ
پيهي پروڙج پاڻُ، اِتِ پِرِيَ ري ڪِي نہ پَسِجي (4)

**بيت**

سوئي سلطانُ، شاهُ سو، سوئي پيڙهيَ راءُ
سوئي حڪمُ هلائي عالَمَ ۾، سوئِي ڏيکاريندڙ راهَ
سوئي اُتاريندڙ، وهاري سوئي، سوئي سيريندڙ ساه
”لاغَيري وَلاَ اَنَا غَيرهُ“ اِيَ هي پَرِ اِلاهَ (5)
روحُ رڳون ۾ ساهَ، سَڀِ ڳالهہ هيڪڙي.

---

(1) اصل: جانِ شِين (2) اصل: ڪينَ پسجي (3) اصل: تَبو تَبيِرُ سو (4) اصل: پاڻ... ڪين پسجي. (5) اصل: اَيهي پر

## بيت

"صِفَتِ" ذاتِيئان نِڱئي ۽ پُڻ صِفتان "ذات" (1)
جَئِي "ذات" "صفت" ڪي، جِمَ وِراهيين واتِ
اِيَ ڳُجهي آهي ڳالهڙي، پَردي اندرِ پَهاتِ
"اَنا مِن نُورِ اللّٰه"، نڪواتِ ڏينه نہ راتِ
سائِي مسلمانِي ذاتِ، سائي ڪافِري هيڪَڙي.

## بيت

سوئِي پانڌِي، پنڌُ سو، سائِي راهَ سو رَنڌُ
سوئِي مڪانُ مَڪينُ سو، سوئِي حُضورُ، سو هنڌُ (2)
سوئِي بَحرُ بَرُ سو، سوئِي شَهرُ، سو سَنڌُ
سوئِي ساٿي، سونهون سو، سوئِي آچيندڙ پنڌُ (3)
جَنِي آ اُڪنڌُ، تَنِ پاٿِهين پروڙئو (4)

## بيت

سوئِي عاشقُ، عِشقُ سو، سوئي عارفُ عِرفانُ
سوئي ساهُ سَرِير جو، سوئي رَبُّ رحمانُ
سوئي حاڪمُ ،حڪومتَ سا، سوئِي سو سلطانُ
سوئِي ماڳُ مڪانُ، پيهِي پروڙِج ڳالَهڙي.

## بيت

سوئِي عادِلُ، عَدَالَت سا، سوئي نازُ نياءُ (5)
سوئِي قاضي، سو مُفتي، سوئي ڪري پرچاءُ
جي پروڙيين اِئاءُ، تہ پئو هَڏهِن ناه ڪِين.

---

(1) اصل: ذاتئا... صفتا. (2) اصل: حضور. (3) اصل: "سوئي ساٿي سُهُر سو". (4) اصل: "جني آو ڪَنڌ تن پانهر پروڙئو" (5) اصل: ناز نياز.

### بيت

سوئِي هِادي هدايَتَ جو، سوئي نافِع ضارُ
سوئِي مُعِينُ، مُنعِمُ سو، سوئي سو غفّارُ
سوئِي واحدُ، اَحَدُ سو، سوئِي سو قَهّارُ
سو اوارِ سو پَارِ، ڳالهہ مِڙوئِي هيڪڙي.

### بيت

سوئي اَحمدُ، مُحمَّدُ سو، سوئي اَحَدُ اِلٰه
سوئِي واحِدُ وُجودَ جو، سوئِي سَريرَ ساهُ
”اَنا اَحمَدُ بِلا مِيمِي“ اِيَ ڳجهي پروڙِج ڳاهَ
جَنِ روحُ اُپَتِي [راه]، سي پَسنِ ڪِين پري ري (1)

### بيت

نُورُ نُوران نِڳئو، سڀ پِريان جي ذاتِ
اِي پيهِي پروڙج ڳالهڙي، نڪو ڏينهُ نہ راتِ
”يا نُورَ نُورِي وَيا سِرِّ سِرّي“، اِي لَهُ لَطيفان لاتِ (2)
اِتِ وائِي ڪَرمَ واتَ، پيهِي پروڙج ڳالهڙي.

### بيت

پرين پاڻهِين پاڻَ ۾، پاڻهينَ پاڻُ حالُ (3)
نڪواتِ قِيلُ نہ قالُ، اِيَ ڳُجها ڳجهي ڳالِهڙي.

---

(1) اصل: ”جن روه ابَتي.“ (2) اصل: يا نورَ نورَ .... لطيفالات. (3) اصل: پاڻ

**بيت**

حقيقت مڙوئي هيڪڙي، پَر پروڙڻ مَحالُ
"اَنتَ مِنّي وَ اَنَا مِنکَ" اِيهِي آهي دالُ
پاڻِهين پاڻ خيالُ، پِريَ ري ڪِي نہ پسجي (1)

**بيت**

پِريَ پاڻِهين پاڻَ ۾، پاڻِهين پاڻَ ڳُجهہ
پيهي پروڙج ڳالهڙي، هِنيڙا ٻُجهہ مَ منجهہ
آهي جي اَمجهہ، توءِ ڪَنِي ٻُجهِئو (2)

**بيت**

سوئي مالڪُ، مِلڪَ سا، سوئي سو فرمانُ
سوئي ڏيندڙ، ڏسندڙ سو، سوئي سو عنانُ
پاڻِهين آهي پاڻ سو، پاڻهِين پاڻَ بيانُ
سَبُ سيوئي سبحانُ، پَسي ڪِينَ پِريَ ري.

**بيت**

سوئي ٻانهون، ٻانهِپ سا، سوئي عابِدُ سا عبادَت
سوئي زاهدُ، زُهدُ سو، سائي سا زَهَادَتَ (3)
سوئي جاڳي، سو سُمهَي، سوئي سا راحَتَ
پيئي جَنِ حَقيقتَ؛ تَنِ ٻِئو ڪِينَ ٻُجهِئو.

**بيت**

سوئي مُحِب، محبوبُ سو، سائي سا مَحَبَّت
پَسي ڪينَ پِرِيَ ري، سيوئِي وَحدتَ
سدا سي ثابتَ، پيهِي جَنِ پروڙِئو.

---

(1) اصل: پاڻ. "خيال ڪين سيجي" (2) اصل. اُمُجَ. (3) اصل. ساهي سا زهادت.

### بيت

سوئي رازِق، ربُّ سو، سوئي سو جَلِيلُ،
سوئي عالِمُ، عَلاَّمُ سو، سوئي سو خَلِيلُ
سوئي هادي، هِدايَتَ سا، سوئِي سو دَلِيلُ
جي ڪَثيرجي قَلِيلُ، تہ سَيوئِي سُپرين.

### بيت

سوئي سَمِيعُ، بَصِيرُ سو، سوئي اَحَدُ الله
سوئي ڄاڻي ڳُجهو پَڌرو، سوئي سو گواهُ
سوئي مالِڪُ مُلڪَ جو، سوئي سَيِنِ راهُ
روحُ رُڳون ۾ ساهُ، سَڀِ ڳالهہ هيڪَڙي.

### بيت

سوئي پاڙهي، پَڙهي سو، سوئي ڏي سِبَقُ
سي پَسَنِ ڪِينَ پِرِيَ ري، سَڀِ سيوئِي حَق
جَني وارِئون وَحدَت ورَقُ، تَني ڪِين ڏِنو ڪِينُ ٻئو.

### بيت

سوئي دَريا، دَورُ سو، سو تارُو، سا تانگَ (1)
سوئي تَڙ، تِڪ سا، سا ڪَنڌِي، سي سانگَ
سيئي ڪُنَ، ڪَپَرَ سي، وَرَ ورا ڪا وانگَ (2)
سي ئي اُهيَ آنگَ، سوئي اَصلُ دَرياءُ سو (3)

### بيت

پيتا تنہ پاتار ۾، جِتي تانگهہَ نہ تِڪَ

---

(1) اصل: تاڪ. (2) اصل: "واڪ" (3) اصل: "اهج اڪ"

اَتِ اونهائِي عَميقَ جي، پيئِي ڪنهِ نہ پَرکَ
آهي ڳالهہِ اَلَکَ، پَرِ پَروجهڻ ناهِ ڪا.

**بيت**

اَتِ اونهائِي، عَميقُ جَرُ، ڪنهن نہ رَسِي ٿاڻ (1)
اُت اُجهي منجهي موڻئو عَقلُ مَتِ سُڄاڻُ
ايڏانہ سيئِي آئيا، جَنِ وڃايو پاڻُ
مَحَبَّتَ تَني ماڻُ، خُوديان خلا صي جي ٿِئا (2)

**بيت**

اُونهِي پِريان ڳالهڙِي، لَهِي نہ سگهي ڪوءِ
اِتِ حاذِقَ حيرت ۾ پئا، پَرو ڪِنہ نہ پوءِ
اِتِ حيرتَ هَنيو سَيُڪو، توڙي عاقلُ عالِمُ هوءِ
اِيَ ڳَري ڏِسِئو ڳالهڙِي، در رَب سيڪو روءِ
ڪَمترَ ڪو هوءِ، جو ڪِين پَروڙي ڪيٿرو.

**بيت**

ڳجهي پِريان ڳالهڙي، اَهڪِي پَروڙَڻُ هوءِ
اِنَ وائِي پيرُ پِئو، ڪَمترَ پاري ڪوءِ (3)
جي پيتا اِنَ پارَ ۾، سي وِئا لُئان لوءِ (4)
ڪوڙين منجها ڪوءِ، منَجهہِ پَروڙي ڳاَلهڙي.

**بيت**

پَرِ پَروجهَڻ ناهہ ڪا، [مت] مُوڙهي مَهين وَڃَنّ (5)
اِتِ هَٿُ نہ رَسي حاذقين، نڪين سي ڪُڇِنّ
جاءِ جُنبَڻ عا شقن ناهِ ڪا، اَڙئا عارِف اُيَينّ

---

(1) اصل: ٿاڻَ (2) اصل: خوديا. (3) اصل: پيرَ. (4) اصل: لُؤا لوءِ (5) اصل: مَوري مٺِي وڃن

واقِفَ حَيرانُ رَهَنِ، پهتُ پُروجَهڻَ ناهِ ڪو(1)

**بيت**

نَڪو ڪَهَڻُ نہ ڪاهَتِ ڪا، نڪو پارُ نہ تاڻ(2)
ڪا جا پَرِ آهي سَڄڻين، تئن عَقلُ اُت نہ ماڻ(3)
ايڏانہ سيئي آئيا، جَنِ وڃايو پاڻُ
تو اوڏو تو ساڻُ، پَرِ پَروُجهَڻُ ڏاڪڙو.

**بيت**

پيهِي پَروڙج ڳالهڙي، "الفَ اِيُ اُهڃاڻ
رَهئو جَني روحَ ۾، تَنِ وئو وڃان ئِي پاڻُ
"وَهُوَ مَعَڪُم اَينَما ڪُنتُم،" تو اوڏو [تو] ساڻ
جي پروڙيِن پاڻُ، تہ پِريَ ري ڪِي نہ پَسين(4)

**بيت**

سائِي صورتَ سيرَت سَڄڻين، سوئي حُسن ڪَمالُ
سائي ذاتِ ظَرافَتَ پِريَ جي، سوئِي سو جَمال(5)
سو ئي ظاهر، باطِنُ سو، سوئي سو خيال
سيُ سيوِئي حالُ، اُونهائِي اَنت ناهِ ڪو(6)

---

(1) اصل: پهت. (2) اصل: ڪهن.....ڪاهت......نَتاڻ (3) اصل: تِن عقل. (4) اصل: ڪِينَ پسين (5) اصل: زِرافت. (6) اصل: اونهائي.

## قسم پنجوڻ منجهہ عشق ۽ حال عاشقن

## جوڙڻ جوڙئو اوُ مَتي ٽِرونجا هين بَيتن*

### بيت

وجائي وُجودَ کي سندِي عشق آہ
اُوءِ پَچِئا لئي پِريَ جي، ورهَ وَسانَدرَ ساہ
تاڻينِ تيڏاهينِ تِئا، عاشِقَ ڏني ساہَ
سندي تَنيِ راہَ، تِي اُتاَهينِ عالَمَ ۾.

### بيت

جي پيهي سا پروڙيين جا عِشق آهي ذاتِ
تہ هوندَ وَجي سَبَ وُجودَ جي تارِي طلبَ تاتِ
پِئو تيڏاهين تاڻيين، جيڪي ڏينہ ۽ راتِ
”مَن ماتَ مِنَ العِشقِ فقَدمات شهِيداً“ ايَ عاشِقَنِ ذاتِ.

### بيت

جي پيهي سو پروڙيين، جو عشق آهي حالُ
تہ هوندَ قِيلُ وجائي قالُ، نسوروئي ناهِ ٽپين.

### بيت

جي پيهي سا پروڙيين، جا عشقَ آهي ڳالَ
تہ هوند اوري تا نہَ اُپپين، وَهين رَہ وصالَ (1)
مَت نہ موٽپن ماڳ، سدا سِڪين پِريَ کي. (2)

* هن موجوده قلمي نسخي موجب، هن ”قسم“ هيٺ ڏنل بيتن جو جملي عدد 61 آهي.
(1) اصل: اپيي وَهي. (2) اصل: ”مت نموتي ماِک سدا سڪي پري کي.“

### بيت

جي پيهي سا پروڙيين، جا عشقَ آهي يَتِ
تہ هوندَ پَسين ڪينَ پريَ ري، مُنجهي وِجي مَتِ
تئي سَبِ ذاتِ بَحتِ، نہ وُجودُ نہ سُجودُ ڪو.

### بيت

جي پيهي سو پروڙيين، عشقُ جو آهي
تہ اِيُ وُجودان وِڃائي، ڇنئو تَنُ تالان ڪَري. (1)

### بيت

جي پيهي سا پروڙيين، عِشقَ جا مُهارَ (2)
جُه اِڃي لائي آرَ، تہ ڇنِي تَنُ تَهوارون ڪرپين (3)

### بيت

پيهي جي پروڙيين، تہ عشقَ اهو پَندُ
جَنِي آ اُڪنڌُ، سي وُجودان وَهِي وِئا (4)

### بيت

پيهي جي پروڙيين، تہ اِنَ عِشقِ اِهو تاڻ (5)
جئن دانَه ڪٽِئو ديوانا ڪَري، منجهئو وڃي پاڻُ
"العُشّاق مَجنُونَةُ"، اُنَ اِهو اُهِجاڻ (6)
جَني وڃايو پاڻ، سي پَسنِ ڪينَ پريَ ري.

### بيت

پيهي جي پروڙيين، سندو عشق ڏاتُ

---

(1) اصل: وجودا.... تالا. (2) اصل: مُهارِ. (3) اصل: جُاَجِي لائي آر. (4) اصل: "جَني آؤ ڪَنڌ... وجودا" (5) اصل. "تَئنَ عشق اهو تاڻُ." (6) اصل: "العشاق مجنون".

تہ اِيُ ڪُهِيو اندرِ ڪورا ڪَري، سندو عشقَ ڪاتُ
هِتِ ڪوڙين هئا ڪيتَرا، جي ماري ڪِٺائين ماتُ
اِنَ عاشقَي جو آتُ، پِرِي ري ڪيُر پَروڙي.

بيت

تہ ڪيهي آهي ڳالهڙي، پيهِي عِشقَ پَسُ
چِنئو جان جدا ڪري، وَهِي وڃائي وَسُ (1)
”العِشقُ قَنطَرَة الحقيقةِ“ رِڙهِي رَندُ اَتَهين رَسُ
تان ڪين ڏورجِ تِنہ کي، جان ڪِي وَهِي وَسُ
سندو پِريان گَسُ، جِمَ وِرچِي چڏيين.

بيت

حُسنُ حَبِيبنِ جو پَسين جي هِيڪارَ
تہَ توکي سَيَ جمارَ، وَڃي اُڃَ وَرِهنِ جي.

بيت

حُسنُ حَبِيبن جو پَسين جي پيهي
تو توکي سَيئي، پِيُون وَڃنِ وِسِرِي.

بيت

حُسنُ حَبِيبن جو، جِنِ ڏِٺو جِنَن بَرقَ (2)
سي پايو لوڪ فَرقُ، سدا پُوڻِنِ سِڪِئا.

بيت

حُسنُ حَبِيبن جي، پَتون پَتين رُوءِ
عاشقَ تِئا هُوءِ، پَسِ پَرِ پِرِيَنِ جي.

---

(1) اصل: ايئن (وِهي؟) (2) اصل: جِن برق.

بيت

حُسنَ حبيبنِ جي، پَتون پَتين سُونهَ
پاڻهين پاڻ وِرُونهُ، پِري پاڻهِين پاڻَ سين.

بيت

حُسنَ حبيبنِ جي پيئي جَنِ اَهارَ
تَنِ ويئي وُجودَ سارَ، نہ ڪو حَسَبُ نہ نَسَبُ ڪو.

بيت

حُسَن حبيبن جي پئو جَنِ اُهڃ
تَنِ نڪا ساجاءِ نہ سُهڃ، سَيئي وِئو(نِ) وِسِري (1)

بيت

حسُن حبيبن جي، پيئي جَنِ تَوارَ
تَنِ وئا وسري پارَ، سي پَسنِ ڪِينَ پِريَ ري (2)

بيت

حُسنَ حبيبن جي، جَنِي لڳو آرُ
تِنِ نہ ڪو اوراڙ نہ پارُ، سييئي تئو سُپرِين.

بيت

حسُن حبيبنِ جو، اندر مَتِ نہ ماءِ
ڪا جا ڳال آهِ، سا چِنئو تَنُ تهوارُون ڪري.

بيت

حُسنُ حبيبن جو، جَنِي ڏٺو ماءَ
تَني منجهان ڪاءَ، سُڪِ نہ سُتِي ڪڏهِين

(1) اصل: "سهج" (2) اصل: "وسري پاڻ"

**بيت**

حُسنَ حبيبن جي ڪو جو آهي حالُ
تپن اُو قِيلُ وجائي قالُ، سدا سِڪَنِ پِريَ کي (1)

**بيت**

حُسنُ حبيبن جو، جَنِي رَهئِو مَنّ
اُنِ اندرُ ڪُنو عا شقين پئا ڏڙَ ڏُيَنّ.

**بيت**

حُسنَ حبيبن جي ڪا جا آهي يَتّ
تِن مُنجهئو وجي مَتِ، پَسِئو پَرِ پرين جِي.

**بيت**

حسُنُ حبيبنِ جو ڪا جا آهي ڳالِ
تپن نہ ڪنه مِلڪَ نہ مالَ، عاشقَ سُرَنِ اُهسِ پئا (2)

**بيت**

حُسنِ حبيبن جي ڳَرَهَڻَ ڪانِہ ڳتّ
ڪا جا آهي يَتِ، سا اندرِ ڪُهيو اَڏَ ڪَري.

**بيت**

حسُنَ حبيبن جِي، اَپَر لاَيَنِ آرِ
نَظَرَ ڪري نهار، عاشقَ سي جَئَن تِئَا (3)

**بيت**

حُسنَ حبيبنِ جي اَپَر ڪِئُنِ آتِ (4)
ايَ عاشقنِ ڏاتِ، جِئَن ڪامِئو خاڪستر ٿِيي.

---

(1) اصل: "تن اوءِ قيل وجائي قال" (2) اصل: ائين (3) اصل: "عاشقن سي جي تئا" (4) اصل: اَتَ

**بيت**

حُسنِ حبيبن جي، گهائي ڪِئا پَٽي
سَندِي عِشقُ اَٽِي، عاشق ڪُهِئو اَڏَ ڪَري.

**بيت**

حُسنَ حبيبنِ جي، پَتُون پَتين سُونه
عاشقِن اِيَ وِرُو نهَ، جِيَن پَسِئو پَسَنِ پرِيَ کي.

**بيت**

حَسنَ حبيبنِ جي، نڪو ڳاڄَ نہ ڳَتِّ
اِتِ عاشِقنِ مَتِّ، وڃي سا سَلبُ تِئو.

**بيت**

حُسنَ حبيبنِ جي، سَئِين ڪَنِ سلامَ
اوءِ ڪُنا تنهِ ڪلامَ، جِنه حَرفُ نہ صور سا.

**بيت**

حُسنَ حبيبن جي، پئو جَنِي پڙاءُ
سي وئا ڳَراءُ، پَسنِ ڪِينَ پِرِيَ ري.

**بيت**

حُسنِ حبيبن جي اَپَرِ آهِ جَمالُ
اِي پَسِي خوبُ خيالُ، عاشِقَ حيرتَ [۾] پئا.

**بيت**

حُسنَ حبيبنِ جي، نہ ڪو ڳاڄَ نہ ڳَتِّ
اِتِ مُنجهئو وَڃي مَت، حيرتَ هَنيو سَيُڪو.

**بيت**

حُسنَ حبيبنِ جي ڪو جو آهي پُورُ
عاشقَنِ ايُ سُورُ، ماءَ! مارِيندُنِ ڪڏهينِ.

**بيت**

حُسنِ حبيبنِ جي، ڪو جو آهي حالُ
اُو پَسِي پِرِيَ جَمالُ، ڪوڙين سَٽِڻا ڪيتَرا.

**بيت**

حُسنَ حبيبنِ جي ڪو جو ڏِسِي حالُ
تين اُو قيلُ وجائي قالُ، نِسوروئي ناهِ ڪَري.

**بيت**

حسُنَ حبيبنِ جي ڪو جو آهي خِيالُ
تين پَسِي پِرينءَ جَمال، اِتِ وِهِ پِيا ڪيتَرا.

**بيت**

حُسنَ حبيبنِ جِي ناهـ اونهائِيَ تَرُ
تين عاشقن سِرَّ، وِڃِي ڏِنَا پَنهِنجا.

**بيت**

حُسنَ حبِيبن جي ڪائِي خاڪِ ڪِئا
ماڙهُو يائِينِ مُئا، تان اوءِ سُونه پِريان چي جِيئا.

**بيت**

واجهائيندي وِجهلَندي لڳِمِ گهٽا ڏينه
ڪوهُ چاٽان ڪوهُ تِئو ماءَ! منهنجي نِيهَ.

**بيت**

واجــهــائــيــنــدي وُجــهــلَــنــدي وئَــڙا وَرِه وَهِــي
هاڻي سگهان ڪِينَ سَهِي، ڪِيئَن مِڙِبو سڄَــڻــيــن. (1)

**بيت**

سِڪَ تُنهنجِي سُپرين ڪيئن لَهندي مون
هِيـنـڙي انـدرِ تـون، جـي جـاڳـان جـي سُـهـمَـان.

**بيت**

سـڪ تـنـهـنـجـي سـپـريـن، انـدرِ هِـنـيـيـن نـه مـاءِ
وڄـــي تـــي وســـاءِ، اوءِ اُپـــڙئـــو آتُ ڏي.

**بيت**

ســڪ تــنــهــنــجــي ســپــريــن، وَڏي وِڏا وِيــرَ
اُوءِ منجهان گهِٽي اُڪِير، ڪَنيو نـهـارِين اِڪيُون.

**بيت**

سڪ تنُهنجي سپرين، ڪُهيو ڪري ڪبابُ
عـاشـقـنِ اِيُ ثواب جِيـئـن پَچَـن لَـئـي پـريـن جـي.

**بيت**

ســڪ تــنــهــنــجــي ســپــريــن، انــدرِ بــارِيــنِ آڳِ
لاڳــاپــا ۽ لاڳِ، وِيــنِ سَــبَ وُجــوَدَ جــا.

**بيت**

ســڪ تــنــهــنــجــي ســپــريــنِ، لائــي چِــڏي آڳِ
اُوءِ پــاڻِــهِــي مــاڳِ، اڪــيــون اوڏاهــيــن ڪــٽــي.

---

(1) اصل: ڪِي مِڙيو.

### بيت

سـڪ تـنـهـنـجـي سـپـريـن، وچـايـا وَريـامَ (1)
اُوءِ ڪَـامَـڻَ هـورِي ڪَـامَ، جا تـو پـريـن اڪـيـن ۾.

### بيت

سـڪ تـنـهـنـجِـي سـپـريـن چَـرئـو ڪِـئَـنِ چِـتُ
اُوءِ اُيا پِـريـنءَ سُـمِـتُّ، ٻـي ڏونـه پَـسـڻُ نـاهِ ڪـيـن.

### بيت

سـڪ تـنـهـنـجـي سـپـريـن اُوءِ وچـايـا پـاٽـاءُ (2)
تَـنِ اَڳـهـوريـيـن پـاٽـاءُ، ڪـيـنَ رَهـئـو ڪـيـتـرَو (3)

### بيت

سـڪ تـنـهـنـجـي سـپـريـن، ڪـو جـو ڪِـئَـنِ حـالُ (4)
تِـئَـن وِئَـنِ سَـبُ مَـقـالُ، ڪُـچِـنِ ڪِـيـنَ ڪـيـتـرو.

### بيت

سـڪ تـنـهـنـجـي سـپـريـن ڏِي اڏمِـئـو آتُ
هي جي عاشقَ عِشقَ مَماتُ، سدا شهـادتَ اُنِ ڪـي.

### بيت

سـڪ تـنـهـنـجـي سـپـريـن، اونـهِـي گـهـٽـو اَتـانـگَ
سـيـرا ۽ سـانـگَ، سَـبَ وِچـائـي وُجـود جـا (5)

### بيت

سـڪ تـنـهِـنـجـي سـپـريـن، عَـجَـبَ پَـرِ آهـ
عـاشِـقَ ڏِنِـي سـاهـ، پِـئـا تـاڙِيـنِ تـو مَـٿِـي.

---

(1) اصل: وَچايا. (2) اصل: وچِايا. (3) اصل: اَڳهوري. (4) اصل: ڪِئَنُ (5) اصل: سِيرا ۽ سانگَ

بيت

سَڪ تنهنجي سپرين، پيئا پَچَنِ سَئَي (1)
اُو ڪِنه جنه لُوڻا لَئِي، تِنِ توريءَ پَسڻ ناهه ڪِين.

بيت

سڪ تنهنجي سپرين، هنيڙو ڪِيُنِ هُوءِ
جي سنجهي جي صُبوُح، تا اوءِ پِئا تاڻِينِ تو مڻي.

بيت

سڪ تنهنجي سپرين، مَنَ ۾ بارِئُنِ مَچُّ
اوءِ ڪامِي تنه خمار ۾، عاشق تئا سَچُّ

بيت

سڪ تنهنجي سپرين، جانِئا ڪِئا جُدا
سي وِئا رَهِ هُدا، اُوءِ چِنِي سَگ سَيِينِ سِين.

(1) اصل: "پئا پَچَن سَوءِ"

## قسم ڇهون، منجهه فقر فقيرن

### لِکڻ ۾ لِکئو اُو متي سؤ ۽ پاهٽ بيتن ※

**بيت**

وجنِ جي وحدت ڏونه، سامي وَڏي سَتّ (1)
سي شَيُون وُجودَ جِيون، ماڳ ڇڏئائون مَتَ (2)
اُوءِ ڪِنه پَريان جِي پَتِّ، وَدِيَ واڳِي ڇڏِئا. (3)

**بيت**

ويندي وحدتَ ڏونه، ڪيڻ ڪنيائون سِين پاڻَ
سُوڏا هلئا سبحَانَ ڏونه، آڏِي لاهي آڻَ
وجنِ ويراڳِي وَهَ پئا، سِڪَ سَتاڻِي ساڻَ
طَلَبَ سونهارِي تاڻَ، آهي اُنِ آديسِنِ کي.

**بيت**

نانگا نِسورا تئا، ڇڏي سيائي سَڌّ
وئا سي وحدتَ ڏونه، اندرُ جَنِي اَڌّ
تَنِ هوءِ ۾ ڪئا هنڌّ، فنا فضيلتَ اُنِ جي.

**بيت**

وئا نانگا نِڪري نانگا نانگائي
جيڪي (ئي) نانگا تئا، لَهَندَسِ پُڻ سيئِي
"يُرِيدُونَ وَجه الله" اَيَ سندِي ويراڳين وائِي
آديسينِ اِهائِي، آهي سُڌِ سبحانَ جي.

---

※ وچان ڪن ورقن ضايع ٿيڻ ڪري، هن "قسم" هيٺ باقي هڪ سؤ ۽ پندرهن بيت وڃي بچيا آهن. (1) اصل: "وڏي ست" (2) اصل: "ڇڏئاءِ". (3) اصل: "اوءِ ڪنه پَريا جي پت، ودِي واڪي ڇڏئا."

**بيت**

جي ڪَچِي ڪاچوٽِي ڪِدي، ته اِي نانگي نه نَنگ (1)
اُوءِ وئا وُجودان نِڪري نِسورا نِسَنگ
جيلاه پائُون اَنگ، ترائين گَڏِئا نه رحمانَ کي. (2)

**بيت**

هَلِي گَڏئا حَقَ کي، طَي ڪِئائُون تمامُ،
اُوءِ اُيا حُضُور اِله جي، سامِي ڪَن سَلامُ
تَنِ وئو اُت ڪَلامُ، سيوئي سُبحانَ تَئو.

**بيت**

روحَ ۾ تِي رَحمانَ جي، تَنِ آديسين اُيڪَ
اُنِ اندر رهي الله جي، ڪا سَٽاٽِي سڪَّ
سِي وِئا پيهِي پاڻَ ۾، لوڪان ڪَري لَڪَ
اوءِ ساميڙا سُپَڪَّ، پَسو نانگا وِجنِ نِڳّئا.

**بيت**

هَلئا جي حقّ ڏونهَ،جوڳي سِين جَمالَ
اُوءِ وِئا وَهَ وِترِي، رَسِئا ڪي ڪَمالَ
پَرَ سامِي سي سَيالَ، سُوڌا گِڏئا سُبحان کي.

**بيت**

ڪَهِي ڏنو ڪاپڙيين، ڪو آڳاهُون پَنڌُ
تَنِي منجهان آئيو ڪو ڳُجهه ڳُجهائين ڳَنَڌُ (3)
سندو حيرتَ پَنڌُ، آئيو اڏ آديسيين.

---

(1) اصل: "ڪدي تَنِي ناڪِي نَنگ". (2) اصل: "جي لاپاءِ آنگ، ترا ۽ ڪڏئا نه رحمان کي."
(3) اصل: "تن منجا آءِ ئو ڪو ڪُجُ ڪجائِي ڪَنَدَ".

**بيت**

ويندي وحدتَ ڏُونہُ، وَهَ ڪِئائون وَسُّ
اُوءِ يَڳا پَئي اڪِرين، مُحبَ سُڪائِي مَسُّ (1)
نَڪا تَنِ ڪاچوٽِي نہ اَڳَڙي، پَر تہ سَنديانِي پَسُّ (2)
اُنِ جوڳِينِ ڪي جَسُ، سي سُوڌا ڳڏئا سبحانَ ڪي.

**بيت**

سامِي سَوارا هَلِئا، وهِيا وحدتِ واٽَ (3)
وَڏي ويرَ پلاٽِئا، تَنِ ڪاپَڙِيَن ڪنواٽَ
سُونهي تَنِ سناسينِ ڪي، منُهَن ۾ مَجَرماٽَ
سي جوڳِي ڪندا جاٽَ، رَمِي اَڳِئان رَبَّ جي.

**بيت**

وائِي وحدت جوڳِيين، ڪِنہ جِنہ سَدا جُوءِ
اَمڙِ! اُن آديسينِ- ئون اُپِري، ڪا ڳُجهہَ ڳُجهائين بُوءِ (4)
تَنِ پِيهي پَروڙِي، حقيقتَ سندي هُوءِ
سي اُيا اِلہَ سُوءِ، پَئي ڏونہُ اڪيُون نہ ڪَٽِي.

**بيت**

جيجان! آهِينِ جوڳَ جا، ڪي اَڳانجها سُورَ
اُوءِ پيهي وئا پاڻَ ۾، ڏوري ڏونگر ڏور
چِڏيا لئي سبحاَن جي، تَنِ جوڳِين ضَرورَ (5)
سي آديسي آرُورَ، اورانگهي، اڳي وِئا.

---

(1) اصل: "يَڪا پَئِي اڪَري." (2) اصل: "پرت سَدياني پس." (3) اصل: وِهئا..... (4) اصل: "اَمَن ان آديسين اويري." (5) اصل: چِڏي.

بيت

ڪِينَ ڪنياڻِنِ ڪِي ٻڌو، رِي لانگوٽِيَ لانگَ
اُن ڇڏئا سَڀ سنياسيين، سيرا سَگَرِ سانگَ
سي سامي گَڏئا سبحانَ کي، اندرِ لاهي آنگَ
سندِي جوڳيان تانگَ، اوءِ اللهَ ري ڪيرُ لهَي.

بيت

جيڪين ڪارڻ جوڳيين، سو نہ ٻُئي لوڪَ
گَڏئو ڳارا پرينِ کي، تپا، ڏجنِ توڪَ (1)
اُوءِ پيهي وِئا پاڻَ ۾، لَکي نہ سگهئا لوڪَ
سي آديسِي اَلوڪَ، پِرهَ تيندا پڌرا.

بيت

اڇي پئو ڪاپڙيپن، اندر منجهہ اُهڃَ
سي پيهي وئا پاڻ ۾، سڃاتائون سُهڃَ
تئو ويراڳين وُهڃَ، منجهہ مشاهدي گڏئا.

بيت

نہ ڪو ساڄ نہ سونہَ ڪا، نہ ڪو ڏورڻُ ڏيهہ (2)
اُوءِ رَهَ تهين رَمَئا، جِنہ پانڌُ نہَ ڇيهہُ
تا ڪِين وَٽِنِ ويهہُ، تہ اِي ڪيهِيَ جُوءِ جا ڪاپَڙي.

بيت

اوڏا تِئا اِلہَ سين، اُوءِ تڪيي ڪَنِ نہ تاتِ (3)
تنِ ڏورينديِ ڏينہَ تئا، اُنِ جوڳينِ سندِي ذاتِ
رَبُّ تَنِي سين رات، پاڻهين پَرچئو پاڻِهين.

---

(1) اصل: ڪڏو ڪارا پرينکي تپا ڏجن توڪ" (2) اصل: ساج. (3) اصل: الہ سي.

**بيت**

آهي اَڪَڙِيَنِ ۾، آديسين اَدَبُ
سامِين کي سيپين پَرين روُحَ ۾ رَهئو رَبُ
تَنِ حَسَبُ نه نَسَبُ ڪو، نه آباءُ نه اَبُ
ري لانگوٽي لَبُ، اُوءِ ٻِئو نه پاڙِين ڪاپڙي.

**بيت**

سامِيَنِ سانَهَ وِسري، ڪِنه جِنه هئا جاتَ
تِنِ جون کُهون ڪٽورِي واسِيُون، مَنَهن ۾ مَجَرَ ماتَ
اُنِ اڇي آديسين، نِيهَ جا وَڄايا ناتَ (1)
سي ويتا پُڇَنِ واتَ، پَسيو پَرِبين پنڌ جِي.

**بيت**

ماءُ! جوڳِي آئيا، تان ڪِين وَٽِنِ ويهه
اُنِ نانگَنِ نيڻَ ڪَڪورِئا، ڏورِي ڏونگر ڏيهه
سي پِيَنِ راتِ پُر ڪِئو، اوِتينِ آبُ اَڇيهه
سُڪَ چِڏي ساٽيهه، اُوءِ هلئا وِجنِ حَق ڏونهه.

**بيت**

آهي آديسين کي، اڪِڙِيَنِ ۾ عِرفانُ
اُنِ راوَلَنِ رَهئو روُحَ ۾، تَنِ سامينِ کي سُبحانُ
جيلاه سَبِ پروڙئو ڪاپڙيين تِي "علمَ الانسانَ"
سوجهئائُوُن سو مڪانُ، جِتي ري ذاتِ بَحتِ ناه ڪا.

---

(1) اصل: وڄا نات

**بيت**

هَـلِـئـا جـي حَـقَ ڏُونـهُ، اُوءِ آديسي اَهَـمَّ
جَـنِـي اوڙڪَ اِلـه جِـي، تِـئِـا سـي اَتَـمَّ
سي سندِيَ سِڪَ سُبحانَ جي، سَهِـنِ سُورَ سَهَـمَّ.
اُنِ وئـا سَـبِ وَهَـمَّ، سـي نـانـگـا نِـسـورا تـئـا.

**بيت**

اِلـهَ آديسـيـن دِلِ ۾، رهـئـو ئـي مُـدامُ
تَـنِ کي تَـرڪُ تـئـا تـڪـيـا، سـيـئـي تـمـامِ
اُنِ حـاصـلُ حَـقُّ ڪَـلامَ، سُـجـاتـو سـنـاسِـيـن.

**بيت**

سـجـاتـائـون سَـچَ کـي، "هُـوءِ" ڪِـئـائـون هـارُ
تِـهَـا تـورا تَـانَ ۾، جِـهـا جـوڳِـيـنِ پـارَ
سو سَـبِ ڇڏئو کـا پـڙيـيـن جيـڪِـيـن ڏٽِـنِـئُـون ڏارَ
"فَـفِـرّوا اِلـي اللّهِ" اوءِ يڳِـا يَـئِـي قَـهـارَ (1)
مـوڙِي سي بِـهـارَ، ڪـنـدا ڪـونـهَ تـوَجّـه تَـنِ جـو.

**بيت**

ويـنـدي وحـدتَ ڏُونـهَ، وَسُ ڪِـئـائـون واڪَ
هي جِي رَمِي ڪِـڏئا رَحمان کي، سي سامِي بـيـبـاڪَ
پَـتَ جـنِـي جـا پَـاڪَ، "فَـنـاً فِـي اللّهِ" اُنِ کـي (2)

**بيت**

اچِـي پـئـو سـنـاسِـيـن، سـنـدو حـيـرتَ دامُ
اُوءِ نـادانـسـتـگـي نِـهـوڙِئـا، پـئـا مُـسـافـتَ مُـدامُ

---

(1) اصل: "اُوءِ يئي يها قهار." (2) اصل: پَت.

نڪا اِت جُنبش، نہ جاءِ ڪا، نڪو اِتِ ڪَلاَمُ
نَڪو تَامِّلُ، نہ تَميزَڪا، نڪو اِتِ اِلهامُ
پَرِ سامِي سي سُبحانُ، سوجهيندا سِڪَ پَئي.

بيت

وئا وَه وِتَري ، سامِي سي سَيانَ (2)
تَنِ رَمندي رَبّ ڏي، نَڪا آڏ نہ آڻ
اُوءِ پيهي وِئا پاڻَ ۾، مَنجهہ منجهائين ماڻَ
"اَدَبَنِي رَبِي" سي پارئائون پاڻَ
اُوءِ سناسي سَياڻَ، اَدَبُ اِلاهان سِڪِئا (3)

بيت

ڪِينَ ڪنيائون پاڻَ سِين اُوءِ آديسي اِهَا
لاڳاپا هِنِ لوڪَ سين، تَنِ ڪاپَڙين ڪِهَا
سي نِيهَ نِسوري سبحانَ جي، تاڻي توڙِ نِئا
هي جي حُضور حَقِ وئا، سدا مشاهِدو تَنِ ڪي.

بيت

سامي سَنوان هَلِئا، وحدتَ واهيرونِ
اوءِ ڪَنِ آديسُ اُڪَندِئا، روحَ ۾ رَبُ رَهِئونِ
سِڪ جِنہ سَناسِي تِئا، الہ سو آئونِ (3)
وچان پاڻُ وِئون، سي نِسورو ئي ناهہ تِئا.

بيت

اَج سَوارا هِلئا، پورَبُ ڏُونہ پَنڌونِ

---

(1) اصل: سَنيار (2) اصل: سناسي سَيّار. (3) اَصل: اِله.

اُءِ رَمِي گَڏِيا رَحمانَ ڪي، وڃان وِڄُ وئُونِ
هُئا جنه جا سيڪَڙوُ، مُحِبُ سوِ مِڙئُونِ
سيوئِي ٽئُونِ، تِنه رِيءَ پَسڻِ ناهِ ڪِي.

**بيت**

نانگا نِسورا ٽئا، پَسَنِ ڪِينَ ٻئو
ماءَ! تَنِي سِين ڪا پڙئين سَگَ ڪَڍِنَديين ڪهو
اُنِ اِڇي پئو آديسيين اَمَڙ پهَ اِهو
جن هِنيڙو هُوءِ ٽِئو، تَنِ ٻُيون سَڀ وِسِريون.

**بيت**

تَان مِون گهٽو نِهارِئو، پورِبَ ۾ پيهي
اُن سُڌَ نہ پيئي سناسيين، جپهي نہ تيهي
اُوءِ وئا نانگا نِڪَري، هئا پَرڏيهي
نہ ڄاڻان ڪپهي اُنِ آئي اَڏَ آڍپسيين.

**بيت**

ڪي هَلِئا وِٽڪوٽَ ڏونه، ڪي کَهِئا ڏونه قَنڌارَ
جوڳِي وڃهي هلئا جيءُ پنهنجو جارَ
اندرِ تَنِ آديسَيِنِ اَپَرَ لڳِي آرَ
اوءِ وِڃهِي جيءُ جَنجارَ، وئا نانگا نِڪَري.

**بيت**

گُرَ اَڳِئان گوڏو هٽِي، ڪِي جو ٻُڌائُون (1)
تِنه اوسِيڙي اُتِيا، رَهَ يَرِ رُنائُون

(1) اصل. "ڪرا ڪئا ڪوڏو هر ڪ جو ٻڌاءُ"

پاتائون ماڳ تهين مَرڪِي مُدائون
اُوءِ چڏي هلِئا سُپرِين، ڪهه ۾ ڪِدائون
گنگا، گورکَ هَٽڙي، مِڙئي ڏٺائون (1)
مَاءَ! سي مُدائون، توءِ نہ پُنيون جوڳِيڻ. (2)

بيت

لوچڻ لئي پرين جي، نانگا نِنڊ نہ ڪَنِ
اُنِ حُبَ هنيين ۾، هيڪَڙو مُحِبُ سدائين مَنِ.
آهي پورب پنڌ جو سَونڪو سناسين
ڪنِہ پَر ڪَٽي تِنَ، رُنا راتِ رت ڦُڙا (3)

بيت

جِتي هئا ڪاپَڙي، هاڻي هن [نہ] هَنڌِ
چِنا سگ سناسيين، پُرئا پَراهين پنڌِ
سِي نانگا نِسنگَ وئا، "ڪين" جَنِي جي ڪنڌِ
بَسو ساميڙا سنَڌِ، لوڪان لِڪي جي وِئا.

بيت

"ڪِينَ" جَنِي جو تڪِئو، حُجَتَ جَنِي حرامُ
سِي سامي گڏئا سبحانَ کي، چني سگ تمامُ
اُنِ آديسين سين عَلامُ، پاڻهين پَرچئو پاڻهين.

بيت

سُکُ چڏئائون، ڏکَ پِئا، مَنجهن اِيَ مَٽان

(1) اصل: "هتري ... ڏياءَ". (2) اصل: "توءِ نہ پنيون جوڳيين ماءَ سي مدائون."
(3) اصل: "ڪنہ پر ڪني تن."

ماءِ! سي ڪٽن نہ پاڻ سين، اُو تنبي مَنجهہ ڪَٽان
آمڙ! اَنِ آديسين ڪي، سِڪان ۽ سڙانَ (1)
مادَر! تان نہ مَران، سارئو تَن سناسين ڪي.

## بيت

جنہ ڪارڻ جوڳي ٿئا، جان جان سو نہ پسِن
ورهَ وِهامي راتڙي، تان تان سناسينِ
اُوءِ الہ لايون اکيپن سدا تا سِڪَنِ
پَر ۾ تا پَچنِ، سي سناسي سبحان ڪي.

## بيت

جيجان! جوڳِيَن ڪي ڏِسي ڏِکَ مَ ڏيج (2)
تَڪي ۾ تاڙِ هٽي پيهي پَروڙيج (3)
جِنہ وَہ ويراڳي (وِئا)، تون نَهين وَہِ وجيج
يورِي اِيئَن مَ يانئيج، تہ ڪامون ڏيٺ ڏيسَ ا رين سين.

## بيت

ڪِها چَٽ پَٽ جوڳيين ڪيهيَ راسِ رَلينِّ
ڪِئن سَڳا، ڪِئن سيليون، اوءِ ڪيهِي ڪيہ ڪُڙِينِّ (4)
ڪِهو پاڻي پاڻَ سين مَنجهہ پوتڙيين ٻَڌِنِ (5)
ڪِهڙو طعامون تُنَبنِ ۾، تَنِ ماءِينِ ڪان مَنگَنِ (6)
آءُ تو پچان پَيڙا، سُڏيون ساميڙَنِّ
اوءِ ڪِهي حالِ هَلَنِ، ڪاپَڙي قَنُوجَ ڏي (7)

---

(1) اصل: اَمن ان- الخ (2) اصل: ڏک مَ ڏيج. (3) اصل: "تڪي مِي تار هَن" (4) اصل: "ڪِي سَڪا ڪِي سيليون اُوءِ ڪيہ ڪُرِيَن." (5) اصل: "منَج پُوتن ٻڌن." (6) اصل: "ماين گامَن" حاشيي ۾ "مڪنن" (7) اصل: "ڪَنُوزَ ڏي."

### بيت

ڪاپڙي قنوج لئي، وَهي وئا وِيرَ (1)
اُوءِ سامي هِلئا سبحانَ ڏونه، مَنجهان گهٽِي اُڪِيرَ
سي چِنِئو سگ سَيِنِ سِينِ، وچِنِ وحدتَ سِيرَ
اُوءِ سناسِي سُڌِيرَ، اوڏا تِئا "اِلهُ" سين.

### بيت

ڪِئن پِتائُون جوڳِيين، ڪيهِي طرح تُنبَنِّ (2)
اُوءِ ڪِنه پِنڌِ هَلِئا ڪاپَڙِي، ڪِهو ساڄ ڪٽنِّ
هِي ڏهِ چِڏيندي پاڻَ ۾ ڪيهِي ٻولِي ڪَنِّ
ڪارَئُون ڪِينَ وَرَنِّ، ماءَ! جوڳِي جي تِئا. (3)

### بيت

اُنِ ڪانَ اُجهَي ڪاپَڙيين، دِلِ جَنِي سوڙِي
اُوءِ وئا نانگا نِڪَري، بابُو بائوڙِتي (4)
تَنِ ويئي وِسَري پانهِجي چَڄَئي ۽ چوڙِي (5)
اِيَ ڏاڍِي ڪَسوڙِي، آئي اَڏَ آديسيين.

### بيت

جوڳِي جُنبِي هلِئا، مَنِ چِڏِئائون ماڳَ
راولَ اوطاقَنِّ سين، لاهِي جُرِئا لاڳَ (6)
سي لُوتا لئي سبحانَ جي، اندَرِ بارِين آڳَ (7)
اُوءِ سامِي ڪِنه سَياڳَ، جِيَري مِڙنِ رَبَّ ڪي.

---

(1) اصل: "ڪنوز لئي" "وئا ويرا" (2) اصل: ڪِيَ پِتاءُ (3) اصل: ڪارُ ڪِيَنَ وَرنِ.
(4) اصل: "باوتي". (5) اصل: "چَڄَئي چُوتي." (6) اصل: اوتاڪن سين. (7) اصل: سي لُوتا

### بيت

هُندَ اَمَڙ! آديسين کي، تان ڪِين آيَل! جَهلَّ (1)
جَن نَڪين هيٺ نه بيٺ ڪين،نڪِين گهَر نهَ گَهلَّ (2)
اُوءِ وِئا نانگا نِڪَري، عاشق اُتَر وَلَّ
سي ”هُوءِ“ ڪَريندا حَلِّ، ڪابُلِي ڪالهه وِئا (3)

### بيت

اَمَڙ! آديسين کي، جَهلِين تان نه جَهلِين
اُوءِ وئا نانگا نِڪَري، جَڙُون جِيَ هَٽي
ماءُ! ماري تَنِ جِي، سندِي سُورَ اٽي
وِيتا هِيَ وٽِي، سي ساعتَ نه وِسَرَنِ ڪاپَڙِي (4)

### بيت

ويتا ته وڃائين سِڱيُون، جُهُ هِلئا ته ”هُوءِ“ (5)
سامي سَوارا نِڱئا، جُنبِي متي جُوءِ
اُنِ سُڪي لَئي سبحانَ جي، سندِي جوڳيان رُوءِ
سي وِڃن وحدتَ سُوءِ، ڇنئو سڱ سَين سين.

### بيت

ويندي ڪِينَ نِهارِئو نانگَن ساڱاهي
اُوءِ وئا پورَبِ پيهي ڪاپَڙِي، ڪِٿان لَهبَا سي
مَنُ منهنجو وَڍِئو، هاٽي تَنِي کي
اِي سُورُ مون ماري، آيَلِ! آديسين جو.

---

(1) اصل: هند اَمَنِ (2) اصل: نڪِ کَرِنَکَلِ (نکي گَرِنه گَلِ؟) (3) اصل: قابولي (4) اصل: ”ويتا هِي وني.“ (5) اصل: ”جهَلئا توهُوءِ“

### بيت

آيَلَ! آديسين جي ماري پَهَ آئون،
ڪُهہ جاڻان ڪيڏانهہ ويا، ڪنهہ ڪُڻَ ڪنيائون (1)
ڪِجان، خبرَ نہ لهان، تہ ڪِتي لاتائون (2)
سو ڏِهہ مَٽئائون جِتي رِي وحدتَ ناهہ ڪِين.

### بيت

سا مُون ساعَت نہ وِسَري، جِئن جوڳِي هُئا [جَالَ] (3)
اُوءِ متي اڳڻ سِڱيون وئا وڃائي ڪالَ
مَنُ مُنهنجو وَڍئو، ماءِ! تَنِ جي حالَ
سندا آديسينِ اَشڪالَ، مارينِ مون مَچ تا (4)

### بيت

جيجان جوڳِيَڙنِ جُيون، مَڙهِيون مون مارينِ
اُو وئا راوَلَ نِڪَري، سُورَ سدائين ڏينِ
اندرِ تَنِ آديسينِ ڪي، آدَ اُدَمئا آهِينِ
سي وِئا رَجن ووڙِينِ، مَنُ جَنِي ڪي وِڍئو.

### بيت

ڪُتو ڪِينرَينِ مُون وِٽڪوٽين وِڍئو (5)
آمَڻِ! آديسينِ جو، ڪوهُ چاڻان پَهُ ڪِئو (6)
جي اُوءِ نانگا نِينَمِ پاڻَ سِين، تہ ڪريان وَسَ اِهو
رَهي نہ رَتِي جيترو، هِنيُون جَنِي رِي تِئو
سَهَڻُ سورُ پِئو، جيجان جوڳِيَن جو.

---

(1) اصل: "ڪِه" چانا ڪيڏاهہ وئا ڪِه ڪَنُ ڪَيَاءُ" (2) اصل: تَڪِيتِي (3) اصل: "جن جوڳي هئا" (4) اصل: "مون مچئا" (منجهہ تا، مچ تئا؟) (5) اصل: "ڪتو ڪِيزيَن من ونکوت وِدِو (6) اصل: اَمَن!

## بيت

جيجان جوڳِيڙَنِ کي، تان ڪين آمَڻِ! سارِ (1)
وَڄَ سيڻان وَهُ ڪري، هُند تَنِي کي وارِ (2)
اندرِ جَنِ آديسين کي، اَپَرَ لڳي آرِ (3)
سي وجهي جِيُ جَنجارِ، اوءِ وِئا نانگا نِڪري.

## بيت

سامي رَهِ سبحانَ جي، اُوءِ وَهِ پِئا وَجِنّ
ڪا جا پيئي سُذ سناسِيين، تئن پيون ڏنائون بَنِّ (4)
اوسِيڙو "الله" جو سدا آديسينّ
ڪا جا پيين مَنِّ، وَڍي تِنه ويراڳي ڪِئا.

## بيت

آهِينِ اِلاهِي راهَ جا، تَنِ آديسين اُهِجاڻَ
اوءِ هِلئا وجِنِ حَقّ ڏونهُ، تِڪَ سَتاٽي تاڻَ
سا جُوءِ سُونِي جوڳِيينِ، جِتي اَڏَ نه آڻَ
سي منجهِ منجهائِي ماڻَ، لَکي لوڪَ نه سَگهِئا.

## بيت

وَحدَت وِيرَ وڏاندَرا، سامي سُرتِ سُڄاڻَ
تَن هلندي ڏونهُ حَقّ، نڪا اَڏَ نه آڻَ
سي پيهي وِئا پاڻِ ۾، منجهائِين ماڻَ (5)
اُني آديسينِ اهُجاڻَ، آهِينِ الاهِي ذاتِ جا.

---

(1) اصل: امن- سار. (2) اصل: "وَڄن سِينان ... وه ڪري" (3) اصل: اندر جنين. (4) اصل: "سذَ سناسيين تن." (5) اصل: "منجهه ماءِ ماڻ."

**بيت**

لَنگهي "مَڪانين" "لاَمڪانين"، هَلِئا اندرِ هُوءِ
هُوئَڙ هميشہ جِتهين جوڳينِ سا هِي جُوءِ
جتي ري ذات بَحتِ ناهِ ڪِين، پيتا تَهين ڪُوءِ
تئا روءِ بَروءِ، اُوءِ سناسي سبحانَ ڪي.

**بيت**

حقيقتَ ۾ حلُ تئا، ڪَهَنِ ڪو نہَ ڪَلامُ
پيتائون پُر ڪري، سندو وحدتَ جامُ
اچي رهئو روحَ ۾، تَنِ آديسينِ علاّم
تِهان پوءِ تمام، اُنِ تَڪيان تاڙي چَڏئِا.

**بيت**

راتين مُنہُ مُونَنِ ۾، ڏيهان ڏِڪَ ڏِڪينِ
سانجهي ويَر سوارِيُون، تا دونهيون دکائينِ
گُرُ ڪِئائُون ڪِينَرو، وينا وجائينِ (1)
گهِل نہ گهَرين گهارِينِ، جوڳِي جيجَڙِيَنِ ڪي. (2)

**بيت**

ڪَنِي گَڏجَنِ نہ ڪاپَڙي سامِي ڪِنہ نہَ هَٽّ (3)
وَڏِيندَهِين واٽِ تِئا، سندِي سَگّنِ سَٽّ (4)
جَنِي اندرِ آتَ اِلہ جو، سي جوڳِي ڪَنِ نہ جَٽّ (5)
اُوءِ ڪنہ وَڏِي وَٽِ، سي نانگا وِجَن نِگّئا. (6)

---

(1) اصل: ڪُر ڪئاءِ (2) اصل: ڪِل نڪَر ڪارين. (3) اصل: نَستِ. (4) اصل: سنڪن ست.
(5) اصل: "جني اندر آت اله جو سي جوڳي ڪنن جت". (6) اصل: وڏي ورت.

**بيت**

ٻَـهـرِ ڪـوجـهـا ڪـاپَـڙِي، انـدرِ نُـورَ نَـئِـيـن
جِنه رَهِ هَلـئـا ڪاپڙِي، سا سوُڙِي گَهـٽُو سَئِين
پَسـئو پَرِ سناسِيـن، مُـنجهـئـو وِجـنِ مـئـيـن
اُوءِ جوڳِيڙا جوڙ جَـهِـيـن، پَسـو نـانـگا وِجـنِ نِگَـئِـا.

**بيت**

مـاڙِـڪَ ڏيـئِـي مَـتِـئـا ڪُـنِـرَ ڪـاپَـڙِيـنِّ
ڪـو مَ چـوءِ تـہ ڏُتِـئـا. ڪـتِـئـو سـنـاسـيـنِّ
هـلـئـا جـي حـق ڏوُنـهُ، پِـيـون ڏيـئِـي ٻَـنِ
ٻـئـا ڪـوه ٻُـجـهَـنِ، مَـنـجـهـان تَـنِـي ڪـاپَـڙِيـن.

**بيت**

سِـگِّـيَـنِ جـو سَـڏُ تـئـو جـي ايـنـديـن تـہ آءُ
پـيـهِـي پـِڄ ڪـا پَـڙِيـن، سـندو سـنـاسـيـن سـاءُ
جـي ساجارا سبـحـانَ جـا. سـيـن جـوڳِـيـن تَـنِـي جـاءِ
مـتـان تـيـيـن ٻُـئـا. سِـڪِـي تَـنِ سَـنـيـاسـيـنِ ڪـي (1)

**بيت**

نـنـڏائـي تـي نِـگَّـئـا. سـامِـي سُـورَ ڳَـري (2)
تَـن ڪارُون ڪَـنِ ڪـيـتَرا. سي مَـجِـيـنِ نـہ مُـور وَري
سَـڄ صـفـا جـوڳِـيـن انـدَرِ ڪـاپَـڙِي ڪَـري (3)
سـدا جِـنـه ري نـہ سَـري، سـو سُـجـاتـو سَـنـاسـيـن.

(1) اصل: تيبي ٻئا. (2) اصل: ”تنڊائي تي نڪئا سامي سور ڪري.“ (3) اصل. ”سچ صفا جوڳي اندر ڪاپري ڪري.“

بيت

جوڳي جُڳان نِڳئا، لاهي لاڳاپا سِين لوڪَ
نَڪين تَنِ هيٺِ نہ بيٺِ ڪِين، ٿَهَر نہ متي ٿوڪَ (1)
سي وَهَ پِئا وچنِ ڪاپڙي، آديسي الوڪَ
اُو منجهہِ مَحَبِّتَ موڪ، ڀِهارِ ڀِئا لوڪَ سِين.

بيت

جَنِي ميڙي وڏا مَچَ ۾، سوين ڏِنگا ڏاءَ (2)
اَڳِڙ اچئو اُنِ ڄي، تون ڪئَنِ پُڇين ماءَ (3)
جَني سات نہ سَمَرو وَحدَتَ تَنِي واءَ
آئون آهِين لاءِ، ڀِئَنِ سِين ڀولپن پيئِي. (4)

بيت

تئا ساڄارا سبحان جا، منجهہ لڏائون ماڳ
پارئائون پَرِ تنہ جي، جو اڳئان آهي آڳ
مَحبَتَ سنِي مصطفيٰ (ﷺ) سندو تَنِي لاڳ
پَسو جوڳيان ياڳ، ڪِهو اُتاهوُن عالَمَ ۾ (5)

بيت

ماءُ! جوڳي آئيا، اٿي ڪَرِ آديس
نہ تَنِ گِدا نہ گَبَرِي، نَہ ڪِين ڪِئائون ڪيُس
اُنِ پيئي سُڌَ سناسيين، ڏوري ڏونگر ڏِيسَ
سي وڃائي آديسي آديسَ، رُوءِ ۾ گڏئا رحمان کي.

---

(1) اصل: ٿِهَرنَمتي. (2) اصل: "سوئي ڏکا ڏاءُ" (3) اصل: ڪي پڇين. (4) اصل: ڀولي پيئي (5) اصل: جوڳيان باغ.

**بيت**

نَـڪـي ڏَنـدَ هـتِـن ۾، نـہ ڪـاڙاپـاءَ ڪَـنـنِ (1)
جـيـجـان جـوڳِـيَـڙنِ ڪـي، مُـدائـون ۾ مَـنِ
سي ڪَنِ سَيرَسِرَ ۾، تـا مـتـي لاهـوتَ سُـڄـنِ
تَـنِ ويـراڳِـيـنِ وَرَنِ، پِـرہَ تـيـنـدا پَـڌرا.

**بيت**

مَـنَ مـنَـجـهـارا ڪـاپَـڙِي، پَـهـرِ پـئَـو ويـسُ
اوءِ دونهيون پائِـيـنِ دِلِ ۾، ڪـارو ڪَـنِ نـہ ڪـيـسُ
سي پاٺـيـنِ اُتِـي پاڻ ڪي، پاٺِـيـن ڪَـنِ آديـسُ
مَٽـئـائـون سـو ديسُ، جِـتـي حَـرَفُ نـہَ صـورتَ ڪـا.

**بيت**

مـاءَ! ويـراڳِـي آئِـيـا، پـيَـنِ تـا اوطـاقَ
مـيـڙي پـاهـوڙِيـنِ سـيـن پَـٽَ ڪِـئـائـون پـاڪَ
نـہ تَـنِ سـؤنـڪـو سِـيَ جـو، مـتـان وسِـي مـاڪَ
اُوءِ ڪـاپَـڙِي قـزاقَ، پِـرهـہَ تـيـنـدا پَـڌرا. (2)

**بيت**

لاڳـاپـا هِـنَ لـوڪَ سـيـن، ڪـاپـڙِيـن ڪِـهَـا
جِـهَـا ظـاهِـرَ جـوڳِـيـيـن، بـاطِـنِ اُنِ تِـهـا
سي نـيـہَ نـسـوري سـبـحـانَ جـي تـاٺـي تـوڙِ نِـئـا
جان اُوءِ آديـسـي اِهَـا، تـان تَـڪـيَـا پَـسَـهُـون تَـنِ جـا.

---

(1) اصل نہ ڪارا پاءَ ڪن. (2) اصل ڪذاڪ

**بيت**

تَڪيا پَسِي تَنِ جا، مَنَ ۾ تئُو ماتامُ
آيَلَ! آديسين ري اچي نہ آرامُ
اوءِ دُونِهينِ وارا دامُ، ڏِيئي وِرہُ واتَ ٿئا. (1)

**بيت**

ويٺي جني ڪڍئو مٿي دونهين دَمُ
اوءِ ٿئا لوڙائو لقاءَ جا چڏي ٻئو ڪَمُ
سِي لوچن لئي پِريُ جي، سهن سور سَهَمُ
ان آديسين اهمِ، آهي قصد الله جو.

**بيت**

سو پَرهَڻُ سوئِي پَٽَرُ، سائي سِياري جَهَلُ
مَايَنئون مَڱنِ بِڪئا، ايَ ويراڳين وَلِ (2)
لُڪين لوٽائون جِندڙو، سِيءَ ڪَانيائون ڪَلَ (3)
اُوءِ آديسي اَمُلَ، پِرَهہ ٿَيندا پَڌرا

**بيت**

لِينگهون لاَنگون لَڳَڙا، جَنِ لاَنگوٽا لاَلَ (4)
اُنَ اُپِي اوطاقُنِ ۾، ڪَرَ موڙِئا ڪالَ
هَلو جيڏيون جَال، تَڪيا پَسَهُون تَنِ جا.

**بيت**

سنجهي سُڪا ٽُڪُرا، پِرهہَ پارُوٿو پَتُ
اُوءِ لُوٽا لئي سبحانَ جي، سُونہَ وِجايائون سَتُ
سندو آديسيان اَنتُ، اِلاه ري ڪير لهي

(1) اصل: دام. (2) اصل: ماينئوء مکن بکٿا. (3) اصل: لکي لوٽاء (4) اصل: ليکہ لاکہ لُکرا.

**بيت**

ڪڏهن ويهي نہ ڪِئو تَنِ آديسين آرامُ
پيهِي پيتو سناسيين، سندو وحدتَ جامُ
اُنِ اُپِهيِن آئيو ڪَنا حَقَ سَلامُ (1)
سُڻِي سو ڪلامُ، اُوءِ نانگا نِسورا تِئا.

**بيت**

اَمَڙ! آديسينِ ڪي، ڪو جو رَسئو حالُ
اوءِ نانگا نسورا تئا، قيلُ وجائي قالُ
اُنِ اندرِ رَهئو الله جو ڪو منَجهِين خاص خيالُ
سي چڏي مِلڪَ مالُ، سدا سِڪَنِ پِريَ ڪي.

**بيت**

اَمَڙِ! آديسين جي ڪا جا آهي يَتّ
سا پَروَجهڻ ڏاڪَڙين، اندرِ ماءِ نہ مَتّ
اُوءِ وِئا لوڪان لِڪي ڪاپَڙي، سامي وَڏي سَتِّ
نہ ڪو ڳاڃ نہ ڳَتِّ، اِن جوڳيان سندي جوڳ جو.

**بيت**

آيَڙِ! يَہَ آديسينِ جي، مادرِ! آءٌ ماري
جَنِ سدا آهي سُبحانَ جِي، تَنِ اندرِ تارِي
گُران گَڏِجي آئِيا، يَئہ ۾ بيڪاري
گهورِئا گهَرَ ٻاري، مون وَہُ ويراڳين سين. (2)

---

(1) اصل. سلام. (2) اصل. مون وِہُ.

### بيت

بـنـگـالـي ۾ جـوڳـيـن مُـنـهُ مُـونـا اِي مـاتِ (1)
ڪَـٺـئـو مَ پُـوٽـا گَـبـرِي جِـيـڪـي تَـنِـي سـاتِ
آيَلِ! ڪاُرون ڪَريان اُنِ ڪي، سي راول رَهـنِ نـہ رات (2)
تَنِ تني جي تاتِ، هي جي سامِي هَلئا سُبحان ڏُونہُ

### بيت

سـدا آهـي سـبـحـانَ جِـي، تَـنِ آديسـيـنِ اُڪِـيـرُ
اُوءِ وِئـا نـانـگـا نِـڪَـري، سـنـاسِـي سُـڌِيـرَ
سـي اوري رَهـئـا نـہ ڪـاپَـڙِي، سـدا وَحـدَتَ وِيـرَ
پَسو جوڳِيڙا فَقِيرَ، پِيهِي ذاتِ بَحتِ ڏونہُ جي وِئـا.

### بيت

پَسو جـوڳِـيـان سندِي جوڳَ جو، نَـڪو پانڌُ پَـرو
اُنِ سـامـيـنِ، لـئـي سُـبـحـانَ جـي، تِـئـڙو جِـي گَـرو (3)
تَنِ پـيـهِـي پِـيـتـو سـنـاسـيـيـن ، سـنـدو سِـڪَ سَـرو
تـئُـنِ نـيـہُ ڪَـرو، اوءِ هَـلـيـا وِجَـنِ حَـقّ ڏونـہُ

### بيت

اَنـدرِ رَهـي اِلٰه جِـي، تَـنِ سـنـاسـيـن ڪـي سِـڪَّ
اُوءِ نـانـگـا وِئـا نِـڪَـري، لـوڪـان ڪـري لَـڪَّ
پيهِي وَحدتان پِيتـو ڪـا پَـڙِيـيـن تـام ڏيـئـي تَـڪَّ (4)
پَسو ساميِڙا سُپَـڪَ، وِئـا نِـرتـان نـڪَـري رَبّ ڏُونـہُ.

---

( 1) بڪالِي مِي جُوڳِي مه مَنا اِي- مَاتُ. (2) اصل سي اول نہ رهن رات. ( 3) اصل. ڪَرو (ڪڙو؟) (4) اصل. "تَام ڏيئي تِڪ"

**بيت**

مون پُوري نہ پُڄئا، جوڳي جاڙَ ڪَري (1)
سُڏيون سنديون سَڄڻين، هُيون جَن ڳَري
اُوءِ ڪندا پَچارُون پِريَ جون وِهاڻِي وَري
مادرا مُون نہ سَري، آيَل! تَنِ آديسينِ ري.

**بيت**

دارُو، تَبَا، ڏَيَ، ڪِيتَرا، جوڳِيين جا تيندااهُ
وَهَڻُ وانَڙِينَ ۾، تيلاَهِين لَهَنداهُ (2)
ڏورِئُو ڏِسئُو ڏِپهَڙا، جوڳِيڙا جاءِ
ساميڙا سَداءِ، پُوتا پُوٽُو پِري سين.

**بيت**

سامِيَڙين سُبحانَ لئي وِئُو وِسَري جِيُّ
اُنِ اِچِي پِئُو آدِيسِين، اَمَڙِا! پَہُ ايُّ
سي پيهي پَسندا ڪاپَڙِي سَندو وحدت وِيُّ
تيلاه ساميڙا سِيُّ، وينا گهارين پَٽَ ۾.

**بيت**

ساميَڙا سبحان لئي وينا سُورَ سَهَنِّ
ڪِين جو پَروڙِئو ڪا پَڙِيين، تپن بِئُون ڏنائُون بَنِ
اُوءِ اوسِيئَڙي الہ جي، پَرِ ۾ تا پچَنِ
توڙي ويروتارَ وَسَنِّ، تہ سِڪَ سَناسيين نہ لهي.

---

(1) اصل: پُورِي. (2) اصل: وَهِڻُ.

**بيت**

اَمَڙ! آديسينِ ڪي، پَرِ ۾ پيهي پَسُ (1)
جَن سڪَندن سُبحانَ لئي وهہ وجايو وَسُ (2)
آيلَ! تَنِ آديسينِ جي رِڙهي رَندَ تهينِ رَسُ (3)
اُوءِ هِي لاهي ڪَسُ، پِرين ڏيکاريندا "پاڻ" ري (4)

**بيت**

ڪي پَہُ سُٽي پندِ تئا، ويهي نہ ووڙينِ
پاسا اُوءِ پَٽ سِرِ ڪِلِئو تا ڪوڙينِ
ڏَڪان سندو ڏيلَ ڪي ڏَنءِ ڏي ڏيهاڙِئو ڏينِ
وئا، تِتِ گهورِين، جتي هَنڌُ حِڪايَتِ ناهِ ڪو.

**بيت**

جوڳِيڙنِ ڪي جاتَ نہ وِسَري، سامِين ڪي سائِي
ڪا جا سڌِ سَنَاسِپين، اُنِ الاَهَان پائِي
مَنَ ۾ رهِي ڪاپڙيين، آديسين اِهائي
سي مَتَايو وائي، تا ڳُجهہ ڳالهائِين پاڻ ۾.

**بيت**

ڪِنہ جِنہ ڏِسجَن ڏيہ جا، جيجان جهَائِي
جي اونِي ڪَنِ اللہ جِي، اُوءِ آهينِ اِبهائِي
تَنِ جوڳين سندِي جانِ ۾، سَبِ وَحدت جِي وائِي
سي مَتَايو وائِي، تا ڳُجهہ ڳالهائِين پِريَ جو.

---

(1) اصل: اَمَن (2) اصل: "جَنِ سِڪَندا سبحانَ لئي وِهُ وجايو وَس" (3) اصل: رندُ تهِم (4) پان رء.

## بيت

نانگا نِسورا ٿئا، چڙهي ويراڳي وِيسَ
سي پيهي وئا پاڻَ ۾، جوڳي ڏوري ڏيسَ
اُنِ ويئي وِچان ٿِي نِڪَري، تَنِ آديسين اُديسُ
ماري سامي مپس، آيا سي اُتورَ ۾. (1)

## بيت

ڪا جا سُڌِ سناسيين، اندرِ آديسينِّ
سا پروڙئو ڳالهڙي پپنا پاڻ هِين ۾ وجنِّ
تَنِ مَنجهين ڪَئا تڪَيا، سي مَنجها مَنجهہ رهنِّ
اُنِ اِلہ آديسينِّ، پيهي پُروڙئو "پاڻ" ري. (2)

## بيت

ڪو جو پٽَن الہ جو اندرِ مَنجهہ اُهاءِ
وَڌي تِنہ ويچُون ڪِئا، وجُودان وِئا (3)
نڪو تَنِ اِسمُ نہ جِسمُ ڪو، اُوءِ نسورا نابودَ ٿئا
هي جي مَنجهہِ منجهان ئي وِئا، تَنِ پيهي پَروڙئو ڪاپَڙيين

## بيت

نانگا نسورا ٿئا، چِنِي سَگ سَيَنِ
ڪوجو پہَ پئو ڪا پڙپين، تين پيون ڏِنائون پُنِّ
اُوءِ نِيہَ نسوري سبحانَ جي تاڻيئو تُوڙ وجنِّ (4)
سي پاڻهِين ۾ اَچِنِ، مَنجهہِ مشاهِدي گَڏئا.

---

(1) اصل: اتُور ۾ (2) اصل: پانَ رءِ (3) اصل: وُجودَ وئا (4) اصل: تاتئو ٿوڙ وجن

### بيت

سيليُون، سِڱَيُون، ڪينَرِيُون، سَبِ چِڏيائون ساڄَ (1)
پُورِيائون پُورَ پَ مَٽي، ڪوڙِ ڪِئائون ڪاڄَ (2)
سي وُجُودئون وِهي وِئا، ڏيهه چِڏيائون راڄَ
طوقَ چِڏي تاڄَ، اوءِ نانگا نِسورا ٿِئا. (3)

### بيت

ڪِينَ ڪنيائون ڪي ٻيو، نَہ مِڙهيان نَہ مَنِ مُورَتِ (4)
اِيُ پيهِي پَروڙئو سناسِيين، سندو جوڳِيان پَتِ (5)
جيلاه سبِ چِڏئو ڪاپڙيين، تيلاهَ سُهاڻا اَٿِ
پَسو پاري پَتِ، آيَل آديسِنِ پانهنجي.

### بيت

نَڪِين ڳولن ڳوٺَ ۾، پيهي ڪِينَ پِنَنِ (6)
اِچي رَهئو روحَ ۾، اِلَہ آديسِنِ
سي نِيہَ نسوري سبحانَ جي، تاڻيئو توڙِ وِجِنِ
واحِد ويراڳِينِ، اُنِ آسَڻ ويئي آئيو.

### بيت

ديکينِ نہ "دئارڪا،" "تانِي" ڪِين نَمَنِ
نَڪو پُوڄِينِ پَنٿُ ڪو، جُنگَ نہ جاتا ڪَنِ (7)
اِچي پئو آديسِن، ڪو وَهُ ويراڳِينِ
تِنہ پَہَ پِئا پَچَنِ، راتون ڏِيهان رَبَ جي. (8)

---

(1) اصل: ڪِينَري. (2) اصل: ڪُور ڪئاءُ ڪاڄَ. (3) اصل: تُوڪ چِڏي تاڄَ، نانگا اوءِ نسورا ٿئا. (4) اصل: نَمَرِيَان نَمُورَتَ نَمَنِ. (5) اصل: "سندو جوڳِيان بَتَ" (6) اصل: "نڪين ڪَوتِنِ ڪوٺ ۾" (7) اصل: واءِ جن ڪي نجاتا ڪن. (8) اصل: "تہ يَہُ يَئا پَچَنِ" (تنه يُئُون پئا يَچن؟)

**بيت**

مَنجهہ - هِين تيرَتَ تڪِيَا، مَنجِهہ- هين مُدائُون،
مَنجهہِ- هين وڃِن ڪينَرا، مَنجهہِ-هِين مَالائُون
لاهي وِڏائُون، اُوءِ سامي گَڏئا سُبحان کي. (3)

**بيت**

اَندَرَ کي اوڏا ٿِئا، مَحوي سُڄَڻ تا (4)
سِي جوڳِي پيتا جوڳَ ۾، جوڳِين جوڳَ سُهَاءِ
ماءُ! سُڌِ اُنِ سَناسِيين تَان کا ڏيئَون کاءِ
تَنِ کا ڳُجَهي سين اَللہ آه، اُوءِ لَکي لوڪ نہَ سگهئا.

**بيت**

حاصُلُ جَنِي حَقُّ ڪِئُو، وِيهي مَنجهہِ وِلَنِ
نِيڻُ رَتائُون نِيهَ سِين، جاڳِي جوڳِيَڙنِ
اُوءِ پَڌرِ پيئُون نہَ ڪَنِ، ڳالهيون ڳِهلي لوَڪ سِين.

**بيت**

ماءُ! سي جوڳِي آئيا، جي حُضورِ هُئا عَلاَمَ
اُوءِ ڳالِهيُون پَريين پنڌَ جون، ويتا ڪنِ وريامَ
سَدا اُنِ سَلاَمَ، هي جي دَرگَہِ هُئا کاپڙي.

**بيت**

وِڃان لوڪَ لَئي پَئِيَ، جَنِي ڏُوڙِ ڏِئي
اُنِ مَنَ اندر مَحبّت، ۽ کا ڳُجهي ڳالِهہ هُئِي
تہَ هُوند نانگا نِسورا تِئا، جي سَا عامَ سُئي
جَني ميَس مُئِي، اُوءِ پيهي تَنِ پَروُڙِئي.

---

(1) اصل: "لاهِي وِڏاءُ" (2) اصل: "اُوڏا تئا تئا.... سُڄَنَ تا."

**بيت**

اِيُ جـڳ جـوڳـو جـوڳِـيـن، جـوڳِـيَـنِ جـوڳ سُـهَـاءِ (1)
جوڳِيان سَـنـدي جـوڳَ ۾، مَـدُ مَـنـجـهِـ-هـيـن مـاءِ
هُـئـي مـون ڪـي هـاءِ، جو آءٌ جوڳ نـہ سِـڪـئـو جوڳِـيـن.

**بيت**

سـامِـي هِـلـئـا سـبُـحـانَ ڏُونـهُ، پـنـڌ لَـڏائُـون پَـرڪّ
ڪا جا پيئي سُڌ سَناسيين، تِپِن سَبِ چِڏيائون سنڪّ
پـانُ پَـڪـائـون بُـڪَ سِـيـن، سِـيءَ لُـوٽـائـون لَـنـڪّ (2)
سي سامِيَڙا سُپڪَ، پَسو ڳالهِيون ڪندا ڳُجِهـيُـون.

**بيت**

مَـنُ مـارِئـاون بُـڪَ سِـيـن، تَـنُ سُـڪـايـائـون سِـيءَ
سُـڪ نـہ سُـتـا ڪَـڏهِـيـن تَـنِ جـوڳِـيـنِ سَـنـدا جِـيءَ
پَـسـو پُـر سـنـاسـيـن، اُن آديـسـيـن جـي ايءَ
تـيـلاه..............................................(+)

**بيت**

..............................................
..............................................(*)
پِـريَ ڳَـڏجـي سَـارَ، ويـيـنَ سَـپِ وُجـودَ جِـي.

---

(1) اصل: اي جُڳ جوڳو- اِلخ. (2) اصل. سيءَ لوٽاءِ لنِڪ.

(+)-(*) اصل ورق جنهن جو پهريون لفظ "تيلاه" هو، سو موجوده قلمي نسخي مان ڦاٽي ويو آهي. يعني تہ (+) (  ) نشاني جي وچ ۾ 47 بيت ڪٽل آهن ۽ بيت (82) جي آخري سِٽ ڪانهي تہ ٻئي (130) جي فقط آخري سٽ سلامت آهي.

بيت

نہ گِدا، نہ گَبَري نہ ڪو هَٿِهن ڪَمُ
آديسين جِي اَهَمُ، پِڀِي پَروڙِج ڳالهڙي.

بيت

نہ گِدا، نہ گبري، نہ ڪو ڏورين ڏيہ
آديسينِ جي ايہ، پَرِ پَروجهڻِ ڏاڪَڙِي.

بيت

نہ گدا، نہ گبري، نَڪِين سُڪِ سُمَهِنَّ
اُنِ الله آديسينِ، اچي رَهئو روح ۾.

بيت

نہ گِدا، نہ گبري، نَڪِين پَٽِ پَنَنِ
پَرِ ۾ تا پَچِنَّ، اُوءِ پِرين لايو اڪيين.

بيت

نہ گدا نہ گبري، نَڪا ڪَنِ تَوارَ
سامِيَڙِين سنيارَ، ويئي سَيَ وُجودَ جِي.

بيت

نہ گِدا، نہ گبِري، نہ اَچهو نہ اوطاق
سامِيڙا بيباڪَ، پَسو لوڪَ وِچائين جِنءِ وِئا.

بيت

نہ گدا، نہ گبري، نڪا هِيَ نہ هُوءِ
تَنِ سامِيڙَن سُوءِ، لَتِي وِچاءِ لوڪَ جي.

**بيت**

نہ گدا نہ گبري، نَڪو لاڳاپو سين لوڪَ
ساميڙا چڏي توڪَ، نانگا نِسورا ٿئا.

**بيت**

نہ گِدا، نہ گبري، ڪَچ نہَ ڪاچوٽي
اُوءِ سُڪ نہ سُتا ڪَڏهِين ڪَڍِي لانگوٽي
سي جِهَا آيَا دُنِيَ ۾ وئا تِهَا موٽِي
اِيَ ڏادي ڪَسوٽِي، وِئا جهاڳي ڪاپڙِي. (1)

**بيت**

نہ ڪِين هيتِ، نہَ بيتِ ڪين، نَڪو ڪَن حرِصَ
ڪَنا ساميَڙين مَ وَرسُ، اِيَ الہِ سُهاٽا گهٽو. (2)

**بيت**

نہ ڪِين هيت، نہ بيت ڪين، نَڪِين وَسِينءَ وَهَنِ
اُنِ اِلہ آديسين، اِچي رهئو روحَ ۾.

**بيت**

نہ ڪين هيت نہ بيت ڪِين، نَڪو ڪَنِ مَرَڪُ
ڪِئو لوڪُ تَرَڪُ، اُوءِ نانگا وَڃن نِڳيا.

**بيت**

نہ ڪين هيت، نہ بيت ڪين، نہ ڪي ڪَنِ وِيَس (3)
سامِيَڙين سُويَسَ، وِئا وِسري پانهنجا.

---

(1) اصل. ڄا ڪي ڪاپڙي (2) اصل. ڪنا سامِيَري (3) اصل. نڪو ڪن ويسُ.

**بيت**

نہ ڪِين هيٺ، نہ بيٺ ڪين، نڪو مگ نہ وڳ (1)
سا ميڙين اڳ، مُور نہ ڏِڪيو ڪَڏهِين (2)

**بيت**

نہ ڪِين هيٺ، نہ بيٺ ڪين، نڪو لاڳاپوسين لوڪَ
سامِيَڙين توڪَ، سَڀَ دنيَوِي ڇڏئا.

**بيت**

نہ ڪين هيٺ، نہ بيٺ ڪين، نہ ڪِنہ تَنَ جي تاتِ
سامِيَڙا پِرياتِ، پَسو پَراهِنَا ڪاپَڙِي.

**بيت**

نَہ ڪِين هيٺ، نَہ بيٺ ڪين، نَڪو سَڳ نہ وڳ (3)
راوَلَنِ رڳ، انَدَرِ تئو الله جو (4)

**بيت**

نہ ڪِين هيٺ نہ بيٺِ ڪين، نڪو ڪَمُ ڪاڄُ (5)
سَامِيڙَنِ ساڄُ، سَڀُ دُنيوِي ڇَڏئو.

**بيت**

نہ ڪِين هيٺ، نَہ بيٺ ڪِين، نَڪِين جِينءَ نہ تِينءَ (6)
سامِيڙن سِينءَ، لوڪان لِڪِي جِينءَ وِٺا. (7)

---

(1) اصل: سَنگ نہ وَنگ (2) اصل. انگ. (3)اصل. سنگا نونگ. (4) اصل. رنگ. (5) اصل. نکو کو کم نکاج. (6)اصل: نکِ جَن نتِن. (7)اصل. سامِيڙَن سِي.

**بيت**

نہ ڪِين هيت، نہ بيت ڪِين، نڪا وائي واتِ
سامِيڙَنِ تاتِ، لتي سَيئِي لوڪَ جي.

**بيت**

نہ ڪين هِيت نہ بيت ڪِين، نَڪا ڪَنِ راحَتُ
سامِيڙَنِ ساعتَ، ويئِي سَبَ وِرونہَ سين.

**بيت**

نہ ڪين هيت، نہ بيت ڪين، نڪا راحتَ پُڇَنِ
جي ساَمِيَڙا سُڄَنِ، تَنِ ري اِلہِ ناہ ڪين.

**بيت**

نہ ڪين هيت ، نہ بيت ڪين، نڪا ڪن ڪا هَتَ
سامِيڙين عادت، سدا اوڙڪ اِلہَ جي

**بيت**

نہ ڪِين هيتِ، نہ بيت ڪِين، نڪِين ڳالهائينِ
ڪِنہ جِنہ مِنہ آهِينِ، سا پَرِ پَروجهَڻِ ڏاڪڙِي.

**بيت**

هَتَ جِنِ جا (ٽامڙا)، ڇاڳَڙَ جَني واتَ (1)
ماري ڪِئا ماتَ، جِي پانهِنجا جو ڳِيين

**بيت**

هَتَ جَنِ جا ٽامَڙا پَتَرُ جي پُون
ڪِئَن پُڇندِينءَ تُون، ماءِ تَن سين جوڳِيين.

---

(1) اصل. "هَتَ جَنِجَا ڇَا ڪَرجَن وات"، هيلين بيتن ۾ پڙ "هتَ جَن جا- الخ."

**بيت**

هَـتَ جَـنِ جـا ٽـامَـڙا، هِـنـيـان جَـن جـا هُـوءِ
اوءِ اُيـا اِلـه سُـوءِ، بِـئـي ڏونـه اڪـيـون نـہ ڪَـٽِـي.

**بيت**

هَـتَ جَـنِ جـا ٽـامـڙا، مَـنَ جَـنِـي جـا مـاتِ
اُوءِ سـامـيـڙا راتِ، پِـرِيَ گَـڏجـي آئِـيـا.

**بيت**

هَـتَ جَـنِ جـا ٽـامـڙا، سُـونـہَ جَـن جِـي سـهَـمُ
سـي سـامِـيـڙا ڪَـمُّ، لاَهـي چُـرِئـا لـوڪَ سـيـن

**بيت**

جِـيـجـان جـوڳِـيَـڙنِ جـو، مـون جـو ڏنـو حـالُ
تـئَـن مـاءَ تـو جـو مـالُ، نـہ ڦـپـرِيـنـدو اُنِ ڪـي. (1)

**بيت**

جـيـجـان جـوڳِـيَـڙَنِ جِـي، مـون جـا ڏِٺـي پَـتِّ
تـئَـن مـاءَ تـنـهـنـجـي مَـتِّ، نـہ ڦـيـرِيـنـدي اُنِ ڪـي.

**بيت**

جـيـجـان جـوڳِـيـڙنِ جـو، مـون جـو ڏٺـو پُـورُ
تـئَـن مـاءَ تُـنـهـنـجـو سُـورُ، نـہ ڦـپـريـنـدو اُن ڪـي.

---

(1) اصل: تِن ماءَ تو جو مال.

## قسم سَتئون "منجهه پير مرشيدَ جوڳين"

## جوڙن ۾ جوڙئو متي سورهين بَيتن ❊

### بيت

اِي هَندَ آهين هيڪڙا، اوءِ هَلِئو جتِ وَڃنَّ
ڪَني "بابا حاجي رَتَنُ" ديکئو، ڪي "ويروناتِ" وَڃنَّ (1)
ڪَني "مارِڪُناتَ" مَنِ ڪِئو، ڪي "اَجيپالُ" پَسَنِّ (2)
ڪَني بيدَ وِيَاچا جوڳِيين، ڪي پوِتيين پَڙهنَّ
آءُ گهورئو متان تَنِّ، جَنِ سَيوءِ چڏِئو.

### بيت

ڪي هَلِئا "هَرمُج" ڏونهَ، ڪي "پُرتڪالَ" پَرَنِّ
ڪَنِي ڪوڏُ "ڪنَيات" جو، ڪي مَتي گَنگا گَجَنِّ
ڪو وَهِئا "وِنڪوٽ" ڏُونهُ، ڪي "لَڪا" سِرِ لَمَنِّ
ڪي "گوئي" گنگادِري، ڪي "گواسِ" وَڃنِّ (3)
ڪَني "آڏَمَرَ" ڪاپڙيين، ڪي بازارين وِهَنِ
ڪَن ڌارئا ڏنب ڪِتنَرا ڪي واسِليين وِندرُنَّ (4)
آءُ گهورئو متان تَنِّ، جي پيهي وِئا پاڻَ ۾.

### بيت

---

❊ هن قلمي نسخي ۾ هن "قسم" هيٺ جملي 14 بيت آهن. (1) اصل ۾ هيءَ سٽ ڪاتب غلطيءَ وچان پهرين بيت جي پهريئن سٽ بعد لکي آهي. (2) اصل: "مارڪنات" (3) اصل: گُواس وجن. (4) اصل: "واصلِ ودرن".

ڪي ڪَهيا ”قَنوُج“ ڏي، ڪي ”مَتُرا“ پَسَنِ (1)
ڪي متي ”دڪَنَ“ دوڙئا، ڪِي ”مَلِي وارِ“ وَڃَنِ (2)
ڪَنِي پنڌَ ”پَٽَنَ“ ڏُونهُ، ڪِي وِئا ”تانِي“ نَمَنِ
آءُ گهورئو متان تَنِ، جَنِ پيهي پاڻُ پَروڙِئو.

**بيت**

ڪَنِي ديکِي ”دئارِڪا“، ڪي ”جمَ“ جاتُون ڪَنِ
ڪَنِي ڪَسُ لايو ”ڪوه مَرِي“ ڪِي وِئا، ”آمير“ پَسَنِ
ڪَنِي ”مانَسَرَ“ مَنِ ڪِئو، ڪي هَلِئا ”هِنگلاج“ وَڃَنِ
آءُ گهورئو مَتان تَنِ، هَلئا جي هُوءِ ۾.

**بيت**

ڪَنِي ”دڪَنُ“ ديکئو، ڪي هَلِئو ”هِندُ“ وَڃَنِ
ڪَنِي دَرسَنُ ”ڏيروڌَ“ جو، ڪي وِئا ”بَنارِس“ پَسَنِ
ڪَنِي ڪوڌُ ڪَشميرَ جو، ڪي ””ڪابُلِ“ ڪَهَنِ
آءُ گهورئو مَتان تَنِ، جي ڪَهِئا ڪارُونيار ۾.

**بيت**

ڪَنِي ڏُونهيُون دَمَ سِين، ڪي اتئا گَڍِ قِرَنِ (3)
ڪَنِي ٻڌا تَنگ ”ڏيروتَ مڙهِي“ ڪي پيئا پُورَبِ وَڃَنِ (4)
ڪي هَلِئا ”بَلخ“ لَئي ڪاپڙِي، ڪي ”بُخارو“ پَسَنِ
آءُ گهورئو متان تَنِ، جَنِ پاڻ وڃايو جوڳِيَن.

---

(1) اصل: ”ڪَهيا ڪَنُور ڏي“ (2) اصل: درسن ڏي رُوڌ جو (3) اصل: ڪَڌ قِرنَ (4) اصل: ”ڏيروتَ مَري“.

### بيت

سامِيڙا! سُبحانُ جي ڏَان ڪا سُڌِ سَڻاءِ
ڪِئَن صانِعُ، ڪِئَن صِفتُون، ڪيهي جوڙِ جُڳاءِ
ڪيهي پَرِ پَسَڻُ پانشَاهُ، ڪِئَن مَنجهہ مَحبَتَ ماءِ (1)
اُوءِ سناسِي ڪِهَڙِي ساءِ، پَچَنِ لئي پِريَ جي.

### بيت

ڪري پَچارون پِري جون، وَهِي وئا وِيرَ
جوڳِي هَلئا جُوءِ ڏي، سي سامِيڙا سُڌِير
اُنِ اَندر رَهِي اِلهَ جي ڪا آديسين اُڪِيرَ
پَسو جوڳِيَڙا فَقِيرَ، وَجن نِرتا نِڳِئا ڪاپڙي.

### بيت

هَلِي ڪِي حُضُورَ ۾ جاتا جو ڳِيَڙنَ
اُوءِ اڪيون ڪَرِئو اِله دَرِ، پَرِ ۾ تا پَسَنِ
نہ سِڪَ سناسِين لهي، توڻي وِيروتارَ وَسِنِ
واحِدُ ويراڳِينِ، تِنِ پِرِين پاڻهِين گَڏِئو.

### بيت

پِريَ لئي وچايو ڪاپَڙِيِن [پَسو] پَر اڳِيان وَسُ
جَنِي اَندَرِ آتُ اِله جو، رِڙهي رَندُ تَنِي جي رَسُ
تَانڪين ڏورِ تَنِ ڪي، جانڪِين وَهي وَسُ
اُنِ جوڳِينِ تئو جَسُ، وِئا لوڪان لَڪِي ڪاپَڙِي.

---

(1) اصل: پسن پاتشاهہ.

ويندا سي ايمان سين، جي ڪَلمي ڪِن وائي
لا اِلہ الاالله مُحمد رسول الله صلي الله عليه وسلم

---

اين رساله سندي تصنيف شيخ المشائخ شاهہ لطف الله قادري ﷺ کن اگام.
اين کتاب حق و ملک سيد قادرنہ حسيني وکاتبہ اللهدنہ بن ابراهيم غفرالله جميعا مع المؤمنين وا لمؤمنات والمسلمين والمسلمات برحمتک يا ارحم الراحمين.

# ضميمو

## منهاج المعرفت مان سنڌي بيت

### (1)

"بيت سنڌي در وصف پيران و مرشدان و ڪيفيت آن"

پُڇئو پَرِ پَيغمبَري، اِنهِين رِهَ رمَنِ (1)
اوُ سُنهَان آهِين سِپرين، ايهي پارَ پُڇَنِ (2)
ساتي شريعتَ سِين، مَنجهه حقيقت هَلنِ
سي ثابتُ صَحِي ڏِسنِ، هي جي پَرِ پريان جي رَسيا.

### (2)

"بيت سنڌي در بيان تحريض مريد و متابعت پير"

جيڪِي سُوناُئون سَڦِرو، هيجان مَٽِي حالُ (3)
تون مَرُ مهندان تن جي، قِيلُ وجائي قالُ (4)
جِهو پَسَڻ اُنِ جو، تيهِي مِلڪِ نه مالُ
سُونهَ سُونهارو سالُ، جو هوئي حُضورِ تَنِ جي.

### (3)

"بيت سندي در وصف فقراء"

فَقرُ فاقو جَنِ، فَقرُ الفَقر جَنِ تئو (5)
تَنِ ڪي نه رهيو ڪيترو، وچان وِڄ ويو

---

(1) اصل: انهه رهَ. (2) اصل: اي پار پڇن (3) اصل: "جيڪي سوناءِ سفر و هيجامتي حالَ
(4) اصل: "تَن مرهدار تنجي، قيل و جاي قال." (5) اصل. جن تاو.

”فَـلاَهُـم اَلاَ اَنـاَ“ ڏِسِـي حـالُ اِهـو
پَسـيءِ اُنِ ڪِـهـو، سـدا حُضـورُ حَـقَّ سـين.

(4)

”بـيـت سـنـدي در وصـف شـريـعـت“
رَه شـريـعـت هَـلِـئـا، تـفَـڪّـر طـرِيـق تِـئـونِ
حَـالَ حَـقـيـقـت رسِـئـا، حَـرڪـتَ حـرِصُ وِئـونِ
لـئـي لاهُـوتـي پـئـا، وَحـدتَ وِصَـالـونِ
سِـي پـيـتـا بَـقـا بـاغ ۾، فَـنـا فَـرقُ پـئـونِ
پَسـو پـنـڌ سَـنـدونِ، اُوءِ وجُـودان وَهِـي وئـا.

(5)

”بيت سندي در وصف طريق سلوڪ ڪون آن“
عَـجـيـبـا عَـجـيـبَ، ڪَـرِ تَـمـنّـا طَـريـقَ
جان ڪَهِي نِهارو ڪَيڙو، پـيـهِـي مَـنـجـهـ عَـمـيـقَ (1)
تان پنڌُ پَروئـي نـاهِ ڪـو، اِتِ تـيـا حـيـران حَـقـيـقَ
سـنـدا اِن دقَـيـقَ، پُـجـهـٹـان پَـهـار تـئـا. (2)

(6)

”بـيـت سـنـدي“ ❊
[پَـنـڌ پَـروئـي نـاه ڪـو، جـبـل] جـيـڏوبـي
اُيـيـون آهـن چـوٹـيـون،اهـڪـيـون چـاڙهـيـون اِي

(1) اصل. جا ڪهي نهارو ڪيرو- الخ (2) اصل. ”سدا ان دقيق ڪچرا بهار تئا.“
❊ هن بيت جي پڙهڻي اسان پنهنجي گمان موجب قائم ڪئي آهي. اصل متن جي عبارت هن طرح آهي: ”جي“ دوئي اياء هن جو تي اغي توچار.
حروات نهڪري سَا ڪيران سئي ما مي در محدح دريجو“

ڄيرِ واٽ تہ هڪڙي، سا ڪيٽانِ سُئي
متان پئي ڀَئي پيرُ مَ ڇڏج پِريَ جو.

(7)

"بيت سندي در پند سالڪان"

اوڏي جا اصلائي، وانءِ تِنہ مَ واٽ
پَسُ پانڌيڙي پِريَ جي، مُنهَن ۾ مَجرَ ماٽ
وِهي وِچاءِ مَ ويسِرا، گهورِئا گهر ۾ گهاٽ (1)
ڪوڏان ڪاهِ ڪُواٽ، وَهِيَ وِيرُ ونهيو ڪِئو. (2)

(8)

"بيت سندي در وصف طريق و سلوڪ کون آن"

سَنئينءَ سالڪ، هَلئا، آواٽ ويهي رَهَنّ (3)
ڪوڏان پسو قطارئا، ڪَرِ پانڌي لئي پرِيَنّ (4)
اُوءِ هيجان هَلنِ حَقّ ڏونہ، ٻيون ڏيئي ٻَنّ
اوري ڪَنّ نہ آسرو، تاڻئو توڙِ وڃَنّ
وادِي تِنہ رَهَنِ، جت پِريَ ري ڪِي نہ پَسجي.

(9)

"بيت سندي در وصف ڪلمہءِ لا اِلہ"

پارِ "اِلہ" جي آئيا، "لا" سِين لَوءِ تئُون
"ڪيَنِ" ڪنيائون پاڻ سين، سچو پهہ پئُونِ (5)

---

(1) اصل: "وهي وچاء مويسرا اکورا کر مکات" (2) اصل: "وهي وير وهيو کاو" (3) اصل: "هستي سالک هليا اوات ويهي وهن" (4) اصل: "کر ڏيس قطار کرياي لي پرين" (5) اصل: "کنياء کي پيو"

تِـئـا سـاجـارا سُـبـحـانَ جـا، وِچـا وِچ ويـونِ
اُهـسُ اُنِ پِـئـونِ، پـئـي ڏونـه اڪـيـون نـه ڪـٽِـي. (6)

## (10)

"بـيـت سـنـدي در وصـف ڪـلـمـه ءِ اِلاالله"

"اِلاَ" اوريـائـيـن ڇـڏي، اُوءِ ويـا سـي وري
تـئـا سـيـڪـڙوُ سُـبـحـانَ جـا پـيـيَـن وڪَ پَـري
جِتـي ڪَـونُ نـه مـڪـان ڪـو، اُوءِ پَسن تـهـان پـڙي (2)
وِئـا تِـتِ وَري، جِـتـي خـوفُ نـه صَـوتُ ڪـو (3)

## (11)

"بـيـت سـنـدي در وصـف اسـم ذاتـي"

چـيـائـون "الله" هـادِي جـو حَـقّ
اُوءِ پـاڻـان ويـا پَـيَـڙا، تِـيَـنِ ذاتِ مُـطـلَـقّ
"فَـلاهُـمُ اِلاَ اَنـا" اِت نـڪـو شُـبـه نـه شَـڪّ
حاصِلُ جَنِـي حَقُّ، سي واصِلُ تـئـا وِصـالَ سِـيـن.

## (12)

"بـيـت سـنـدي در وصـف ڪـلـمـه هـو"

"هـوءِ" سِـيـن حَـلّ تـئـا، روحَ ۾ تـيَـنِ رِهـاڻ
اُوءِ نـه ڪـنـه مـاڳِ نـه تَـڪِـيـي، نـه ڪـنـه رهـن ٺـاڻ
سـي نِـڪُـنـجـان نِـڪُـنـجَ تـئـا پـاتـارون پَـريـاڻ
اُتـي منجهئو وَجي پاڻ، عَقلُ عـاقلين علمُ عـالمِـيـن.

---

(1) اصل: "بيڏوهه اڪي نڪري." (2) اصل: "اوءِ پسن تهادري" (3) هن ڪان اڳ صفحي 116 تي هن ساڳي معنيٰ ۾ "مٺئائون سو ديس، جتي حرف نه صورت ڪا."

(13)

"بيت سندي در وصف سالڪان"

تان ڪو ڏهو ڀَهيَڙا سنيهَڙو سندون
ڪئن پانڌِيَڙا پنڌ ۾، ڪِنه پَر اُهجاڻون!
ڪِنه پَرِ هَلَنِ حَقَّ ڏُونهُ، ڪَنه پَرِ وِصالون!
ڪئن فَنا تئا فِي الله ۾، ڪنه پَر مشاهدِون!
ڪهڙو حالُ حقيقت اُن جِي، ڪِهو پنڌُ پَرون!
"لاَيعَلَمُ تاويلَهُ اِلا الله" اونهون اتُ سندون
ڪونہ جاڻي مَنجهونِ، آوءِ بُجَهڻان ڀَهارِ تئا

(14)

"بيت سندي در وصف مقامات سالڪان واه"

جِنه پنڌِ نهايَتَ ناهِ ڪا، نہ ڪو اَنت نہ چيهُہ
سو ڪوڙين ڏسي ڪَنبِئا ڏُوران ڏاڍو ڏيهہُ
اُتِ هَلَڻُ حيرَتَ ۾ ٿِئو چيتان تُون چليهُ
اوري ڪَرِ مَ آسرو وِرچي تون مَ ويهُ
ثابِتُ ٿِيُ سُبحانَ سين، منجهہ حقيقت پيهُ
تہ سوئِي پَسينِ ڏيهُ، جِه ڪي سڪي سيَڪو

(15)

"بيت سندي وصف آثار وحدت باري تعالىٰ جلُ شانہ"

آثارين "اِلاہ" جي، اندرِ ڪئو اُهاءُ (1)
اُبيتا اُهي عنايت جي پسندي هِي شعاع (2)

(1) اصل: اثاري (اشاري؟) (2)اصل: "اپتيا اهي عنايت جي سدي يه شعا."

تين ڪَهيا ڪارُو نيارَ ڏي، متي وَهَ وهيا (1)
سندا تَنِ تڪِيا، وَجِي ڪَنِ ڪُنَنِ تئا.

## (16)

"بيت سندي در وصف صفات اصول باري تعالى"

اُصولي صِفاتين "اِله" جي، سُٽِجا گهٽا پار (2)
نَ اُوءِ عَين "ذات" سي، نَ سي ذاتيان ڌارَ
قديمُ قادِرُ سين تو، آهينِ اِهي پارَ (3)
هي جي نِرتا نُور نِبارَ پيتا سي پاڪَ پَرمل ۾ (4)

## (17)

ٻُجهي تئَن اَبوجهه، جاڻُ وجائي پاهنجو
هوئين جي سَبوجهه، تہ ٻُجههُ مَ ٻُڙي جيترو.

## (18)

"بيت سندي در وصف باري تعالى"

عَقلُ ات اوچون تئو نڪو فڪر بندُ (5)
اِجتَهادُ جو مُجتَهَدَنِ جو تِنه نہ لَڌو هَندُ
عاجِزُ اِنِ عُلُومُ ڪئا، وئو فائقَن فَندُ
اِيُ حُڪمائين حاذِقين تئو سَينِ بندُ (6)
وئو سيڪو رندُ، ري ربّ ناه ڪِين. (7)

---

(1) اصل:"متي وه ريها." (2) اصل: "اصولي صفاتي الهجي." (3) اصل:"قديم قادرسي اواهين اهي پار." (4) اصل. نرتا. هيءُ بيت بنا عنوان جي ڪتاب جي باب 19 جي وچ ۾ آيل آهي. (5) اصل:"عقل اذ اوج تئو نڪر فڪر پند." (6) اصل:"اي حڪماء حاذق تئو سبن بند." (7) اصل:"ري صرب نا هڪ."

## (19)

"بيت سنڌي در صفت باري تعالیٰ"

اولِيَا تئِن عالَمَ ۾، جِئَن سُتُونَ منجهہ گَهَرَنِّ (1)
تِنہ گهر ڪي هيڪَڙي لَڏي سَڀِ وَجَنِّ (2)
هوءِ جوڳو جَنِي جي، هُجي ساڪِنُ سدا تَنِّ (3)
مَحِي سَبَ وَجَنِّ، متي ماڳ ڏٺين ڪي. (4)

## (20)

عالَم اُيَيڪَ جَنِ جي، هُونِ سلامتَ سي
قادرُ ڪَمالَ قدرت سِين عَطا اُنِ ڏي
هوءِ مَحل ماندَ مَعُونَت قَرار قُوّت تن ڪي (5)
[گهوٽيا تِنہ] گَهِرني پُرِجت جهاپا جائيون (6)

---

(1) اصل: "اوليا تن عالم ۾ جن ستون منج ڪرن" (2) اصل: ته ڪرڪي هيڪري لدي سب وجن." (3) اصل: "هوجو ڪوجني تنجي هجي ساڪن سدا تن." (4) اصل: "محي سب وجن معي ماڪ در سڪي." (5) اصل: "هوءِ محنماند معونت قرار قوة تن ڪي" (6) اسان جي پڙهڻي بالڪل گماني آهي. اصل صورتخطي هن طرح آهي: "ڪرني پرچہ تاجا باحاي."